# ارتقا جي ڪهاڻي

ڊاڪٽر سڪندر مغل



# ارتقا جي کهاڻي

ڊاڪٽر سڪندر مغل

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
حيدرآباد - سنڌ

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# ارتقا جي ڪهاڻي

ليکڪ:- ڊاڪٽر سڪندر مغل

www.sindhsalamat.com

[ سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | — | — | ارتقا جي ڪهاڻي |
| تعداد | — | — | ٻه هزار |
| ڇپائيءَ جو سال | — | — | جون ١٩٨٥ع |
| ڇپائيندڙ | — | — | بلاول لطيف |
| ڇپيندڙ | — | — | سردار پرنٽنگ پريس |

قيمت :- Rs. 27-00
( ستاويهه )

---

هي ڪتاب بلاول لطيف، سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي پاران، سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com

# انتساب

ارپيان ٿو،
پنهنجي والد محترم غلام علي مغل (مرحوم)
جي نالي!

ڊاڪٽر سڪندر مغل

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# فهرست


| باب نمبر | مضمون جو نالو | صفحو |
| --- | --- | --- |
| — | مهاڳ | ٩ |
| باب پهريون | زندگيءَ جي ابتدا | ١٧ |
| باب ٻيو | زندگيءَ جي ارتقا | ٥٣ |
| باب ٽيون | ارتقا جا ثبوت | ٧٩ |
| باب چوٿون | زمين جي کوٽائيءَ مان ملندڙ ارتقا جا ثبوت يا ارضياتي ثبوت | ٩٧ |
| باب پنجون | ارتقا جا نظريا | ١١٨ |
| باب ڇهون | انسان جي ارتقا | ١٥٤ |
| باب ستون | انساني ارتقا واسطي سهڪاري يا مددي عنصر | ٢٠٣ |
| باب اٺون | انسان جي ذهني ارتقا | ٢٥٠ |
| باب نائون | انساني ارتقا ۾ بنيادي وضاحتون | ٢٦١ |
| باب ڏهون | ايلين مارگن جي پيش ڪيل انساني ارتقائي ڪهاڻي | ٢٧٧ |
| — | مددي ڪتاب | ٣٠٥ |
| — | انگريزي لفظ معنيٰ سميت | ٣٠٦ |
| — | پلناموں | ٣٠٩ |


www.sindhsalamat.com

سنڌي معاشرو هاڻ ان تبديليءَ لاءِ تيار ٿيندو نظر اچي ٿو، جيڪا فقط علم ۽ سائنس جي روشنيءَ سان اچڻي آهي. ان علم ۽ سائنس جي روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو هيءُ ڪتاب آهي جيڪو هن ننڍي نيٺي پر نهايت بالغ نظر اديب سڪندر مغل ڏاڍي محنت، جستجو ۽ محبت سان ويهي لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي اصطلاحن تي سڪندر مغل جيڪا محنت ڪئي آهي، اهو بذات خود هڪ وڏو علمي ڪم آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ قابل قدر خدمت آهي. هن ارتقا جي ڪهاڻيءَ کي، عام ماڻهوءَ تائين پهچائڻ لاءِ، جيڪا محنت ڪئي آهي، سا منهنجي نظر ۾، سنڌي علم ادب ۾ يادگار رهندي، ۽ هن ڪتاب کي سنڌي علم ادب ۾ به ڪجھ وقت هڪ مستقل حيثيت حاصل رهندي.

— سراج

ڪراچي
٢ جولاءِ ١٩٨٤ع

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## باب پهريون

# زندگيءَ جي ابتدا

زندگيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا کي سمجهڻ کان اڳ اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ هن ڪائنات ۾ ڪهڙي قسم جون شيون ۽ لقاءَ موجود آهن؟ ڇا انهن سڀني جي وچ ۾ ڪا هڪجهڙائي آهي؟ هن ڪائنات ۾ مجموعي طور ٻن قسمن جون شيون موجود آهن: هڪڙيون غيرجاندار (Non-living) ۽ ٻيون جاندار (Living). غيرجاندار شين ۾ پاڻي، هوا، ڌرتي، جبل، غيرناميياتي مرڪب ۽ انسان جي هٿ جون ٺاهيل شيون اچي وڃن ٿيون ۽ جاندار شين ۾ هن ڌرتيءَ تي وسندڙ سمورا ٻوٽا ۽ سمورا جانور (انسان سميت) اچي وڃن ٿا. هيءَ ڳالھ سمجهڻ کان پوءِ تہ ڪائنات ۾ رڳو ٻن قسمن جون شيون — جاندار ۽ غيرجاندار — ئي موجود آهن، اسان اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا تہ ڇا انهن ٻنهي بظاهر تمام مختلف شين جي وچ ۾ ڪو واسطو، لاڳاپو يا هڪجهڙائي آهي؟ سائنس اسان جو اهو مسئلو حل ڪري ڇڏيو آهي. سائنس تجربن جي بنياد تي ٻڌائي ٿي تہ انهن ٻن مختلف ڪائناتي شين (يعني جاندار ۽ غيرجاندار شين) جي وچ ۾ هيءَ هڪجهڙائي آهي تہ اهي ٻئي مادي (Matter) جون ٺهيل آهن: جنهن جو مطلب هي آهي تہ دنيا ۾ موجود سموريون ساهواريون توڙي غيرساهواريون شيون مادي مان ورتل آهن: اهي سڀ مادي (Material) آهن.

ان ڪري سڀ کان پهريائين اچو تہ سمورين ساهوارين ۽ غيرساهوارين شين جي ان هيڪلي ماخذ يعني مادي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون: سندس خاصيتون ۽ ڳڻ معلوم ڪريون.

www.sindhsalamat.com

## مادو ڇا آهي؟

"هر اها شيءِ يا لقاءُ جيڪو انسان جي شعور کان ٻاهر ۽ آزاد وجود رکندڙ هجي، تنهن کي مادو چئبو آهي." سائنس مطابق مادو هر اها شيءِ آهي:

– جنهن کي هڪ بيٺل "ماس" هجي.
– جنهن کي اسان پنهنجن حواسن يعني ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇهڻ، سنگهڻ ۽ چکڻ ذريعي محسوس ڪري سگهون.
– جنهن کي ڪو وزن هجي ۽
– جيڪا ڪا جڳهه پڻ والاريندي هجي.

هيءَ ڪائنات ۽ ان ۾ موجود سموريون شيون "ائٽم" کان وٺي "ماڻونٽ ايورسٽ" تائين، "اميبا" کان وٺي انسان تائين مادي جون ڏهيل آهن. 'مادي جي بقا واري قانون' مطابق مادي کي نه پيدا ڪري ٿو سگهجي ۽ نه ئي ڪيس صفا تباهه ۽ ختم ڪري ٿو سگهجي؛ البت ان کي هڪ روپ مان ٻئي روپ ۾ ضرور ڦيرائي سگهجي ٿو.

## مادي جون خاصيتون:

هونئن ته مادي جون اڪيچار خاصيتون آهن پر هتي اسان صرف انهن خاصيتن جو اڀياس ڪنداسون جيڪي تمام عام، بنيادي ۽ اهم آهن.

مادي جون اهي بنيادي خاصيتون هيٺيون آهن:

### (١) حرڪت يا چرپر (Motion)

مادو سدائين ۽ هروقت حرڪت يا چرپر ۾ رهي ٿو. ڪائنات ۾ ڪٿي به اهڙو مادو ڪونهي جيڪو حرڪت کان سواءِ وجود رکندو هجي. جتي به مادو آهي، اتي حرڪت آهي. حرڪت مادي جي وجود جو هڪ ڍنگ يا طريقو (Mode) آهي؛ مادو

www.sindhsalamat.com

## (۴) تبديليءَ جي خاصيت (Property of Change)

جدليات جي سائنس مطابق هن دنيا ۾ ڪابہ شيءِ دائمي ڪانہ ٿي ٿئي، هر شيءِ اچڻي وڃڻي ٿئي ٿي؛ هر شيءِ هڪ خاص عرصي تائين ٽڪاءُ ڪري ٿي ۽ پوءِ پنهنجي جڳهہ هڪ ٻي شيءِ کي ڏئي پاڻ ختم ٿي وڃي ٿي. هر شيءِ جي ڄمار جو تعين خود ان شيءِ ۾ موجود اندروني تضادن ۽ ٻين مادي شين سان سندس لاڳاپي جي بنياد تي ڪري سگهجي ٿو.

هنن عام ۽ بنيادي خاصيتن جي روشنيءَ ۾ مادو تبديل ٿئي ٿو ۽ ترقي ڪري ٿو؛ اهو منظم کان منظم تر ٿيندو رهي ٿو ۽ نت نوان روپ اختيار ڪندو رهي ٿو. اهو عمل اڻ کٽ ۽ لامحدود آهي.

مٿين سمورين ڳالهين کي هن نموني سهيڙي سگهجي ٿو:

'هن ڪائنات ۾ جو ڪجهہ بہ آهي اهو مادو آهي يا ان مان ورتل آهي. ڪٿي بہ اهڙو مادو ڪونهي جيڪو حرڪت کان سواءِ وجود رکندو هجي. حرڪت، جنهن جو رخ سراسري طور اڳتي ويندڙ ٿئي ٿو، مادي جي ازلي خاصيت آهي ۽ ان جي طفيل ئي مادو وجود رکي ٿو ۽ ترقي ڪري ٿو، سادي کان پيچيده ڏانهن، بهتر کان وڌيڪ بهتر ڏانهن، سولي کان ڏکئي ڏانهن، هيٺاهينءَ کان مٿاهينءَ ڏانهن! سمورين مادي شين، عڪاسيءَ جي خاصيت وسيلي هڪٻئي جو اثر وٺن ٿيون ۽ رشتن ۽ ناتن جي هڪ زنجير ۾ جڪڙيل ٿين ٿيون. ڪابہ مادي شيءِ دائمي طور ٽڪاءُ نہ ٿي ڪري سگهي. 'تلهي ليکي ارتقا نالو آهي ان ئي درجي بہ درجي ترقيءَ جو، ان ئي ڏاڪي بہ ڏاڪي اوسر جو جيڪا مادو پنهنجين مٿين ازلي ابدي خاصيتن وسيلي ماڻي ٿو ۽ نتيجي ۾ سهسين روپ اختيار ڪندو رهي ٿو.'

## ڪائنات جو خاڪو

ڪائنات ۾ موجود مادي جي چرپر ۽ ترقيءَ جو هڪ مجموعي خاڪو هن ريت آهي:

www.sindhsalamat.com

ڪروڙين سال اڳ ھيءَ ڪائنات مختلف گئسن جو ڍھيل ھڪ پرندڙ گولو ھئي؛ ان پرندڙ گولي جي ڌڙڪي ڪري سوين ڪھڪشائون (Galaxies) ٺھي پيون، جن ۾ ھزارين ننڍڙا ننڍڙا گولا شامل ھئا. اسان جو شمسي نظام اھڙين ڪھڪشائن مان ڪنھن ھڪڙي ڪھڪشان جو ننڍڙو حصو ھو ۽ ابتدا ۾ اھو بہ مختلف قسم جي گئسن جو ھڪ پرندڙ گولو ھو. ان گولي کي ڪيترن ئي قسمن جي ائٽمن ملي ڪري جوڙيو. انھن ۾ گھڻائي ھئڊروجن جي ائٽمن جي ھئي. ان گولي ۾ موجود ڪشش-ثقل يا مرڪزي ڇڪ (Gravitational Pull) جي ڪري، ڪجھ ائٽم ان جي مرڪز ڏانھن ڇڪجي ويا ۽ پاڻ ۾ گڏجي 'سج' جو روپ وٺي بيٺا؛ باقي بيا سمورا ائٽم ان نئين باصورت مرڪز يعني سج جي چوڌاري ڦرندا رھيا. اربين سالن جي عرصي ۾ اھي ائٽم ٿڌا ٿيندا ويا ۽ مرڪزي ڇڪن وسيلي الڳ الڳ گولڙن جي شڪل اختيار ڪندا ويا. آخرڪار اھي نظام شمسيءَ ۾ موجود ھاڻوڪن سيارن — زحل، مريخ، مشتري، زمين وغيره جو روپ وٺي بيٺا. اھڙي طرح اسان جي نظام شمسيءَ جي تخليق ٿي، جنھن ۾ اسان جي ڌرتي سج جي چوڌاري گردش ڪرڻ لڳي.

ابتدا ۾ ڌرتي سخت گرم ھئڻ ڪري زندگيءَ جي ڪنھن بہ روپ جي تخليق لاءِ موزون نہ ھئي؛ آھستي آھستي اھا ٺرڻ لڳي. اربين سال گذرڻ کان پوءِ ڌرتيءَ تي موجود غيرجاندار مادي مان ڪي اھڙا 'ڦڙتيلا مرڪب' پيدا ٿيا، جن ۾ ھيءَ خوبي ھئي تہ ھو پاڻ مان پاڻ جھڙا بيا مرڪب پيدا ڪري سگھيا ٿي، جن ۾ پڻ اھا پاڻ-دھرائڻ واري خاصيت (تخليق جي خاصيت) موجود ھئي. اھڙي طرح ڌرتيءَ تي پھريون دفعو ھڪ 'زنده شيءِ' جي تخليق ٿي. سائنسدانن مطابق ڌرتيءَ جي ڪل عمر پنج ارب سال آھي. جنھن تي زندگيءَ جي ابتدا اڄ کان ٽي ارب سال اڳ ٿي. غيرجاندار مادي مان ڦٽل اھا زندگي آھستي آھستي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي ترقي ڪرڻ لڳي؛ اھا سادن مان پيچيده ۾

www.sindhsalamat.com

ڳوڙها روپ اختيار ڪندي وئي، اهڙي طرح اها ٻوٽن ۽ جانورن جو روپ وٺي بيٺي. ٻوٽن ۽ جانورن ۾ وڌيڪ ارتقا ٿيڻ لڳي، جنهن جي نتيجي ۾ انهن جا لکين ڪروڙين قسم هن ڌرتي جي سيني تي اڀري آيا. جانورن جي ارتقا اڳتي هلي هڪ مرحلي تي وڏو چال ڏنو، جنهن هن ڌرتيءَ تي وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو. ان نياري ارتقائي چال هن ڌرتيءَ تي سڀني جانورن کان تيز، هوشيار، ڏاهي، چالاڪ، قُوّت ۽ خطرناڪ جانور يعني 'حضرت انسان' جي، ٻولڙن جي هڪ قسم مان ڏاڪي به ڏاڪي تخليق ڪئي. اهو جانور هيل تائين پيدا ٿيل ٻين سمورن جانورن کان مختلف ۽ اعليٰ هو، ان معنيٰ ۾ ته اهو سرڪش ۽ هوڏي جيئو فطرت سان سينو ساهڻ لڳو، ان کي زير ڪرڻ لڳو، ان جي حائل ڪيل حدبندين، پابندين ۽ رڪاوٽن کي ٽوڙڻ لڳو، جنهن ۾ هو غيرمعمولي حد تائين ڪامياب ٿيندو ويو. هو ٻين جانورن وانگر فطرت جي هٿن ۾ هڪ رانديڪو نه رهيو پر اٽلو هو فطرت کي هڪ رانديڪي وانگر نچائڻ لڳو. اهڙي طرح هن جاندار ۽ غيرجاندار دنيائن تي تقريباً مڪمل قدرت حاصل ڪري ورتي.

## غيرجاندار دنيا ۾ ارتقا

بظاهر هي فقرو 'غيرجاندار دنيا ۾ ارتقا' ڏاڍو عجيب ٿو لڳي، ڇو ته اها دنيا هر ماڻهوءَ کي هڪ بيجان ۽ بيحس مادي جي کوڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه لڳندي آهي، جنهن ۾ بظاهر ڪابه ترتيب، تنظيم يا شائستگي نظر ڪانه ايندي آهي پر حقيقت اسان جي ان مشاهدي کان بلڪل ابتڙ آهي. غيرجاندار دنيا جي ان ظاهري ۽ متاڇري بيترتيب ڏيک کي پاسيرو رکي، ان دنيا جي اونهاين ۾ پيهي وڃبو ته معاملو ٻي ڪجهه ٻيو نظر اچڻ لڳندو. دراصل هن غيرجاندار دنيا ۾ به هڪ وڏي ترتيب، سٽا ۽ تنظيم موجود آهي. ان دنيا به ڪئين ارتقائي ڏاڪا عبور ڪيا آهن. حقيقت ۾ جيڪڏهن غيرجاندار دنيا اهي مخصوص ارتقائي

www.sindhsalamat.com

ڏاڪا سَر نہ ڪري ها تہ هوند اڄ هن ڌرتيءَ تي زندگيءَ جو ڪو نالو نشان ئي نہ هجي ها! غيرجاندار دنيا ۾ آيل ارتقائي تبديلين (جيڪي سڏاري جو هڪ اڳتي ويندڙ سلسلو هيون) درحقيقت زندگيءَ جي تخليق لاءِ هڪ بنياد فراهم ڪري ڏنو، جنهن ڪان سواءِ زندگيءَ جي تخليق جيڪر ناممڪن ٿي پوي ها! غيرجاندار دنيا ۾ مادي جي ارتقا هن ريت ٿي:

(١) سڀ ڪان پهريائين مادو پنهنجي تمام ئي خسيس ۽ سادي شڪل ۾، جنهن کي ابتدائي ذرڙا (Elementary Particles) ڪوٺيو وڃي ٿو، موجود هو.

ابتدائي ذرڙا اهڙا بنيادي ايڪا آهن، جيڪي مادي کي جوڙن ٿا. هن ڪائنات جو سمورو مادو انهن ابتدائي ذرڙن جو ئي ٺهيل آهي. انهن ذرڙن مان ڪي نسبتاً جٽادار ٿين ٿا ۽ ڪي وري عارضي. اليڪٽران، پروٽان، نيوٽران، سيگما ذرڙا، اوميگا ذرڙا، نيوٽرينو مئان، ايٽا ذرڙا، فوٽان وغيره، ابتدائي ذرڙن جا چند مثال آهن.

(٢) مادو پنهنجي اوائلي شڪل يعني ابتدائي ذرڙن تائين محدود نہ رهيو پر اهو سادي ڪان پيچيده ڏانهن سفر ڪرڻ جي پنهنجي بنيادي ازلي خاصيت جي روشنيءَ ۾ اڳتي وڌڻ لڳو. ابتدائي ذرڙن منجهان نسبتاً جٽادار ذرڙا هڪٻئي سان ملي هڪ وڌيڪ بهتر ۽ منظم ترتيب ماڻڻ لڳا. هن نئين ترتيب کي ائٽم يا آڻو (Atom) چيو ويو. هي مختلف ابتدائي ذرڙن جو ميلاپ هو، جنهن ۾ اندر وچ ۾ هڪ مرڪز (Nucleus) هو، جتي ٻن قسمن جا ابتدائي ذرڙا — پروٽان ۽ نيوٽران موجود هئا. مرڪز جي چوڌاري اليڪٽران مختلف دائرن ۾ مسلسل گردش ڪري رهيا هئا. دنيا جي هر شيءِ انهن ائٽمن جي ئي ٺهيل آهي. ائٽمن ۾ موجود ابتدائي ذرڙن جي مختلف تعداد انهن کي بہ هڪٻئي کان مختلف ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح مختلف ائٽمن هن دنيا ۾ موجود ١٠٩ بنيادي شين — جن کي عنصر (Elements) چيو وڃي ٿو —

www.sindhsalamat.com

جي ظهور لاءِ هڪ مادي بنياد فراهم ڪري ڏنو. هيليم، هائيڊروجن، آڪسيجن، ڪاربان، نائٽروجن، سلفر، لوهه، چاندي، سون، يورينيم، پلاٽينيم وغيره اهڙن عنصرن جا مثال آهن.

(٣) ائٽمن جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ انهن ۾ وڏيڪ سڌارو اچڻ لڳو. اهي گهڻو ڪري آزاد حالت ۾ جدا نه ٿي رهي سگهيا. ان ڪري اهي هڪٻئي سان ميل ميلاپ ڪرڻ لڳا ۽ ارتقائي چال ڏئي هڪ ئي نئين پر پاڻ کان وڌيڪ منظم ۽ ترتيب يافته صورت جنهن کي ماليڪيول يا پر-آٽو (Molecule) چئبو وجي ٿو، اختيار ڪرڻ لڳا. ماليڪيول مادي جو اهو ننڍي ۾ ننڍو ذرو هو جيڪو آزاد حالت ۾ ڪائنات ۾ رهي سگهيو ٿي ۽ اصلي عنصر جون خاصيتون برقرار رکي سگهيو ٿي.

(٤) هن ڏاڪي تي، مختلف قسم جي ائٽمن جا ٺهيل ماليڪيول هڪٻئي جي ويجهو اچڻ لڳا ۽ پاڻ ۾ ڪيميائي عمل وسيلي گڏجي هڪ ڪيميائي مرڪب (Chemical Compound) ٺاهڻ لڳا.

(٥) ڪيميائي مرڪبن جي شروعاتي حالت ماليڪيولن جي تعداد ۽ ترتيب جي لحاظ کان، تمام سادي ۽ خسيس هئي. انهن مرڪبن کي اڄ اسان غيرناميائي مرڪب ( In-organic Compounds) ڪوٺيون ٿا.

(٦) اڳتي هلي انهن غيرناميائي مرڪبن ۾ وڌيڪ سڌارو اچڻ لڳو. انهن ۾ نه رڳو عنصرن جو تعداد وڌڻ لڳو پر ماليڪيولن جي ترتيب به اعليٰ ۽ معياري قسم جي ٿيڻ لڳي. هڪ مرحلي تي انهن غيرناميائي مرڪبن ۾ ماليڪيولن جي ترتيب ايڏي ته شاندار، منظم ۽ شائستگيءَ واري ٿي وئي جو پوءِ اهي مرڪب، بين غيرناميائي مرڪبن کان بنهه مختلف ۽ آتم محسوس ٿيڻ لڳا. انهن مرڪبن کي اڄ اسان ناميائي مرڪبن (Organic Compounds) جي نالي سان ياد ڪيون ٿا.

www.sindhsalamat.com

(٥) هي ارتقائي ڏاڪو، غيرجاندار مادي جي جاندار مادي ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو ڏاڪو هو، جنهن ۾ ڪن عمده نامياتي مرڪبن منجهان 'پهرين زنده شيءِ' وجود ۾ آئي.

## زندگي ڇا آهي؟

هتي اسان زندگيءَ جي شاعرانه، فلسفيانه يا مذهبي تشريح پيش ڪونه ڪنداسون، بلڪ توس سائنسي تشريح پيش ڪنداسون. سولن ۽ مختصر لفظن ۾ زندگيءَ جي وصف هيءَ آهي:

"زندگي هڪ اهڙي هستي يا طاقت آهي:

(١) جيڪا پاڻ مان پاڻ جهڙي هڪ ٻي هستيءَ کي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندي آهي ۽ نئين پيدا ٿيل هستي پڻ ساڳي صلاحيت رکندي آهي.

(٢) جيڪا پاڻ ۾ تبديليءَ جي صلاحيت رکندي آهي ۽ اهڙيون تبديليون پنهنجي اولاد ۾ منتقل ڪري سگهڻ جي قابل هوندي آهي.

(٣) جيڪا آسپاس جي ماحول مان پنهنجي وجود جي بقاءَ ۽ واڌ ويجهه لاءِ فائديمند جزا چونڊي وٺندي آهي ۽ نقصانڪار جُزا ٽوڪاري ڇڏيندي آهي. سائنسي زبان ۾ زنده شيءِ جي هن ڪرت کي ڏيڇ-گهڙ جو عمل (Metabolism) ڪوٺيو وڃي ٿو. هڪ ننڍڙي اميبا ۽ هماليه جبل جي وچ ۾ اهو ئي فرق آهي ته هڪڙي ۾ اهو ڏيڇ-گهڙ جو عمل موجود آهي ۽ ٻئي ۾ اهو موجود ڪونه آهي."

هن دنيا ۾ موجود سمورين زنده شين ٽن بنيادي مرڪبن جون ٺهيل ٿين ٿيون، جيڪي سڀ نامياتي قسم جا مرڪب هوندا آهن:

1. پروٽين يا لحميات (آني ۽ گوشت ۾ جهجهي مقدار ۾ هوندو آهي).
2. نشاستو (کنڊ، ڪڻڪ، چانورن ۽ پٽاٽي ۾ موجود هوندو آهي).

www.sindhsalamat.com

3. چربي (گيهہ، مکڻ ۽ سڻيئن شين ۾ موجود هوندي آهي).

انهن ٽنهي مرڪبن مان پروٽين جي اهميت اڃا به وڌيڪ آهي ڇو ته:

(الف) هڪ جانور جو جسم گهڻي ڀاڱي ان پروٽين جو ٺهيل هوندو آهي.

( ب ) زندگيءَ کي دهرائڻ واري مادي (يعني ڊي.اين.اي D.N.A) لاءِ ان پروٽين جو هجڻ لازمي هوندو آهي.

اينگلس زندگيءَ جي وضاحت هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

"زندگي، پروٽيني جسمن جي وجود جو هڪ روپ آهي، جن جو بنيادي فرض پاڻ ڪان ٻاهر موجود فطري ماحول سان لڳاتار حياتياتي ڏيتي-ليتي (Metabolic Exchange) قائم رکڻ آهي ۽ زندگي ان حياتياتي ڏيتي-ليتيءَ جي ختم ٿي وڃڻ سان خود به ختم ٿي ويندي آهي."

## زندگي ڪيئن پيدا ٿي؟

شروع شروع ۾ ڌرتي تمام گهڻو گرم هئي، جنهن ڪري اها زندگيءَ جي ڪنهن به روپ لاءِ ناموزون هئي پر ڪروڙها سالن جي طويل عرصي ۾ اها آهستي آهستي ٿڌي ٿيڻ لڳي. ان وقت ڌرتيءَ تي موجود هئڊروجن ائٽم جيڪي تمام وڏي اڪثريت ۾ هئا، ڏاڍا ڦڙتيلا، حرڪتي ۽ چست هئا، جنهن ڪري اهي آڪسيجن سان ملي پاڻي، نائٽروجن سان ملي امونيا گئس ۽ ڪاربان سان ملي ميٿين گئس ٺاهڻ لڳا. اهي سادا غيرناميانتي مرڪب هئا. اڳتي هلي انهن سادن مرڪبن جو هڪٻئي سان ميل-جول قائم ٿيو ۽ نتيجي ۾ سادا ناميانتي مرڪب — نشاستو، پروٽيني تيزاب (Amino acids)، سڻيا تيزاب (Fatty Acids) وغيره ٺهڻ لڳا، جيڪي اڳتي هلي زندگيءَ جي تخليق جو پيش خيمو ثابت ٿيا. ڪيليفورنيا يونيورسٽيءَ جي سائنسدان اسٽينلي. ملر ١٩٥٣ع

www.sindhsalamat.com

۾ اها ڳالهه هڪ تجربي ذريعي ثابت ڪئي ته امونيا، پاڻي ۽ ميٿين جي گڏيل عمل سان نشاستو، سٺيا تيزاب ۽ نائٽروجني تيزاب (زنده شين جي بنياد يعني پروٽين جا ترڪيبي جزا) ٺهن ٿا.




فلوريڊا يونيورسٽيءَ جي ڊبليو- فاڪس سڊنيءَ (١٩٥٧) جي ڪيل تجربن مان وري اِن حقيقت جو انڪشاف ٿيو ته جيڪڏهن ارڙهن يا ويهه پروٽيني تيزاب پنهنجي رجڻ پد (Melting Point) ڏاڍين گرم ڪيا وڃن ۽ بعد ۾ يڪدم ٿڌا ڪيا وڃن ته پوءِ اهي تيزاب هڪٻئي سان ڳنڍجي لڙهين يا زنجيرن (Chains) ۾ پوئجي بيهندا، بلڪل اهڙين جهڙن اهي پروٽين جي ڪنهن ماليڪيول ۾ ترتيب ڏنل هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com

جيئن جيئن ڌرتي وڌيڪ ٿڌي ٿيندي وئي، تيئن تيئن فضا ۾ موجود آبي بخارن کي ڌرتيءَ جي سيني تي ڍُنڍن، تلائن، ڍنڍن ۽ سمنڊن جو روپ وٺي بيهڻ ۾ آساني ٿيندي وئي. ڌرتيءَ تي موجود سمنڊُ ڄڻ ته سادن نامياتي مرڪبن جا خزانا ٿي پيا. انهن سادن نامياتي مرڪبن مان هاڻي وري وڌيڪ پيچيده، گهوڙها ۽ منظم ٿيل نامياتي مرڪب ٺهڻ لڳا. اهڙيءَ طرح فاسفيٽ، پروٽين ۽ مرڪزي تيزاب (Nucleic Acids) وجود ۾ آيا. مرڪزي تيزابن ۾ اهـا خاصيت هئي ته اهي پاڻ کي دهرائي يا ٻٽو ڪري ٿي سگهيا. اهو ناميانِي مرڪب جنهن زندگيءَ جي ابتدا ڪئي هوندي سو ڊي. اين. آي (D.N.A يا ڊي آڪسي رائيبو نيو ڪليئڪ ائسڊ) هوندو ڇو ته ان ڊي. اين. آي ۾ پروٽين ۽ مرڪزي تيزاب موجود هوندا آهن ۽ اهو ٻٽي ٿيڻ واري عمل ( Replication ) ذريعي پاڻ جهڙو ٻيو ڊي. اين. آي پيدا ڪري سگهندو آهي. اهو نامياتي مرڪب (يعني ڊي. اين. آي) اڄ به هر گهرڙي (Cell) ۾ وراثت ( Heredity ) جو هڪ ايڪو آهي. اهو نه صرف ڪنهن سرشتي ۾ اندر ٻٽي ٿيڻ واري عمل کي دهرائي سگهي ٿو پر ان سرشتي کان ٻاهر به ان عمل کي دهرائي سگهي ٿو.

## زنده ۽ غيرجاندار شين جي وچ ۾ ارتقائي رشتو

مادي جي بنيادي خاصيتن جي روشنيءَ ۾ هڪ زنده شيءِ جو بحيثيت هڪ مادي جسم هئڻ جي، مرده يا غيرجاندار شين سان هن نموني ارتقائي رشتو ملي ٿو:

ابتدائي ذرڙن کان وٺي سادن نامياتي مرڪبن تائين مادي ۾ عڪاسيءَ جي خاصيت، مردار يا بي-وس (Passive) قسم جي هئي يعني هڪ مادي شيءِ پنهنجي وجود جي بقا ۽ نشو و نما لاءِ ماحول جي نقصانڪار ۽ فائديمند جزن جي وچ ۾ ڪا به تميز يا فرق نٿي ڪري سگهي، انهن جي چونڊ يا تميز ۾ پنهنجو ڪو وس نه ٿي استعمال ڪري سگهي. پر نامياتي مرڪبن جي

www.sindhsalamat.com

ڦٽيءَ سان سموري غيرجاندار مادي دنيا ۾ هڪ وڏو انقلاب اچي لڳو. نامياتي مرڪبن مان ڪي مرڪب اهڙا به ٺهي لڳا جن ۾ عڪاسيءَ جي خاصيت هڪ اعليٰ سطح تي پهچي لڳي؛ ان خاصيت ۾ هڪ زبردست ترقي اچي لڳي، اها غيرجاندار مادي جي بي-وس عڪاسيءَ مان مٽجي ٿيپي هڪ وس واري عڪاسي (Active Reflection) ۾ بدلجي لڳي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته هن ڌرتيءَ جي سيني تي هاڻي هڪڙا اهڙا مرڪب به پيدا ٿيڻ لڳا جيڪي پنهنجي وجود جي بقاءَ ۽ واڌ ويجهه لاءِ ماحول جي فائديمند ۽ نقصانڪار جزن يا اثرن جي وچ ۾ تميز ڪرڻ لڳا، انهن مان دل پسند چونڊ ڪرڻ لڳا. اهڙو پهريون نامياتي مرڪب، سائنسدانن جي خيال موجب، جيئن اسان اڳ ۾ ٻڌائي آيا آهيون ته ڊي. اين. آءِ ئي رهيو هوندو. اهڙي طرح مادي جي بي-وس عڪاسيءَ جي خاصيت، وس واري عڪاسيءَ جي خاصيت ۾ ترقي ڪري، اهڙين مادي شين کي ظاهر ڪيو جن کي اڄ اسان ’زنده شيون‘ ڪوٺيون ٿا. وس واري عڪاسيءَ جي ان ڏي-وٺ واري روپ جنهن کي سائنس جي زبان ۾ ’پيچ-گهٽ جو عمل (Metabolism) چيو وڃي ٿو، هن ڌرتيءَ تي موجود مادي کي ٻن انتهائي مختلف قسمن — غيرجاندار ۽ جاندار مادي ۾ ورهائي ڇڏيو. مادي جي وس واري عڪاسيءَ جي خاصيت ماڻهو سان ئي زندگيءَ جو رنگين داستان شروع ٿيو. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته هر جاندار جو جسم ۽ سندس هر فعل ان ئي هڪڙي بنيادي فرض جي ادائگيءَ لاءِ مخصوص ٿيل آهن. هر جاندار اهو چاهي ٿو ته هو پنهنجي وجود جي بقاءَ ۽ نشو و نما لاءِ سندس مٿان اثرانداز ٿيندڙ ماحول کي عڪاسيءَ جي ڦڙتيلي خاصيت وسيلي صحيح نموني عڪسي يعني ان جي نقصانڪار ۽ فائديمند جزن کي صحيح سڃاڻي ۽ انهن کان پچي پري ٿئي يا کين پچي حاصل ڪري. زنده شين طرفان ٿيندڙ ماحول جي ڦڙتيلي عڪاسيءَ کي پيچ-گهٽ جو عمل چيو ويندو آهي، جيڪو ٻن ابتڙ عملن جو ميلاپ هوندو آهي. هڪ تخريبي عمل

www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي ابتدا متعلق ڪافي سائنسدانن پنهنجا پنهنجا نظريا پيش ڪيا آهن پر هتي اسان رڳو ان نظرئي جي وضاحت ڪنداسون جنهن کي گهڻي حد تائين قابل قبول سمجهيو وڃي ٿو. اهو نظريو آهي ”اوپيرن جو زندگيءَ جي ابتدا بابت نظريو.“

## اوپيرن جو زندگيءَ جي ابتدا بابت نظريو

روسي سائنسدان آئي. اي. اوپيرن ۽ انگريز سائنسدان جي. بي. ايس. هالڊيز زندگيءَ جي ابتدا بابت ساڳيا ئي نظريا پيش ڪيا پر جيئن ته اوپيرن، هالڊيز کان اڳ اهو نظريو پيش ڪيو، ان ڪري هن نظرئي کي سندس ئي نالي پٺيان منسوب ڪيو ويو آهي. اوپيرن جي نظرئي جون مکيه ڳالهيون هي آهن:

(١) هن نظرئي مطابق اهي غيرجاندار جسم جيڪي اڳتي هلي پهرين جاندار جسمن جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويا، سي پروٽين (پاليپيپٽائيڊ، پالي نيوڪلوٽائيڊ)، نشاستي ۽ اهڙن ٻين مرڪبن جي منظم ترتيب هئا.

(٢) انهن غيرجاندار ترتيبن يا ايڪن ۾ اها خاصيت پيدا ٿيڻ لڳي جو هو پنهنجي وجود جي بقا ۽ نشو و نما لاءِ گهربل فائديمند ڪيميائي ۽ طبعي جزا پنهنجي چوگرد موجود ماحول

---

← وٽ ساڳيون ئي موجود هجن پر پوءِ به انهن مان نتيجا ڪڍڻ وارو دماغ هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. ڪنهن لاءِ بصر بادي ته ڪنهن لاءِ واڳڙ وائي هوندا آهن ۽ نتيجي ۾ هڪ ئي لقاءُ يا واردات متعلق ڪن ٻه ٻـن سائنسدانن جا خيال لازمي طور هڪجهڙا نه هوندا آهن. پر مٿين سمورين حدبندين ۽ مونجهارن جو حل ــــ عمل (تجربو) هوندو آهي. هڪ سائنسدان جو پيش ڪيل خيال يا نظريو، جيڪڏهن عمل جي ميدان ۾ سچو ثابت ٿيندو آهي ته اهو معروضي طور سچو ۽ صحيح هوندو آهي، ورنه ٻي صورت ۾ اهو غلط ۽ نامڪمل هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com

تيز ڪرڻ جي ڪجهي طاقت يا صلاحيت هئي. اهڙن ڪيميائي مرڪبن کي سائنس جي زبان ۾ ڪيميائي مددگار يا تياڪڙ (Catalyst) سڏيو وڃي ٿو. اوپيرن جو چوڻ آهي ته انهن غيرجاندار جسمن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٺهندڙ پاليپيپٽائيڊن (پروٽين جي هڪ شڪل) ۾ ٿي سگهي ٿو ته اها ڪيميائي تياڪڙائيءَ (Catalytic) واري خاصيت موجود هجي. هتي به 'فطري چونڊ' وارو متو تمام اهم حيثيت ماڻي ٿو ڇو ته اهي غيرجاندار سرشتا جن تمام طاقتور ڪيميائي مددگار هٿ ڪري ورتا هئا، تن کي پنهنجو وجود برقرار رکڻ جا وڌيڪ بهتر موقعا مليا ٿي، بنسبت انهن غيرجاندار سرشتن جي، جن وٽ اهڙا طاقتور ڪيميائي مددگار موجود ڪونه هئا. اڄڪلهه هاڻي انهن ڪيميائي مددگارن، پهرئين جاندار سرشتي ۾ حياتياتي مددگار يا تياڪڙ (Enzymes) جو روپ ورتو، جن هن ۾ ڪيميائي مرڪبن ٺاهڻ جي عمل کي تمام گهڻو تيز ڪري ڇڏيو. اڄ اسان مان هرڪنهن کي اها خبر آهي ته هڪ خسيس ترين گهرڙي (Cell) جي اندر به ڪئين حياتياتي مددگار موجود هوندا آهن، جيڪي ان گهرڙي ۾ ٿيندڙ ڪيميائي ۽ طبعي عملن تي ضابطو رکندا آهن. اندازو لڳايو ويو آهي ته هن ڌرتيءَ تي وسندڙ سادي ۾ سادي هڪ گهرڙي جيوَ ۾ به اٽڪل هڪ سؤ کن حياتياتي مددگار موجود هوندا آهن. هڪ جاندار جسم ۾ موجود حياتياتي مددگار انهن حياتياتي مددگارن کان بلڪل مختلف ٿيندا آهن جيڪي جاندار جسمن کان ٻاهر وسندا آهن، ان لحاظ کان ته:

(الف) جاندار جسم ۾ موجود حياتياتي مددگار ان جاندار جي رهڻ جي مخصوص طريقي ۽ سندس سالن جي تجربي جي بنياد تي بيٺل هڪ خاص ترتيب يا واٽ مطابق اکوات ٺٽي شده ۽ هم آهنگ يا سهڪاري انداز ۾ ڪم ڪندا رهندا آهن.

(ب) حياتياتي مددگارن جو هي عمل هميشه ڌهرائبو رهبو آهي. اوپيرن جي خيال موجب غيرجاندار سرشتي ۾ منظم ۽

www.sindhsalamat.com

۾ ڌرائجندڙ خاصيتن وارن ڪيميائي مددگارن جي پيدائش، غيرجاندار جسمن جي جاندار جسمن ۾ تبديل ٿيڻ واسطي ’پهريون قدم‘ هو.

مطلب ته انهن ڪيميائي مددگارن جي اتفاقي ظهور ۽ پوءِ انهن جي تمام حساس ۽ حرڪتي پروٽين جهڙن ڪيميائي مددگارن ۾، جن کي ’حياتياتي مددگار‘ ڪوٺجي ٿو، منتخب ارتقا غيرجاندار مادي مان زنده مادي جي ڦٽڻ واري عمل ۾ يقيناً هڪ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. هيءَ حقيقت به اڄ انساني علم ۾ اچي چڪي آهي ته تقريباً سمورا حياتياتي مددگار (Enzymes) پروٽين جا ٺهيل ٿين ٿا. هڪ حياتياتي مددگار جي طاقت ۽ ڪم جي تيزيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪو به حياتياتي مددگار هڪ سيڪنڊ ۾ هڪ سئو کان مٿي ڪيميائي مرڪب ٺهرائي سگهي ٿو؛ ڏهن منٽن ۾ اهو ذري گهٽ هڪ بيڪٽيريا جيترو مال تيار ڪرائي سگهي ٿو. حياتياتي مددگارن جي حوالي سان هڪ خسيس گهڙيءَ ۾ به ايتري معلومات ڪٺي ٿيل ٿي ٿي، جيتري ’انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا‘ جي اٽڪل ڏهه ڪروڙ صفحن ۾!

سچ ته ڪيميائي ۽ طبعي عملن جي انهن منظم ۽ هڪٻئي سان ڳنڍيل سلسلن جو اهو لڳاتار دهراءُ يا ورجاءُ (Repitition) ئي آهي جيڪو سمورين زنده شين ۾ موجود ان خاصيت جو ڪنهن حد تائين ذميوار آهي، جنهن تحت اهي پاڻ جهڙيون ٻيون زنده شيون پيدا ڪري سگهن ٿيون (يعني پنهنجو پاڻ کي جسماني طور دهرائي سگهن ٿيون.)

مٿين ڳالهين جو تت هي نڪتو ته زندگي اوائلي سمنڊن ۾ موجود غيرجاندار مرڪبن مان نامياتي مرڪبن جو روپ ماڻي ڦٽي، جن ۾ پاڻ دهرائڻ جي صلاحيت موجود هئي. حقيقت هيءَ آهي ته سمورا زنده جيوَ اڄ سوڌو ائين ئي ڪري رهيا آهن، اهي پنهنجي مخصوص ٻيج ـ گهڙ جي عمل رستي ماحول مان نامياتي

www.sindhsalamat.com

ارضياتي عرصي ۾ ڌرتيءَ جي سطح تي ڪٿا ٿيندا رهيا هئا ۽ لوڏياتي پاڻيءَ ۾ ڳرندا رهيا هئا. انهن ئي ناميانتي مرڪبن هن ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي پيڙهه جو پٿر رکيو.

## پهرئين جيو جي گهرڙياتي جوڙجڪ ڏانهن پيشقدمي
(Cellular organization)

هڪ گهرڙي جي حياتياتي سرگرمي (Physiology) سنڌس حياتياتي مددگارن جي سرگرميءَ جو ئي نتيجو ٿيندي آهي، جنهن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ حياتياتي مددگارن کي گهرڙي جي تشڪيل کان اڳ وجود ۾ اچڻو پيو هوندو. حياتياتي مددگارن جي اڪثريت پروٽين جي ٺهيل آهي. هڪ اندازي مطابق زندگيءَ جي ڪنهن بہ روپ، مثلاً وائرس، کي ئي حياتياتي مددگار ٺاهڻ لاءِ پروٽيني تيزابن (Amino Acids) جا مختلف ميلاپ ڪرائڻ ۾ لکين سال لڳا هوندا. پوءِ جيئن ئي حياتياتي مددگار ٺهي جڙي راس ٿيا، تيئن ئي اهو جاندار سرشتو يعني پيدائشي ذرڙن (جيئن) (Genes) جو جهڳٽو، حياتياتي مددگارن سان ٺمٺار ٿيل هڪ مادي سان وڪوڙجي ويو جنهن کي اڄ اسان سائٽو پلازم (Cyto Plasm) چئون ٿا، ان مادي کي چوگرد گهيريندڙ هڪ سنهي چاري — پلازما چاري (Plasma Membrane) بہ پيدا ٿي. اهڙي طرح هن دنيا جو پهريون زنده جيو، هڪ مخصوص شڪل حاصل ڪرڻ لڳو. اهو سنهي چاريءَ ۾ بند ٿيل زنده مادي جو هڪ گولڙو يا ڪينهوڙو ٿي پيو جنهن کي اڄ اسان سائنس جي زبان ۾ حياتياتي گهرڙو يا خليو (Cell) ڪوٺيون ٿا. هن ڌرتيءَ تي موجود سمورا ساهوارا انهن گهرڙن جا ئي ٺهيل آهن. ابتدا ۾ اهو گهرڙو ڪنهن بہ مرڪز کان بغير هو. پر پوءِ وقت گذرڻ سان ڊي-اين-اي کي گهرڙي جي وچ ۾ يا مرڪز (Nucleus) ۾ سهيڙيو ۽ منظم ڪيو ويو. بيڪٽيريا کان سواءِ ٻين سمورن جاندارن ۾ اهو ڊي. اين. اي گهرڙي جي مرڪز ۾ ئي موجود

www.sindhsalamat.com

ٿوري بدلجندي هئي جڏهن ان جيو جي هيڪلي ابي جي پيدائشي مواد ۾ ڪڏهن ڪا اتفاقي ڦيرڦار (Mutation) واقع ٿيندي هئي. ٻين لفظن ۾ غيرجنسي طريقي فطرت ۾ يڪسانيت پيدا ڪري، ان کي هڪ رنگو ۽ محدود بڻائي ڇڏيو. ان ڪري واڌ ويجهه جي ان ٻور، تنگ، هڪ رنگي ۽ محدود انداز کي بدلائڻ لاءِ جاندار وٽ اهو ئي رستو هو ته هو پنهنجي وراثتي مواد (Genetic Material) کي هڪٻئي کان ڪٽجي اڪيلي سر ورهائڻ بدران هڪٻئي سان ٻيٽ ٿي، ان کي گڏائي ۽ ملائي ورهائن. اهڙي طرح نسل وڌائڻ جي جنسي طريقي (Sexual Reproduction) جو بنياد پيو. هن طريقي اولاد جي، سندن والدين کان لازمي طور تي مختلف هجڻ جي ضمانت ٿي ڏني. هن طريقي ۾ ٻه هڪ- گهرڙيا جاندار وراثتي موادن کي پاڻ ۾ ملائڻ ۽ پوءِ ان گڏيل مواد کي اولاد ۾ تقسيم ڪرڻ لاءِ هڪٻئي سان جسماني طور ٻيٽ (Fuse in Pairs) ٿي ويندا آهن. نسل وڌائڻ جي هن طريقي ذريعي ڦٽندڙ جاندارن کي جيئن ته ٻه والدين (Two parents) ٿين پيا، تنهنڪري اهي ڪڏهن به صفا هڪجهڙا ڪونه ٿي ٿيا ۽ نه ئي ٿيي ٿي سگهيا؛ اهڙي طرح افزائشي نسل جي هن جنسي طريقي نه رڳو جاندارن جي نسل کي وڌايو ويجهايو ٿي پر ان ۾ هڪ نواڻ يا مختلف پڻو (Variability) به پيدا ڪري ٿي ڇڏيو. هن ڌرتيءَ تي موجود زندگيءَ جي مختلف روپن سروپن ۾ خوبصورتيءَ جو گهڻو حصو ان جنس (Sex) جي بدولت ئي آهي. ٻن گهرڙن جي ملي هڪ ٿي وڃڻ سان سندن وراثتي موادَ به گڏجيو وڃن ۽ انهن وراثتي موادن ۾ موجود پيدائشي ذرڙا (Genes) لازمي طور تي نون ميلاپن ۽ ترتيبن ۾ ٿيو ويهن. ٻن مختلف گهرڙن جي پيدائشي موادن جي گڏجڻ سان جيڪو نئون گهرڙو ۽ ان مان ڦٽندڙ جيڪي نوان گهرڙا ٺهندا آهن، انهن ۾ انهن ٻنهي گهرڙن جون خاصيتون موجود هونديون آهن. اهڙيءَ ريت اڪيلن جاندارن ۾ واقع ٿيندڙ ڦيرين ڦارين

www.sindhsalamat.com

## جنسي گهرڙن جي پيدائش

جيئن اسان اڳ ٻڌائي آيا آهيون ته جنسي لڳ ۾ ٻه هڪ-گهرڙيا جيوَ پاڻ ۾ جسماني طور گڏجندا آهن. هڪٻئي سان گڏجڻ ۽ نسل وڌائڻ جي ان نئين عمل ۾ گهرڙن کي ٻن شين جي سخت ضرورت پئي، جيڪي هي هيون:

(۱) هڪٻئي سان گڏجڻ لاءِ انهن کي جسماني حرڪت يا چرپر جي ضرورت پئي.

(۲) انهن گهرڙن کي پنهنجي اندر ايتري غذا گڏ ڪري رکڻي ٿي پئي جو اها نون ڄاول جاندارن جو ان وقت تائين سهارو بڻجي سگهي جيستائين اهي پاڻ پالڻ جي لائق ٿين.

پهرين ضرورت گهڻي ۾ گهڻا چرپر ڪندڙ گهرڙا پيدا ڪرڻ ذريعي پوري ٿي پئي سگهي ۽ ٻي ضرورت وڏي ۾ وڏا کاڌ خوراڪ سان ڀرپور گهرڙا پيدا ڪرڻ ذريعي پوري ٿي پئي سگهي. انهن ٻنهي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ هڪ-گهرڙياتي جاندارن هيٺيون ارتقائي منزلون طئي ڪيون:

**پهرين منزل:** هن ۾ جنسي لڳ ڪندڙ گهرڙا (Gametes) بلڪل هڪجهڙا هوندا هئا ۽ سڀ چرپر ڪندڙ (Motile) هوندا هئا.

**ٻي منزل:** هن ۾ جنسي لڳ ڪندڙ گهرڙا هڪجهڙا ضرور هوندا هئا پر لڳ رڳو انهن ٻن گهرڙن جي وچ ۾ ٿيندو هو جن جو قدبت (Size) هڪٻئي کان مختلف هوندو هو.

**ٽين منزل:** هن منزل تي جنسي لڳ رڳو انهن ٻن گهرڙن جي وچ ۾ ٿي سگهندو هو جن مان هڪڙو تمام ننڍڙو ۽ چرپر ڪندڙ هوندو هو ۽ ٻيو تمام وڏو غذا سان ڀريل ۽ چرپر نه ڪري سگهندڙ هوندو هو. هڪ-گهرڙياتي جيوَ جو فليجيليٽ (Flagellate) ۾ هي ٽئي ارتقائي منزلون ڏٺيون وڃن آهن.

www.sindhsalamat.com

ٽين ارتقائي منزل مان معلوم ٿو ٿئي ته جنسي لڳ ڪرڻ جي انهن ٻنهي هڪبئي کان مختلف بنيادي ضرورتن (يعني چرپر به ڪري سگهڻ ۽ ساڳئي وقت تمام گهڻي کاڌي سان به پريل هجڻ) جو ڪنهن هڪ ئي قسم جي گهرڙي مان پورو ٿيڻ عملي طور ناممڪن هو، تنهنڪري جنسي لڳ ڪندڙ گهرڙن کي ٻن مختلف قسمن ۾ ورهايو ويو: هڪڙو وڏن، ٿلهن متارن، کاڌي سان پريل گهرڙن جو قسم، جيڪي چرڻ پرڻ لائق ڪونه هئا، جن اڳتي هلي، بيضن يا آنن (Eggs) جو روپ ورتو؛ ٻيو تمام ننڍڙن گهرڙن جو قسم، جيڪي گهڻي ڀاڱي رڳو هڪ مرڪز (Nucleus) تي مشتمل هئا پر تمام گهڻي چرپر ڪري سگهڻ لائق هئا، جن اڳتي هلي نر جزن (Sperms) جو روپ ورتو. اهڙيءَ طرح تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٻن گهرڙن درميان، ٻن جاندارن درميان، جسماني جنسي فرق پيدا ٿيو، جنهن جي اوائلي صورت مادي جنس جا آنا ۽ نر جنس جا نر جزا هئا. ارتقائي تاريخي نقطه نگاهه کان مخالف جنسن جي وچ ۾ هي پهريون ۽ بنيادي فرق هو. اڳتي هلي انهن جي وچ ۾ جيڪي به ٻيا جنسي فرق پيدا ٿيا، اهي هن اوائلي بنيادي فرق يعني آنا پيدا ڪندڙ هڪ جنس (مادي) ۽ نر جزا پيدا ڪندڙ ٻي جنس (نر) کان پوءِ پيدا ٿيا ۽ انهن صرف ان اوائلي فرق کي وڌيڪ نمايان ۽ مخصوص بڻايو.

ٻن جنسن درميان هي اوائلي جسماني فرق، گهڻ-گهرڙياتي جاندارن ۾، ڪم جي ورهاست (Division of Labour) سبب اچا وڌيڪ نمايان ٿيڻ لڳو. انهن جاندارن ۾ ڪم جي ورهاست گهرڙن جا مختلف ميڙا (Tissues)، عضوا ۽ سرشتا ٺاهيا، جن جي حوالي ڌار ڌار ڪم ڪيا ويا. اهڙي طرح جاندار جي نسل وڌائڻ جو ڪم هڪڙن خاص گهرڙن جي حوالي ڪيو ويو، جن کي جنسي يا پيدائشي گهرڙا (Germ Cells) چيو وڃي ٿو، ۽ باقي بچيل سموري جسم کي انهن پيدائشي گهرڙن جي مدد ۽ حفاظت ڪرڻ جي ڪم تي لڳائي ڇڏيو ويو. نر ۽ ماديءَ جي پيدائشي

www.sindhsalamat.com

طرح مختلف گهرڙن درميان ڪم جي ورهاست (Division of Labour) ٿيڻ لڳي. ڪن گهرڙن تي ماحول کان کاڌي حاصل ڪرڻ جو ڪم رکيو ويو؛ ڪن تي جسم مان خراب مادا ٻاهر ڪيڍي ڇڏڻ جو ڪم رکيو ويو؛ ڪن تي کاڌو سمورن پاڻيوار گهرڙن تائين پهچائڻ جو ڪم رکيو ويو؛ ڪن گهرڙن تي رکيو نسل وڌائڻ جو ڪم رکيو ويو. اهڙي طرح گهرڙن جي جهڳٽن يا تاندورن (Tissues) جو وجود پيو، جن ۾ اهي سڀ گهرڙا پاڻ ۾ ميڙي ٿي ويا جيڪي ڪم جي نوعيت ۽ بناوت جي لحاظ کان هڪجهڙا هئا. مختلف تاندورن گڏجي وري عضوا (Organs) ٺاهيا ۽ مختلف عضون گڏجي سرشتا (Systems) ٺاهيا (جيئن هاضمي جو سرشتو، پيشاب جو سرشتو، رت جو سرشتو، پيدائشي سرشتو ۽ تنتي سرشتو وغيره).

## چوٿون مرحلو

هن مرحلي دوران وڏيون ارتقائي تبديليون آيون:

**روشنائي ترڪيب:** اهڙا غيرنامياتي مادا جن کي آڳاٽن جيون پنهنجي کاڌي طور استعمال ٿي ڪيو، مقدار ۾ تمام ٿورا ۽ محدود هئا. ان ڪري انهن جيون کي ڪيميائي ترڪيب کان علاوه ڪنهن ٻئي طريقي ايجاد ڪرڻ جي به ضرورت پئي. جيئن ته سج جي روشنيءَ ۾ تمام گهڻي شڪتي هئي، تنهنڪري ڪن گهرڙن سج جي روشني استعمال ڪندي، پنهنجي کاڌي جو بندوبست پاڻ ڪرڻ شروع ڪيو. پنهنجو پاڻ کاڌي تيار ڪرڻ (Autotrophic Nutrition) جي هن طريقي کي روشنائي ترڪيب (Photosynthesis) چيو وڃي ٿو. هن طريقي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ انهن گهرڙن کي پنهنجي اندر هڪ خاص حياتياتي مددگار سائو مادو يا ڪلوروفل (Chlorophyll) پيدا ڪرڻو پيو، جنهن انهن جيون کي ان قابل بڻايو هو ته سج جي روشنيءَ ۾ پاڻي ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کي پاڻ ۾ ملائي پنهنجو کاڌو

www.sindhsalamat.com

پاڻ تيار ڪري سگهن. انهن ڏينهن ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي ڪاڻ ڪوٽ ڪانه هئي ڇو ته اها پرندڙ جبلن ۽ انهن سيني جاندارن جي جسمن منجهان نڪري رهي هئي جيڪي سمنڊ جو ڪاڌو استعمال ڪري رهيا هئا. نيرو- ساڻو سينور ٻهربون جهڙو هو جنهن سج جي روشنيءَ کي پنهنجي ڪاڌي تيار ڪرڻ واسطي ڪم آندو. روشنائي ترڪيب جي وجود ۾ اچڻ سان حياتياتي دنيا ۾ هيٺيون تبديليون آيون:

(١) زنده شين جو اهو ٽولو جيڪو روشنائي ترڪيب وسيلي پنهنجو ڪاڌو پاڻ تيار ڪري ٿي سگهيو، حياتياتي عالم جي ٻين سمورين زنده شين کان مختلف، نيارو ۽ الڳ ٿي ويو. حياتياتي عالم جو اهو ٽولو اڄ ٻوٽن (Plants) جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

(٢) روشنائي ترڪيب جي ميدان ۾ اچڻ سان، جاندارن جو هڪ وڏو حصو پنهنجو ڪاڌو پاڻ تيار ڪري سگهڻ جي قابل ٿيو، جيڪو ٻوٽن جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. اهڙيءَ ريت هن ڌرتيءَ تي ٻهربون پيرو ڪي جيڙو پاڻ- پريا يا خودڪفيل (Autotrophic) ٿي پيا.

(٣) روشنائي ترڪيب جي عمل ۾ ٻوٽن، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ استعمال ٿي ڪئي ۽ بدلي ۾ آڪسيجن پاڻ مان ٻاهر خارج ٿي ڪئي. اهڙي طرح آڪسيجن جو مقدار، ڌرتيءَ جي فضا ۾ وڌڻ لڳو ۽ فضا هوادار ٿيڻ لڳي.

(٤) پاڻ- پرن جيون جو ظهور، وڏن جانورن جي پيدائش ۽ ارتقا واسطي تمام اهم هو ڇو ته قوت يا شڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ- پرا جيوَ (جيڪي تيار ٿيل نامياتي ڪاڌي سان پريل ٿي ٿيا) هڪ تمام وڏو ذريعو بڻجي پيا. جيڪڏهن هن ڌرتيءَ تي پاڻ- پرا ٻوٽا نه ڦٽن ها ته هوند اڄ وڏن جانورن جو ڪو نالو نشان ئي نه هجي ها!

www.sindhsalamat.com




پتڪڙن جيون جي ارتقا
(Evolution of Micro-organisms)

www.sindhsalamat.com

گذارڻ کان پوءِ جاندار هاڻي ٻاهر خشڪيءَ تي (اج کان اٽڪل ۵۰ ڪروڙ سال اڳ) اچڻ لڳا. پوڻن کي جيئڻ ته رکو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ زمين مان پاڻي ۽ ڳريل لوڻ ضرورت ۾ هئا، ان ڪري اهي هڪ هنڌ کُپي بيهجي ويا (Stationary). ان جي ابتڙ جانورن کي زنده ڪاڏي جي ضرورت هئي، جنهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ هنن کي چُرپُر ۽ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻي ٿي پئي. نتيجتاً جانورن ۾ چرپر لاءِ گوشت ۽ هڏا، کاڌو ڳولڻ لاءِ حواس (Senses) ۽ حواسن طرفان موڪليل اطلاعن کي سمجهڻ ۽ پوءِ ان پٽاندڙ گوشت ڏانهن ضروري حڪم موڪلڻ لاءِ تنتي سرشتو (Nervous System) پيدا ٿيا. اهڙيءَ ريت جانور چرپر ڪرڻ لڳا. اهو هڪ عام مشاهدو ۽ طبعي اصول آهي ته چرپر ڪندڙ هڪ جسم لاءِ حرڪات ڪنهن هڪ خاص دائمي رخ ۾ ڏي سڀ کان وڌيڪ موثر ثابت ٿيندي آهي. ان اصول مطابق چرپر ڪندڙ جانورن جو مُهاڙو يا اڳيون حصو، سنڌن مٿو (Head) بڻجي ويو، جنهن ۾ اندر دماغ کي پڻ سهيڙيو ويو. جانورن ۾ هي عضوا پاڻيءَ ۾ اندر ئي پيدا ٿيل هئا پر ٻاهر خشڪيءَ تي اچڻ سان اهي وڌيڪ چٽيءَ طرح ظاهر ٿيڻ لڳا.

## ڇا زندگي اڄ به غيرجاندار مادي مان ڦٽي سگهي ٿي؟

زندگيءَ جي ابتدا متعلق بنيادي ڳالهين کي سمجهڻ کان پوءِ هاڻي اسان ڪن ماڻهن جي ذهنن ۾ موجود ان مونجهاري کي حل ڪريون ٿا جنهن تحت اهي همراهه اڄ سوڌو اهو سمجهندا آهن ته زندگي غيرجاندار يا مُرده مادي مان پيدا ٿيندي رهي ٿي، جا ڳالهه سراسر غلط آهي. يورپ ۾ علمي سجاڳيءَ جي تحريڪ (Rennaissance) کان پوءِ اهو ساڳيو خيال، جاندار شين جي ازخود توليد يــا ڦٽڻ جي نظرئي (Theory of spontaneous-generation) يا لاحيات مادي مان زندگي ڦٽڻ جي نظرئي (Abiogenesis) جي صورت ۾ منظرعام تي آيو ۽ ان تي وڏا

www.sindhsalamat.com

بحث ٿيڻ لڳا. ان نظرئي جو مطلب هي هو ته زندگي پنهنجو پاڻ، مرده مادي مان پيدا ٿئي ٿي، جيئن گوشت کي کليل هوا ۾ آس پاس رکڻ سان آن ۾ ڪينئان پيدا ٿي پون ٿا. پر لوئس پاسچر ١٨٦٢ع ۾ تجربن وسيلي ان نظرئي کي ڪوڙو ۽ غلط ثابت ڪيو. هن ٻڌايو ته گوشت ۾ ڪينئان ان ڪري پيدا ٿين ٿا جو ان ۾ اڳواٽ ئي ڪينئن جا آنا (Larvae) موجود هوندا آهن. جيڪڏهن گوشت کي بلڪل صاف (Sterilize) ڪري ۽ هوا ۾ موجود ننڍڙن جيوڙن (Micro-organisms) کان به لڪائي رکيو وڃي ته ان ۾ ڪنهن به قسم جو ڪوبه ڪينئون پيدا نه ٿي سگهندو آهي. اهڙي طرح پاسچر تجربي سان ثابت ڪيو ته "زندگي صرف زندگيءَ مان ئي پيدا ٿي سگهي ٿي." البت شروع شروع ۾ زندگي مرده يا غيرجاندار مادي مان پيدا ٿي آهي يعني زندگيءَ جي ابتدا، ازخود توليد واري نظرئي تحت ٿي آهي پر زندگيءَ جي هڪ دفعو پيدا ٿي وڃڻ کان پوءِ اها رڳو زندگيءَ مان ئي پيدا ٿيندي پيئي اچي، نه ڪي مرده مادي مان!" هونئن به منطقي نقطهء نگاهه کان ڏٺو وڃي ته اڄ غيرجاندار مادي مان زندگيءَ جي ڦٽڻ جو ڪوبه جواز نه رهيو آهي ڇو ته غيرجاندار مادي پاڻ مان هڪ دفعو اهڙي شيءِ پيدا ڪري ڇڏي جنهن جي بنيادي خاصيت ئي اها هئي ته اها پاڻ مان پاڻ جهڙي ٻي شيءِ پيدا ڪندي رهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته ازخود ڦٽڻ وارو نظريو صحيح نموني رڳو هڪڙو ئي دفعو عمل ۾ آيو هوندو يعني زندگيءَ جي ابتدا مهل ۽ بس! باقي هن وقت اڄ جي هن ڌرتيءَ تي اهو ازخود ڦٽڻ وارو عمل ممڪن ڪونهي. اڄ زندگي رڳو زندگيءَ مان ئي ڦٽي سگهي ٿي، هن عمل کي حياتيءَ مان حياتيءَ جي تخليق جو عمل (Biogenesis) چيو وڃي ٿو — اڄ هن ڌرتيءَ تي زندگي، غيرجاندار مادي مان ڇو نه ٿي ڦٽي سگهي؟ ان جا هيٺيان سبب آهن:

www.sindhsalamat.com

٣- ڊي- اين- اي جهڙن مرڪبن منجهان زندگيءَ جي شروعات.

٤- زندگيءَ جي غير- گهرڙياتي شڪل (Noncellular Form).

٥- زندگيءَ جي هڪ- گهرڙياتي شڪل (Unicellular Form).

٦- زندگيءَ جي گهڻ- گهرڙياتي شڪل (Multicellular Form).

٧- ٻوٽن ۽ جانورن جو ڦٽڻ.

---

www.sindhsalamat.com

## باب ٻيو

# زندگيءَ جي ارتقا

### ارتقا ڇا آهي؟

ارتقا جي لفظي معنيٰ آهي ’ڏاڪي به ڏاڪي قدرتي ترقي، واڌ، نشو و نما يا اوسر‘ ان کي انگريزيءَ ۾ Evoiutlon چيو وڃي ٿو. ناميائي يا حياتياتي ارتقا (Organic Evolution) مان مراد آهي ته هي زنده شيون پنهنجي قديم ابن ڏاڏن جون بدليل نشانيون آهن؛ اهي جيئن اڄ آهن، تيئن اڄ کان ڪروڙها سال اڳ ڪونه هيون، بلڪ اهي سادن روپن مان آهستي آهستي ترقي ڪري اسريون آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته هن ڌرتيءَ تي موجود سمورا ٻوٽا ۽ جانور اڳوڪي حالت ۾ هڪ طويل ارتقائي عمل مان گذري پهتا آهن. زندگيءَ جو اوائلي روپ هڪ سادو گهرڙو آهي. ارتقا جي ڪهاڻي سچ ته ان بنيادي وحدت يا ايڪي مان جنهن کي اسان گهرڙو (Cell) چئون ٿا، هيترين سارين ڪروڙها نباتياتي ۽ حيواني شڪلين جي ڦٽي نڪرڻ جي ڪهاڻي آهي. ارتقا، ان سوال جو جواب آهي ته آخر ان هڪ بنيادي ايڪي — گهرڙي — مان هي ڪروڙها قسمن جا ٻوٽا ۽ جانور ڪيئن ڦٽي نڪتا آهن؟ ارتقا زندگيءَ وانگر تحرڪ ۽ چرپر جي علامت آهي؛ زنده رهڻ جو اجازت نامو آهي؛ ڪمزور ۽ طاقتور جي وچ ۾ فرق جو احساس آهي، نين حالتن ۾ وجود برقرار رکي سگهڻ جي ضمانت آهي. اڄ جدليات جي سائنس اهو ٻڌائي ٿي ته جنهن شيءِ

www.sindhsalamat.com

## ڇا زنده شين ۾ ڪا تبديلي اچي سگهڻ ممڪن آهي؟

هن سوال کي جيڪڏهن ارتقا جو 'بنيادي سوال' ڪوٺجي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. جڳن کان جاندارن جي جنسن يا نسلن (Species) کي نه رڳو عام ماڻهن طرفان پر خود سائنسدانن طرفان هڪ بيٺل، ڪڏهن نه بدلجندڙ ۽ قطعي شيءِ سمجهيو پئي ويو آهي. ١٨ صديءَ کان اڳ ڪنهن به ماڻهوءَ ان ڳالهه تي شڪ نه ڏيکاريو ته جاندارن جون ذاتيون يا جنسون اڄ تائين اُئين ئي آهن، جيئن اهي پيدا ٿيل آهن. جاوا ۾ اڏامندڙ ليمرنس جي دريافت، جن کي ان دور ۾ 'ڇمڙي جي پرن وارا پولڙا' سمجهيو ٿي ويو، فرانس جي سياسي فلاسافر مانٽيسڪيو کي ١٧٢١ع ۾ هيئن لکڻ تي مجبور ڪيو:

”هيءَ (دريافت) لڳي ٿو ته منهنجي ان احساس کي صحيح ثابت ٿي ڪري ته جانورن جي ذاتين ۾ موجود فرق ڏينهون ڏينهن وڌي ۽ گهٽجي سگهن ٿا. شروع شروع ۾ تمام ٿوريون ذاتيون هيون، ان کان پوءِ اهي تمام گهڻو وڌي چڪيون آهن.“

اهڙيءَ طرح ان امڪان جي مڃتا ته هڪ ذات، ٻي ذات ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي، ارتقا جي تصور جو روح هو. بعد ۾ ڊارون ۽ هن کان پوءِ جي حياتياتي سائنس اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته جاندارن جون جنسون هڪٻئي سان لاڳاپيل، بدلجي سگهندڙ ۽ نسبتي شيون آهن.

جاندار جي هڪ جنس ۾ تبديلي اچي سگهڻ ممڪن آهي ۽ اهو پڻ ممڪن آهي ته ان جنس ۾ ايندڙ تبديلين جو نسل در نسل سلسلو، ان جي نوعيت ئي بدلائي ڇڏي ۽ حياتياتي عالم ۾ هڪ 'نئين جنس' جو اضافو ڪري.. هاڻي اسان ارتقا جي ان بنيادي سوال جو مختلف پاسن کان جائزو وٺون ٿا:

(١) زندگيءَ جي وصف پڌائيندي اسان اڳ اهو چئي آيا آهيون ته زندگي پاڻ ۾ تبديلي آڻي سگهڻ جي صلاحيت رکندي

www.sindhsalamat.com

آهي ۽ اهڙي تبديلي پنهنجي اولاد ڏانهن به منتقل ڪري سگهن جي اهل هوندي آهي.

(٢) هڪ ئي جنس جا ڪي به جانور به بلڪل هڪجهڙا ڪونه ٿا ٿين. انسانن جو مثال ٿي وٺجي ته هڪ انسان، ٻئي انسان کان ڪيترو نه مختلف ۽ بدليل هوندو آهي. ٻيو ته ڇڏيو به جاڙا ٻائر به تمام گهٽين هڪجهڙين خاصيتن هوندي به بلڪل هڪجهڙا ڪونه ٿيندا آهن.

(٣) ان کان سواءِ ساڳي جنس جي جاندارن ۾ به مختلف قسمن جا ٽولا يا نسل موجود هوندا آهن (جيئن يورپي انسان، ايشيائي انسان، آفريڪي انسان، گهريلو ٻڪري ۽ جابلو ٻڪري، برفاني رڇ ۽ جهنگلي رڇ) جيڪي پڻ اها ڳالهه ثابت ڪن ٿا ته مختلف آستانن ۾ رهڻ ڪري ساڳي ئي جنس جي جاندارن ۾ به تبديليون اچي سگهن ٿيون.

(٤) پاڻيءَ جي موافق مقدار واري زمين ۾ پوکيل ٻوٽا پٽي جڏهن جابلو زمين ۾ پوکيا ويندا آهن، تڏهن انهن ٻوٽن ۾ عجيب قسم جون تبديليون اچڻ شروع ٿينديون آهن؛ جابلو زمين ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب انهن ٻوٽن جون پاڙون تمام ڊگهيون ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ سندن ڏگها ۽ ويڪرا پن جيڪي هوندا پاڻيءَ کي ضائع ڪندا آهن، سسي سوڙها ٿيڻ لڳندا آهن، ڪڏهن ته اهي بنهه ڪنڊن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن.

(٥) انسان جي جاني دشمن — پتڪڙن جيوڙن (Bacteria) ۾ اهي صلاحيتون ڏٺيون ويون آهن ته اهي پنهنجي خلاف استعمال ڪيل دوا (Antibiotic) جي ردعمل ۾ حفاظتي اپاءَ وٺي سگهندا آهن جيڪي ان دوا جي موثر اثر کي زائل ڪري ڇڏيندا آهن. انهن حفاظتي اپائن جي سلسلي ۾ هو اهڙا حياتياتي مددگار (Enzymes) ٺاهڻ لڳندا آهن جيڪي ان نقصانڪار دوا کي ڪاٽي هضم ڪري ڇڏيندا آهن. بيڪٽيريا جي ان تبديليءَ جي صلاحيت، جديد طبي سائنس کي وڏي مشڪل ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com

ڪندو رهڻ آهي ۽ ان ڇرپر جو رخ مجموعي طور اڳتي وينديڙ هوندو آهي. زنده شيون به جيئن ته مادي جون ٺهيل آهن، تنهنڪري انهن ۾ به اها مادي جي بنيادي خاصيت — اڳتي وڌڻ جي خاصيت، سولي کان پيچيده ٿيڻ جي خاصيت، بهتر کان وڌيڪ ٿيڻ جي خاصيت، موجود ٿئي ٿي. البت انهن ۾ هيءَ خاصيت ماحول جي موجودگيءَ سبب مشروط ٿيل ٿئي ٿي.

(٢) ماحول جي تبديلي.

(٣) زنده شين جا اندروني تضاد؛

هڪ بدلجندڙ ماحول، سندس آغوش ۾ رهندڙ جاندارن کي به بدلجڻ تي مجبور ڪري ٿو. پر قدرت جو هي قانون آهي ته 'هر شيءِ ابتڙن جو ميلاپ ٿئي ٿي'، جنهن جي نشو و نما ۽ اوسر ۾ رهنما ڪردار ان شيءِ جا اندروني تضاد ٿي ادا ڪن ٿا جڏهن ته ٻاهريان تضاد بنيادي ڪُردار ادا ڪونه ٿا ڪن، البت اهي هڪ شرط جي حيثيت ضرور رکن ٿا. ان ڪري ارتقا لاءِ بنيادي عنصر زنده شين جي جسم ۾ موجود اها صلاحيت آهي، جنهن تحت اهي بدليل حالتن پٽاندڙ پنهنجي اندر تبديلي آڻي سگهنديون آهن يعني ڪٿن کان ڪٿن گهڙين ۾ به اهي پنهنجو وجود برقرار رکي سگهنديون آهن. اهڙي طرح ماحول ۾ ايندڙ تبديليون، جاندار جسمن ۾ ايندڙ تبديلين واسطي هڪ آزمائش هڪ پيش خيمو يا هڪ شرط هونديون آهن. پر ارتقا ٿيڻ يا نه ٿيڻ لاءِ بنيادي ڳالهه جاندار شين ۾ ان صلاحيت جي موجودگي يا غيرموجودگي ٿي هوندي آهي، جنهن جي معرفت اهي پنهنجي جسم ۾ نين حالتن سان ٺهڪندڙ ڦيريون ڦاريون آڻي سگهنديون آهن. جيڪڏهن جاندار جسمن ۾ اها صلاحيت هجي ئي نه ها ته پوءِ زندگي پنهنجي اوائلي سادي روپ کان مٿي اسري ئي نه سگهي ها، بلڪ امڪاني طور ختم ٿي چڪي هجي ها!

www.sindhsalamat.com

جسم ۾ تبديليون اچي وڃن ٿيون ۽ هو ڪن حالتن ۾ ته هڪ جنس مان ڦري ٻي جنس ٿي وڃن ٿا. مجموعي طور ارتقائي عمل جو رخ اڳين ٿي اڳتي ويندڙ رهيو آهي. يعني بهتر ڪان بهتر جاندار پيدا ٿيندا رهيا آهن. پر جيڪڏهن ان عمل کي خاص طور تي وٺبو ته معلوم ٿيندو: زنده شين جا اهڙا لکها ڪروڙها قسم به رهيا آهن جيڪي وجود جي ان ويڙهه ۾ پنهنجا پير نه ڄمائي سگهيا ۽ صفحهء هستيءَ تان بنهه مٽجي ختم ٿي ويا. زمين جي کوٽائيءَ مان اهڙين ڪيترن ئي زنده شين جا پٿر ٿيل ڍانچا (Fossils) هٿ آيا آهن جيڪي ڪنهن سمي هن ڌرتيءَ تي موجود هيون پر ماحول ۾ ايندڙ تبديلين جي موٽ ۾ پنهنجي اندر گهربل تبديليون نه آڻي سگهڻ جي ڏوهه ۾ ختم ٿي ويون، سندن نسل ئي برباد ٿي ويو.

هڪ جاندار نين حالتن پٽاندڙ پنهنجي اندر ڪيتريون مؤثر ۽ ٺهڪندڙ تبديليون آڻي سگهي ٿو، ان جو دارومدار هيٺين جزن تي هوندو آهي:

(١) ماحول ۾ ايندڙ تبديلين جي نوعيت يا قسم.

(٢) ان تاريخي موڙ تي زندگيءَ جي مجموعي ارتقائي سطح.

(٣) ماحول ۾ ايندڙ تبديليءَ جي رفتار ۽ شدت:

جيڪڏهن اهي ڍري ۽ سست هوندي آهي ته جاندار ان سان سٺي نموني مقابلو ڪري سگهندو پر جيڪڏهن اها تمام تکڙي، اوچتي ۽ تکي هوندي آهي ته پوءِ ممڪن آهي ته جاندار ان جو مقابلو اهڙي تيزي ۽ جوانمرديءَ سان نه ڪري سگهي.

(٤) جاندار جو قدبت (Size): جسماني طور وڏا جانور ننڍن جانورن جي ڀيٽ ۾ اوچتين تبديلين آڏو جٽاءُ نه ڪري سگهندا آهن ڇو ته انهن کي گهڻي توانائيءَ (يعني خوراڪ) جي ضرورت هوندي آهي ۽ ٻيو ته انهن جي چُرَ پُرَ جي رفتار ۽ تعداد تمام سست ۽ گهٽ هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com

(٥) جاندار جسم ۾ تبديليءَ جي صلاحيت ۽ حد:

انهن پنجن جزن جو ميلاپ هڪ خاص ماحول ۾ رهندڙ ڪن ساهوارن جي حق ۾ ٿي بيهي ٿو ته وري ڪن جي مخالفت ۾ نتيجي طور هڪڙا ساهوارا اڳي کان وڌيڪ مضبوط، قوت ۽ جٿادار ٿي بدلجي وڃن ٿا ۽ ٻيا ساهوارا اڳي کان وڌيڪ سست، ڪمزور ۽ هيٺا ٿي ماڳهين ڪن حالتن ۾ بلڪل ختم ٿي وڃن ٿا. اهو سلسلو اڄ سوڌو جاري و ساري آهي ۽ هميشه لاءِ جاري رهندو.

## ارتقا جا محرڪ جزا

ارتقا جا بنيادي محرڪ جزا هيٺيان آهن:

(الف) جاندارن جي ماحول ۾ ايندڙ تبديليون:

١. ٻرندڙ جبلن مان نڪرندڙ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار ۾ گهٽ وڌائي.

٢. ڌرتيءَ تي موجوده فضا جو پيدا ٿيڻ.

٣. آڪسيجن جو فضا ۾ آزاد حالت ۾ وجود رکڻ.

٤. ڌرتيءَ جي چوڌاري اوزوني پٽيءَ جو پيدا ٿيڻ.

٥. ڌرتيءَ تي موجود پاڻيءَ (Hydrosphere) ۾ تبديليون اچڻ.

٦. موسم جي يڪسانيت يا تبديلي.

٧. گهاٽن جهنگلن جي جاءِ تي چراگاهن يا برپٽن جو نمودار ٿيڻ.

٨. سج جي روشني.

٩. فضا، پاڻي ۽ زمين جي آلودگي.

١٠. ڌرتيءَ جي گرميءَ جي درجي ۾ گهٽ وڌائي.

(ب) بدلجندڙ ماحول جي موت ۾ خود جاندارن ۾ ايندڙ تبديليون.

(پ) جاندارن جا هڪٻئي تي پوندڙ اثر:

١. ٻين جانورن جو کاڄ ٿيڻ ۽ بيماري.

www.sindhsalamat.com

٢. جانورن جي لڏپلاڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ ٻين جانورن سان لڙائي.
٣. جانورن جي هلت چلت ۽ طبيعت جو قسم.
٤. جنسي ڀائيوار (Mate) ۽ اولاد ڄڻڻ لاءِ جڳهه هٿ ڪرڻ واسطي جانورن ۾ ڇڪتاڻ.
٥. رهڻ جي هنڌ ۽ کاڌي هٿ ڪرڻ لاءِ ڇڪتاڻ.

## ارتقا ۾ ڪنهن به مافوق الفطرت هستيءَ جو هٿ ڪونهي ٿو ٿئي

هيءَ ڳالهه پليءَ پٽ سمجهڻ گهرجي ته ارتقائي عمل ۾ ڪنهن به مافوق الفطرت هستيءَ (Metaphysical Entity) جو ڪنهن به لحاظ کان ۽ ڪٿي به ڪو عمل دخل ڪونهي ٿو ٿئي. ارتقا، مختلف مادي شين جي باهمي اثر يا لاڳاپي جو هڪ مخصوص نتيجو آهي؛ اها زنده مادي جي اڪيچار خاصيتن منجهان هڪ خاصيت آهي. اها زنده شين جي ان بنيادي اوائلي خاصيت جي هڪ توسيع آهي جنهن تحت اهي ماحول جي نقصانڪار جزن کي ڌتڪاريندڙيون آهن ۽ فائديمند جزن کي پاڻ ۾ جذب ڪنديون آهن. جهڙي نموني ڌرتيءَ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو غيرجاندار مادي مان هڪ زنده شيءِ جي پئدا ٿي پوڻ جو عمل مادي جي ڏوس قانونن ۽ خاصيتن پٽاندڙ ٿيو هو، تهڙي نموني زنده شين جي ارتقا به مادي شين جي هڪٻئي تي پوندڙ اثر ۽ مادي جي بنيادي خاصيتن جي دائري اندر رهندي ان پوندڙ اثر جي نتيجي ۾ آيل مادي تبديلين جي ڪري ئي ٿيندي آهي.

هڪ زنده شيءِ جي چوڌاري موجود ماحول ۾ جيڪي تبديليون اچن ٿيون (جيڪي ان شيءِ جي ارتقا جو ڪارڻ بڻجن ٿيون) مادي جي ازلي ابدي حرڪت، تبديلي ۽ مادي شين جي هڪٻئي تي پوندڙ اثر جو نتيجو ٿين ٿيون. ٻئي پاسي ماحول جي انهن تبديلين جي موٽ ۾ هڪ زنده جيو ۾ جيڪي تبديليون

www.sindhsalamat.com

ايندڙيون آهن، جن کي اسان ’ارتقائي عمل‘ ڪوٺيون ٿا، سي به هڪ زنده مادي جي بنيادي خاصيتن جو ئي نتيجو هونديون آهن. ارتقائي متي جي تاريخ ۾ پهريون شخص چارلس ڊارون ئي هو، جنهن ارتقائي عمل جي ان سچ تان پردو کنيو ۽ دنيا کي ٻڌايو ته ’ارتقا، ٺوس مادي قانونن ۽ اصولن پٽاندڙ ٿئي ٿي.‘

## ارتقا ڪيئن ٿي ٿئي؟

هي سوال جيئن ته جديد ارتقائي نظريي سان واسطو رکي ٿو (جنهن جي اسان اڳتي هلي وضاحت ڪنداسون) ان ڪري هتي اسان ان جي رڳو مجموعي طريقه ڪار جو ذڪر ڪنداسون ۽ ان جو مادي شين ۾ ايندڙ تبديلين جي عام اصولن ۽ قاعدن جي روشنيءَ ۾ جواب ڏينداسون.

فطرت جو اهو قانون آهي ته ڪنهن به شيءِ ۾ ايندڙ مقداري تبديليون شروع شروع ۾ ان شيءِ جي ماهيت (Quality) تي اثرانداز نه ٿينديون آهن پر وقت گذرڻ سان اهي ڪٺيون ٿينديون وينديون آهن، تان جو هڪ خاص منزل تي پهچي اهي بنيادي خاصيتي يا معياري تبديلين ۾ ڦري وينديون آهن ۽ ان شيءِ جي ماهيت ئي ڦيرائي ڇڏينديون آهن. هن قانون کي ’مقدار جو معيار ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو قانون‘ چئبو آهي. هي عام فطري قانون جاندارن جي ارتقا تي به لاڳو ٿئي ٿو. جاندارن ۾ ننڍڙيون مقداري تبديليون جيڪي انهن جي پيدائشي ذرڙن (Genes) ۾ ايندڙيون آهن، ڪٺيون ٿي انهن جي ڪنهن هڪ ڳڻ کي بدلائي وجهنديون آهن ۽ اهڙي نموني بدلجي ويل مختلف ڳڻ، نسل در نسل گڏجي هڪ جاندار جي ماهيت يا صورت ئي بدلائي ڇڏيندا آهن ۽ اهو هڪ نئين جنس ليکجڻ ۾ ايندو آهي. ان کان سواءِ هن ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ ۽ هر لقاءَ کي هڪ مواد (Content) ۽ هڪ صورت (Form) ٿيندي آهي. هن دنيا ۾ جو به مواد آهي، اهو باصورت (Formed) آهي. هڪ جاندار جو مواد هي هوندو آهي:

www.sindhsalamat.com

جيڪي غذائي سلطنت جي اعليٰ مقامن تي ويٺل هوندا آهن (جيئن ٽٽائتا جانور ۽ پکي) ۽ جيڪي پنهنجن تيز ۽ ڦڙتيلن حواسن، بهتر تنتي همآهنگي ۽ مشڪن جي بامقصد چرپر ڪري، دشمنن کي سولائيءَ سان وٽ نه ڏيندا آهن، تن ۾ ارتقا تمام تکڙي ٿيندي آهي ۽ سندن پيدائشي رفتار سست هوندي آهي. اهڙي طرح هنن مٿين عنصرن حياتياتي دنيا جي ارتقائي مرڪزن قائم ڪرڻ ۾ چڱو خاصو رول ادا ڪيو آهي.

---

www.sindhsalamat.com

# باب ٽيون

# ارتقا جا ثبوت

اهي نشانيون يا واقعاتي شهادتون جيڪي ان حقيقت کي ظاهر ڪن ٿيون ته زندگيءَ جي ارتقا ٿي آهي، تن کي ارتقائي ثبوت (Evolutionary Evidences) چيو وڃي ٿو. انهن ثبوتن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(١) اڻ سڌا ارتقائي ثبوت.
(٢) سنوان سڌا ثبوت.

## اڻ سڌا ثبوت:

جڏهن اسان پنهنجي چوڌاري موجود شين کي غور سان ڏسون ٿا تڏهن اسان کي محسوس ٿو ٿئي ته هر شيءِ ۾ ڦيرڦار، تبديلي، ترقي ۽ اوسر جو عمل رواں دوان آهي. هر شيءِ ڇڻ ارتقا پذير آهي. اسان جي ان مشاهدي مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿي ٿئي ته ارتقا هڪ وسيع، همه گير آفاقي ۽ هر طرف پکڙيل عمل آهي، جنهن کي انسان ۽ هن جي هر تخليق کان وٺي ٻوٽن، جانورن، ڌرتي، نظام شمسي، ڪهڪشائن ۽ ڪائنات تائين لاڳو ڪري سگهجي ٿو. شين ۾ موجود ان عالمگير ارتقائي خاصيت جو سرسري جائزو هي آهي:

- ڪائنات جي ابتدا ۽ ارتقا.
- نظام شمسيءَ جي ارتقا.

www.sindhsalamat.com

(انسان سميت) هڪ طويل ارتقائي عمل جو نتيجو آهن، سندن ابا ڏاڏا هنن کان بلڪل مختلف، بلڪ بنهہ الڳ جنسون هئا، جن مان اهي پيدا ٿيا ۽ جانور ڪارائتين وراثتي تبديلين جي نسل در نسل منتقليءَ ۽ فطري چونڊ واري عمل ذريعي مختلف وقتن ۽ حالتن تي ڦٽي نڪتل آهن. اهڙيءَ طرح سمورين جاندار شين ۽ هڪ مٿي مائٽي آهي، اهي سڀ زندگيءَ جي اوائلي روپن منجهان ارتقا ڪري ڦٽيون آهن. هيٺ ڏنل ثبوت ٻوٽن ۽ جانورن جي ان مٿي مائٽي ۽ ارتقائي رشتي کي ظاهر ڪن ٿا. انهن ثبوتن جو اسان هنن سرن هيٺ مطالعو ڪنداسون:

(الف) جسماني ثبوت (Anatomical Evidences).

١. بنيادي هڪجهڙايون.

٢. درجہ بندي.

٣. هڪجهڙا عضوا.

٤. زائد عضوا.

٥. ٻٽي موٽ.

٦. ڳنڍيندڙ ناتا.

٧. مفت خور جانورن جو مطالعو.

(ب) فعلي ثبوت (Physiological Evidences).

(ٻ) ڳپڙن يا ٻچڙن وارا ثبوت
(Embrynilogical Evidences).

(ڀ) جاندارن جي جاگرافيائي ورڇ مان ملندڙ ثبوت
(Geographical Evidences)

(ت) زمين جي کوٽائيءَ مان ملندڙ ثبوت يا ارضياتي ثبوت
(Palaenteological Evidences)

www.sindhsalamat.com

## (الف) جسماني ثبوت

### (١) بنيادي هڪجهڙايون (Fundamental Similarities)

مختلف جانورن ۽ ٻوٽن جي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ اهو معلوم ٿيو آهي تہ انهن جي جسمن ۾ ڪي بنيادي قسم جون هڪجهڙايون موجود آهن. اهڙين بناوتي (Structural) هڪجهڙاين جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) سڀني جاندار جسمن ۾ خاص طور تي چئن عنصرن جي ترڪيب يا ترتيب ساڳي آهي. انهن چئن عنصرن ۾ ڪاربان، آڪسيجن، هئڊروجن ۽ نائٽروجن اچي وڃن ٿا. پتڪڙي اميبا کان وٺي انسان تائين سمورن جانورن جي جسم جو اٽڪل 95% انهن چئن عنصرن تي مشتمل آهي. اها سمورين زنده شين جي وچ ۾ هڪ وڏي هڪجهڙائي آهي.

(٢) سڀني جاندار جسمن ۾ تي جزا — نشاستو، پروٽين ۽ چربي ٿوري گهڻي گهٽ وڌائيءَ سان ضرور موجود ٿين ٿا، جيڪي ٻين عنصرن سان ملي هڪڙو زندگي بخش مادو — پروٽوپلازم (Proto-plasm) ٺاهن ٿا. اهو پروٽوپلازم ئي زندگيءَ جو مادي بنياد سڏجي ٿو، جيڪو هر جاندار شيءِ لاءِ لازم ۽ ملزوم ٿئي ٿو.

(٣) جهڙي نموني هن دنيا جون سموريون شيون ائٽمن جون ٺهيل ٿين ٿيون، تهڙي نموني هن دنيا جون تقريباً سموريون جاندار شيون (ٻوٽا، جانور ۽ انسان) گهرڙن (Cells) جون ٺهيل ٿين ٿيون. اهي گهرڙا زندگيءَ جي عمارت ۾ چڻ تہ سيرن مثل هوندا آهن، جيڪي گڏجي هڪ شاندار عمارت کي جنم ڏيندا آهن. تعداد ۽ معيار جي لحاظ کان اهي گهرڙا مختلف جاندارن ۾ ٿيندا آهن. ڪي ساهوارا رڳو هڪڙي گهرڙي جا ئي ٺهيل ٿيندا آهن (جيئن اميبا، پئراميشيم) تہ ڪي وري اهڙن ڪروڙها گهرڙن جا اندازو لڳايو ويو آهي تہ هڪ انسان جو جسم هڪ هزار ڪرب گهرڙن جو ٺهيل ٿئي ٿو. زندگيءَ جي خصوصي تخليق

www.sindhsalamat.com

# زندگيءَ جو شجرو




www.sindhsalamat.com

جو نظريو (Theory of Special Creation) جاندار جسمن ۾ موجود مٿين بنيادي هڪجهڙاين جي وضاحت نه ٿو ڪري سگهي.

## (٣) جاندارن جي درجيبندي (Classfiication):

هي جاندارن جي ترتيب جو هڪ اهڙو سرشتو آهي جنهن ۾ ساڳين خصوصيتن رکندڙ جاندارن کي هڪ ٽي ٽولي ۾ رکيو ويندو آهي. حقيقت ۾ هيءَ درجيبندي دنيا ۾ موجود بيشمار جاندارن کي ڪنهن هٿرادو سرشتي يا ترتيب ۾ سهيڙي رکڻ جي حيثيت ۾ شروع ڪئي وئي هئي پر پوءِ جيئن جيئن مختلف جاندار ان فهرست ۾ شامل ٿيندا ويا، تيئن تيئن اهو سرشتو وڌيڪ سچو، حقيقي ۽ فطري بڻجندو ويو ۽ اها حقيقت پڌري ٿيڻ لڳي ته جاندارن جي وچ ۾ ڪيڏي نه گهري مٽي مائٽي موجود آهي! ڪهڙا جاندار هڪٻئي جا ويجها مٽ آهن ۽ ڪهڙا پري جا! هي سرشتو جاندارن جي هيٺين خصوصيتن کي خيال ۾ رکندي جوڙيو ويو:

١. جاندارن جي وچ ۾ موجود هڪجهڙايون.
٢. جاندارن جي حياتياتي سرگرمي (Physiology).
٣. جاندارن جي جسماني بناوت (Anatomy).
٤. جاندارن جي ڄمڻ جو عمل (Embryology).
٥. جاندارن جون عادتون.
٦. جاندارن جي جاگرافيائي ورڇ.

اهڙيءَ طرح هن سرشتي تحت دنيا جي سمورين زنده شين کي هڪ ايڪي تائين پهچايو ويو آهي؛ انهن جي وچ ۾ مٽي مائٽي کولي وئي آهي. هن سرشتي جي مطالعي سان خبر ٿي پوي ته ڪيئن نه جاندار هڪ بنيادي سادي شڪل مان مختلف لکها ڪروڙها قسمن ۾ ورهائجي ويا آهن! هن درجيبنديءَ تحت سمورين زنده شين کي ٻن وڏين دنيائن يا عالمن ۾ ورهايو ويو آهي:

www.sindhsalamat.com

١- حيواني عالم (Animal Kingdom) جنهن ۾ سمورا جانور اچي وڃن ٿا.

٢- نباتياتي عالم (Plant Kingdom) جنهن ۾ سمورا ٻوٽا اچي وڃن ٿا.

حيواني عالم کي وري ٿلهي ليکي ٻن وڏن ٽولن (Groups) ۾ ورهايو ويو آهي:

- هڪڙا ڪرنگهي دار جانور (Vertebrates) جن ۾ ڪرنگهي جو هڏو موجود هوندو آهي.




ڪرنگهي دار جانورن جو شجرو

- ٻيا بنا ڪرنگهي جانور (Invertebrates) جن ۾ اهو هڏو موجود ڪونه هوندو آهي.

## ڪرنگهي دار جانور:

ڪرنگهيدار جانورن جون پنج جماعتون (Classes) ٿين ٿيون.

(١) مڇيون (Pisces): پاڻيءَ ۾ رهندڙ.

(٢) جل ٻومي جانور (Amphibia): جَل = پاڻي + ٻونءِ = مٽي - يعني خشڪي ۽ پاڻي ٻنهي ۾ رهندڙ جانور ـــ جيئن ڏيڏر.

www.sindhsalamat.com

(٣) ريڙهياڪ جانور (Reptiles): ريڙهيون پائيندڙ جانور — جيئن ڪرڙي، نانگ وغيره.

(٤) ٿڃ پياڪ يا ٿڻائتا جانور (Mammals): ڳئون، مينهن، انسان وغيره.

(٥) پکي (Aves).

مٿين هر جماعت ۾ وري لکها قسمن جا جانور شامل هوندا آهن پر اهي سڀ ڪروڙها قسمن جا جانور جيڪي انهن مٿين پنجن ئي جماعتن ۾ شامل هوندا آهن سي سڀ جو سڀ جسماني اعتبار کان هڪٻئي ۾ هي بنيادي هڪجهڙايون ڏيکاريندا آهن:

١. انهن پنجن ئي جماعتن جي جانورن کي ڪرنگهو ٿيندو آهي.
٢. انهن سيني کي پويان پورو تنتي سرشتو ٿيندو آهي.
٣. سندن دل جسم جي اڳين حصي ۾ هوندي آهي.
٤. سندن رت جو دورو بند نلين ۾ ٿيندو آهي.

## بغير ڪرنگهي وارا جانور:

بنا ڪرنگهي جانورن (Invertebrates) ۾ وري ٩ جماعتون ٿين ٿيون:

(١) اوائلي جانور (Protozoa).
(٢) سوراخدار جانور (Porifera).
(٣) په-تها جانور (Cnidaria).
(٤) چپٽيل ڪينئان (Platyhelminths).
(٥) گول ڪينئان (Aschelminths).
(٦) ڦاڪن وارا ڪينئان (Annelids).
(٧) ڄانگها جانور (Arthropoda).
(٨) ڪونئرا کوپيدار جانور (Mallusca).
(٩) ڪنڊرا جانور (Echinodermata).

www.sindhsalamat.com

ٿو، جنهن جون شاخون ارتقائي عمل جون مختلف راهون ۽ واٽون آهن، جيڪي جانورن جي مختلف گروهن اختيار ڪيون آهن. سڀني ٽارين کي هڪ مشترڪ ٿڙ ٿائين وٺي وڃي سگهجي ٿو، جنهن جي پاڙ ۾ تمام سادي ۽ سادا جيوَ موجود هجن ٿا ۽ چوٽيءَ تي تمام منجهيل ۽ وڏا جيوَ. جسماني هڪجهڙائين جي بنياد تي جانورن جي درجيبندي ۽ اها حقيقت ته سموري حيواني دنيا کي هڪ وڻ جي صورت ۾ ظاهر ڪري سگهجي ٿو، سختيءَ سان ان حقيقت کي ثابت ڪن ٿا ته جاندارن ۾ ارتقا ٿي آهي؛ اهي سادن اوائلي روپن مان ڏاڪي به ڏاڪي سڌرندا اچوڪي روپ تائين پهتا آهن. (جيئن زندگيءَ جي شجري واري شڪل ڏيکاريل آهي.)

(٣) هڪجهڙا عضوا (Homologies)

(١) مختلف گروپن جي جانورن ۾ توڙي جو مٿاڇري نوعيت جا جسماني فرق موجود آهن ته به انهن جا بت ساڳئي ئي قسم جي بنيادي جسماني ڍانچي يا نقشي (Fundamental plan) تي ٺهيل لڳن ٿا مثال طور: جل ٻومي جانور (Amphibian) جيئن ڏيڏر، ريڙهياڪ جانور (Reptiles) جيئن نانگ، ڪرڙي؛ پکي (Aves) جيئن ڪبوتر ۽ ٿڃ پياڪ جانور (Mammalas) جيئن مينهن، گهوڙو، باندر، انسان وغيره [جيڪي سڀ ڪرنگهي دار جانورن (Vertebrates) سان واسطو رکن ٿا] هڪ هڪ جوڙو ٻانهن جو ۽ هڪ هڪ جوڙو ٽنگهن جو رکن ٿا جيڪي انهن جي زندگي گهارڻ جي مختلف طريقن پٽاندڙ مختلف نمونن ۾ ڦيري ويل آهن؛ خشڪي تي رهندڙ ڪرنگهي دار جانورن ۾ چاهي اهي جل ٻومي هجن، ريڙهياڪ هجن يا ٿڃ پياڪ هجن، ٽنگهن ۽ ٻانهن جا ٻئي جوڙا ٽنگن جي شڪل ۾ هوندا آهن جيڪي هنن کي ڌرتيءَ مٿان گهمڻ ۾ مدد ڪندڙ آهن. پکين ۾ رڳو پويون ٽنگهون ئي صحيح معنيٰ ۾ ٽنگهن جو ڪم ڏينديون آهن جڏهن ته سندن اڳيون ٽنگهون (Forelimbs)، اڏامڻ لاءِ پرن (Wings)

www.sindhsalamat.com

(Vermiferm appendix) ٽيندو آهي جيڪو وڏي آنڊي
جي مُهڙ وٽ هوندو آهي ۽ تمام ڪارائتو هوندو آهي
پر انسان ۾ آنڊي جو هي حصو تمام ٿي ننڍو ۽ سُسيل
ٿيندو آهي. ان جو ڪوبہ ڪم نہ هوندو آهي، اُلٽو اهو
هڪ بيماري اپينڊيسائٽس (Appendicitis) ڪري وجهندو
آهي، جنهن ۾ ڪيس آپريشن وسيلي ڪٽي ٻاهر ڪڍيو
ويندو آهي. ڪُونئي ۾ آنڊي جو هيءُ حصو سندس پيٽ
جيڏو وڏو ٿيندو آهي ۽ هن لاءِ وڏي اهميت وارو هوندو آهي،
ڇاڪاڻ تہ ان ۾ سندس کاڌو ايتريقدر ٿي هضم ٿي ويندو
آهي جيترو سندس پيٽ اوجهريءَ ۾! پر ماڻهو ۾ شايد
سندس آڀي ٿي هلڻ ڪري هي عضوو نهايت ننڍو ٿي
چڪو آهي. ان ۾ کاڌو سواءِ ڪن اتفاقي حالتن جي
ڪڏهن بہ داخل ڪونہ ٿو ٿئي.

(ب) پُڇ: انسان جي ڪرنگهي جي هڏيءَ جي پڇاڙيءَ ۾
هڪڙو مخصوص هڏو ڪاڪيڪس (Coccyx) موجود آهي
جيڪو انسان جي ابي ڏاڏي ۾ موجود پُڇ جي رهجي
ويل نشاني يا باقيات آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن هڏي سان
لڳ ڪي اهڙيون سُسيل مشڪون (گوشت) بہ لڌيون
ويون آهن، جيڪي ٻين پُڇ وارن ٿڃائتن جانورن ۾ ڪارآمد
هونديون آهن ۽ پڇ کي چورڻ پورڻ لاءِ ڪم اينديون آهن.

(پ) ڪَنَ جون مُشڪون: ٿڃائتن جانورن ۾ ڪن جي چوڌاري
٣ مشڪون هونديون آهن، جن جي مدد سان ڪن کي
آواز جو طرف سڃاڻڻ لاءِ هيٺ مٿي ڪبو آهي پر اهي
ٽئي مُشڪون انسان ۾ تمام گهٽو سُسيل هونديون آهن.

(ڀ) وار: انسان جي جسم تي خاص ڪري سندس سيني تي
موجود وار بہ فالتو عضون ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا.

(ت) ٽيٽيهون ڏند.

www.sindhsalamat.com

هونديون آهن، سي ظاهر ٿي پونديون آهن! اهڙن ڏاڏن ڏانهن واپس ورڻ جي هن انداز کي پوئتي موٽڻ جو عمل (Atavism) چيو وڃي ٿو. مثال:

١- انسان جي ڪن جون مشڪون جيڪي هونئن عام حالت ۾ انسان جي فالتو عضون ۾ شمار ڪيون وينديون آهن، سي ڪڏهن ڪنهن شخص ۾ تمام طاقتور ۽ ڪارائتيون ٿي پونديون آهن، ايستائين جو هو همراهه پنهنجي ڪن کي آزاديءَ سان چوري پوري سگهندو آهي.

٢- انسان ۾ پڇ جي هڏي ۽ ان جون مشڪون عام حالت ۾ فالتو عضون ۾ شمار آهن پر ڪڏهن ڪو اهڙو ٻار به ڄمي پوندو آهي جنهن کي هڪ ظاهر ظهور پڇ هوندو آهي جيڪو ڪن حالتن ۾ ٩ انچ ڊگهو به ڏٺو ويو آهي.

٣- ڪڏهن ڪنهن شخص جي جسم ۽ منهن تي وارن جي هڪ گهاٽي ٻڇ ڦٽي پوندي آهي. اهڙو مثال روس جي ڊاگ مئن (Dog man) جو آهي.

روسي ڊاگ-مين



www.sindhsalamat.com

## (٦) ڳنڍيندڙ ڪڙيون (Connecting Links):

بظاهر اڪثر جانور هڪٻئي کان تمام مختلف آهن پر ڪي اهڙا جانور به هٿ آيا آهن جن ۾ هڪ ئي وقت ٻن مختلف جانورن جون خصوصيتون ڏٺيون ويون آهن. جانورن جي اهڙن وچٿرن يا ٽياڪڙ قسمن کي — جيڪي جانورن جي ٻن مختلف ٽولن کي ڳنڍين — ڳنڍيندڙ ڪڙيون چئبو آهي اهڙن جانورن جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(1) آسٽريليا ۽ ان جي آسپاس وارن ٻيٽن ۾ هڪڙا اهڙا عجيب جانور لڌا ويا آهن جيڪي ريڙهيون پائيندڙ جانورن ۽ ٿڃائتن جانورن جي درميان آهن يعني انهن ۾ ڪي خصوصيتون ريڙهياڪ جانورن جون آهن ته ڪي ٿڃائتن جانورن جون. هونئن ريڙهياڪ (Reptiles) جانورن جون خصوصيتون هيٺيون ٿين ٿيون:

١- سندن جسم کل جي ڇلڙن سان ڍڪيل هوندو آهي.
٢- هي تمام وڏا آنا لاهيندا آهن جن ۾ زردي (Yolk) گهڻي مقدار ۾ هوندي آهي.
٣- هي پنهنجي ٻچن کي کير ڪونه ڏارائيندا آهن.
٤- کين نيڪال ۽ پئدائش لاءِ هڪ گڏيل سوراخ (Cloaca) ٿيندو آهي.

ٿڃائتن جانورن جون هيٺيون خصوصيتون ٿينديون آهن:

١- سندن جسم وارن سان ڍڪيل هوندو آهي.
٢- هي تمام ننڍا آنا لاهيندا آهن جن ۾ زردي نالي ماتر هوندي آهي.
٣- پنهنجن ٻچن کي کير ڏارائيندا آهن.
٤- کين نيڪال ۽ پئدائش لاءِ الڳ الڳ سوراخ هوندا آهن.

آسٽريليا جا اهي جانور جن ۾ ڪجهه ريڙهياڪ جانورن جون ۽ ڪجهه ٿڃائتن جانورن جون خصوصيتون موجود هونديون آهن، پروٽوٿيريا (Prototheria) سڏيا وڃن ٿا. ٻِڪ بل (Duck

www.sindhsalamat.com

جي جسم تي به ڪيترا ئي مفت خور پلجن ٿا مثلاً: مليريا جو جيوڙو، چٽيل ۽ گول ڪينئان، بيڪٽيريا، وائرس وغيره. هاڻي جيڪڏهن اهو مڃجي ته جانورن جون ذاتيون خاص طور تي خلقيل آهن، اهي ڪنهن به ارتقائي عمل جو نتيجو ناهن ته پوءِ ان جو مطلب هي نڪرندو ته هڪ جانور پنهنجن مفت خور جانورن سميت پيدا ڪيو ويو آهي، يعني انسان کي سندس تنتن ۾ پوليو وائرس سوڌو، سندس رت ۾ مليريا جي جيوڙي سوڌو ۽ سندس آنڊي ۾ چٽيل ڪينئن سوڌو خلقيو ويو آهي. ظاهر آهي ته اها سوچ سائنسي حقيقتن سان نه ٿي ٺهڪي ۽ ان جي بلڪل خلاف آهي.

(3) اهو ڏٺو ويو آهي ته جسم ۾ اندر رهندڙ مفت خور جانور هڪ پراڻ ۽ هڪ-ڪري ماحول ۾، جتي ارتقا تمام ڍري ٿيندي آهي، رهندا آهن؛ جڏهن ته انهن مفت خورن کي پاليندڙ جانور هڪ بدلجندڙ ماحول ۾ زندگي گذاريندا هوندا آهن. جنهن ڪري انهن ۾ تبديليون سندن پالتو مفت خورن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جلدي ۽ نمايان انداز ۾ اينديون آهن. نتيجي ۾ ميزبان جانور ته هڪٻئي کان ڪافي مختلف ٿي ويندا آهن پر انهن تي پلجندڙ مفت خور جانور لڳ ڀڳ هڪجهڙا ئي رهجي ويندا آهن. ان ڪري انهن هڪٻئي کان انتهائي مختلف ميزبان جانورن جي وچ ۾ رشتو سندن پاليل مفت خور جانورن جي وچ ۾ موجود هڪجهڙاين مان ڳولهي سگهبو آهي.

مثال طور: پٽان (Python) جانور ۾ اندر ڪيترا ئي اهڙا مفت خور جانور موجود آهن جيڪي ڪرڙيءَ ۾ هوندا آهن، ڪبوترن کي پنهنجن ڪنين ۾ طوطن جي ڪنين ۾ موجود مفت خور جانورن جهڙا مفت خور هوندا آهن. هرپرسمبليڪس وائرس رڳو انسان ۽ چمپئينزي ۾ لڌو ويو آهي. اهڙي طرح مختلف جانورن ۾ هنن هڪٻئي سان لاڳاپيل مفت خورن جي موجودگي، انهن جانورن جي وچ ۾ هڪ مٽي مائٽي هئڻ ڏانهن پڻ اشارو ڪري ٿي.

www.sindhsalamat.com

ساڳئي نموني رت جي پروٽين جون وڏيڪ چڪاسون اهو ڏيکارين ٿيون تہ ڪُتا، ٻلا ۽ رڇ پاڻ ۾ ويجها مائٽ آهن ۽ ڳئون، ٻڪريون، رڍون ۽ هرڻ وري پاڻ ۾ ويجها مائٽ آهن.

٥. ان کان علاوه ڪرنگهي دار جانورن جي رت مان ورتل آڪسي هيموگلوبن قلم (Oxyheamoglobin crystals) بہ جانورن جي مٿي مائٽيءَ کي واضح ڪن ٿا. هڪ ئي ذات جي جانورن ۾ اهي قلم بلڪل ساڳيا ٿين ٿا، هڪجهڙيون خاصيتون ڏيکارين ٿا، جڏهن تہ غير ذات جي جانورن ۾ اهي قلم هڪٻئي کان تمام گهڻو مختلف ٿين ٿا. اهڙي طرح هنن قلمن جي اڀياس وسيلي مختلف جانورن جي وچ ۾ مٿي مائٽي ڳولهي سگهجي ٿي ۽ سندن بڻ (Ancestry) معلوم ڪري سگهجي ٿو.

٦. رت جا گروپ (Blood groups) بہ ارتقا جا فعلي ثبوت فراهم ڪن ٿا. انسان جي رت هنن چئن گروپن اي (A)، بي (B)، اي-بي (A B) ۽ او (O) منجهان ڪنهن بہ هڪ گروپ واري هوندي آهي. اهو ڏٺو ويو آهي تہ اي ۽ بي گروپ جي رت انسان نما بنا پڇ باندرن (Apes) ۾ بہ موجود ٿئي ٿي، پر اها عام رواجي باندرن (Monkeys) ۾ موجود ڪونہ ٿي ٿئي. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ انسان عام رواجي باندرن (Monkeys) جي ڀيٽ ۾ آدم نما باندرن (Apes) جو وڌيڪ مٽ آهي ۽ بنا پڇ باندرن ۾ (نہ ڪي عام باندرن ۾) انهن بيمارين جي ٿيڻ جو گهڻو امڪان هوندو آهي جيڪي انسانن ۾ ٿينديون آهن.

٧. بنا نلين وارن غدودن (Endocrine Glands) مان نڪرندڙ هارمونز (Harmones) مختلف جانورن ۾ هڪجهڙا اثر ڏيکاريندا آهن. مثلاً: ڳچيءَ وارو اڻ-نلڪيو غدود (Thyroid Gland) پچ-گهٽ جي عمل (Metabolism) تي ضابطو رکندو آهي. ڏٺو ويو آهي تہ ان غدود جي رطوبت جي گهٽتائيءَ واري صورت ۾ جيڪڏهن انسان کي ڪنهن چوپائي مال جو ڳچيءَ وارو اڻ-نلڪيو غدود کارائبو آهي تہ ان ماڻهوءَ جو پچ-گهٽ جو

www.sindhsalamat.com

جانورن جي هن موجوده ورهاست جي. هڪ معقول تشريح
تڏهن ٿي پيش ڪري سگهجي ٿي جڏهن اهو سمجهيو وڃي ته
هن ڌرتيءَ تي آيل (۽ ايندڙ) زميني تبديلين، جانورن واسطي مختلف
قسمن جون رڪاوٽون ڪڙيون ڪري ڇڏيون آهن. جن جانورن
جي ٽولن کي هڪبئي کان الڳ ٿيڻ ۽ ڦهلجڻ ۾ مدد ڪئي آهي.
پنهنجن اصلي هنڌن تان لاڏاڻو ڪري ويل جاندارن ۾ نئين ماحول
۾ رهڻ ڪري وڏيون تبديليون آيون آهن، جن جانورن جي نئين جنسن
کي پيدا ڪري وڌو آهي؛ اهڙي طرح جانورن جي هي جاگرافيائي
ورڇ ارتقا کي ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو ثبوت مهيا ڪري
ڏئي ٿي.

---

www.sindhsalamat.com

## بـاب چوٿون

# زمين جي کوٽائي مان ملندڙ ارتقا جا ثبوت يا ارضياتي ثبوت

(Palaeontological Evidences)

ارتقا بابت ملندڙ ثبوتن منجهان سڀ کان وڌيڪ صحيح، حقيقي ۽ سچا ثبوت ارضياتي يا زميني ثبوت ئي آهن ڇو ته هنن ثبوتن ۾ زندگي پنهنجين پورين ارتقائي رنگينين سميت سانڍل لڌي وئي آهي، يعني خود اهي حقيقي زنده شيون پنهنجي ارتقا جي مختلف مرحلن دوران جيئن هيون، تيئن ئي اهي زمين ۾ موجود لڌيون ويون آهن. ٻين لفظن ۾ زمين ۾ دفن ٿيل زندگي پنهنجي ارتقائي ڪهاڻي خود ئي ٻڌائي ٿي. ان ڪري زميني ثبوت ارتقا کي ثابت ڪرڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ مؤثر، معقول ۽ سچا ثبوت آهن. اهو ئي سبب آهي جو انهن ثبوتن تي ڪلهي نموني ڳالهائڻ لاءِ اسان هن ڪتاب جو هڪ پورو باب مخصوص ڪري رهيا آهيون.

ڌرتيءَ جو مٿاڇرو تهه يا پٽو (Crust) پهاڙين جو ٺهيل آهي جنهن کي ٻن قسمن جون آهن:

(1) اهي پهاڙيون، جيڪي ڌرتيءَ جي پگهريل مادي، جيڪو ڌرتيءَ جي جمڻ وقت جتي ڪٿي ڦهليل هو، جي ڄمي وڃڻ يا ٿڌي ٿي وڃڻ ڪري وجود ۾ آيون آهن. هنن پهاڙين ۾ زندگيءَ جو ڪوبه نالو نشان موجود نه آهي.

www.sindhsalamat.com

جي مقدار معلوم ڪرڻ سان ان پٿرايل ٻوٽي جي عمر جو تخمينو لڳائي سگھبو آهي.

(٢) تابڪاري طريقو (Radioactivity Method): هن طريقي ۾ پٿرايل هڏن ۽ ڏندن ۾ موجود تابڪاري* کي ڪم آندو ويندو آهي. پٿرايل هڏا ۽ ڏند زمين ۾ اندر موجود تابڪاري عنصرن جيئن يورينيم وغيره، کي پنهنجي اندر چُھي وٺندا آهن. ان ڪري جيتري گھٽي هڪ پٿرايل ڊانچي ۾ تابڪاري موجود هوندي، اوتري گھٽي ان جي ڌرتيءَ اندر رهڻ جي عمر هوندي.

(٣) تابڪار ڪاربان وارو طريقو (Radioactive Carbon Method) هن جديد طريقي تحت هڪ پٿرايل ڊانچي جي قطعي عمر به معلوم ڪري سگھجي ٿي يعني زمين جي عمر جي حوالي کان سواءِ به هڪ ڊانچي جي صحيح عمر لھي سگھجي ٿي. هن طريقي جو دارومدار هڪ ڊانچي ۾ تابڪار ڪاربان (C 14) ۽ عام رواجي ڪاربان (C 12) جي نسبتي مقدارن تي هوندو آهي. زنده شيون تابڪار ڪاربان کي ماحول مان حاصل ڪنديون رهنديون آهن، جيڪو پوءِ انهن جي جسم ۾ هڪ مقرر ٿيل شرح يا رفتار سان ڳرندو رهندو آهي*

ڪاربان لاءِ اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته اٽڪل ٥٦ سؤ سالن کان پوءِ ان جو مقدار اڳي جي ڀيٽ ۾ اڌ جيترو ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح تابڪار ڪاربان جي مقدار مان پٿرايل ڊانچن جي جھوناڻپ جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو.

---

* هن شرح کي تابڪار عنصرن جي اڌ-ڄمار (Half Life) چيو ويندو آهي، اڌ-ڄمار اهو وقت ٿيندي آهي جنهن ۾ هڪ تابڪار عنصر تابڪاري عمل ذريعي ڳري ڳري پنهنجي اصلي مقدار جو پورو اڌ ٿي ويندو آهي. مختلف عنصرن جي اڌ-ڄمار مختلف ٿيندي آهي؛ ڪن جي اها چند سيڪنڊ هوندي آهي ته ڪن جي هزارين سال!

www.sindhsalamat.com

## ارضياتي وقتي پئمانو (Geological Time Scale):

زمين تي وسندڙ زندگيءَ جي روپن جي ارتقا کي واقعاتي نقطهءِ نگاهه کان سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته وقت جو ڪاٿو خود زمين جي ارتقائي تاريخ جي حوالي سان ڪيو وڃي. ان خيال کي سامهون رکي ارضياتي ماهرن هڪ وقتي پئمانو (Time Scale) ناهيو آهي، جيڪو زمين جي مختلف هنڌن ۾ محفوظ ٿيل پٿرن جي عمر تي ٻڌل آهي. هن پئماني موجب ڌرتيءَ جي پراڻن ۾ پراڻن جبلن جي چار هڪ ارب پنجهتر ڪروڙ سال پڌائي وئي آهي. انهن جبلن جي گهرائي نوَ ميل چوني ۽ نوَ ميل مٽي ۽ واريءَ جي برابر آهي. هنن جبلن کي وقت جي حوالي سان آدجڳادي يا آرڪيوزئاڪ جبل (Archaeozoic) ڪوٺيو وڃي ٿو ۽ زمين جي ان خاص زماني، جڳ يا سمي کي جنهن ۾ اهي جبل موجود هئا يا ٺهي جڙي راس ٿيا، 'آدجڳادي جڳ' چيو وڃي ٿو. هن جڳ جي ختم ٿيڻ سان ٻين جڳن جو وارو آيو، جن ۾ وري نون قسمن جا جبل ٺهندا رهيا ۽ پنهنجي وقت جون زندگيون پنهنجي سيني ۾ سانڍيندا رهيا. ارضياتي ماهرن مختلف جڳن جي تحقيق ڪري، انهن جي وڏيڪ درجيبندي ڪئي آهي، جنهن مطابق جڳن ( Eras ) کي مختلف عرصن (Periods) ۾ ۽ عرصن کي وري مختلف زمانن يا دورن (Epochs) ۾ ورهايو ويو آهي.

ارضياتي تحقيق مان هيٺين جڳن جي خبر پئي آهي جيڪي هڪٻئي پٺيان سلسليوار نموني آيا:

(الف) آدجڳادي جڳ (Archaeozoic Era)
( ب ) اوائلي جڳ (Protreozoic Era)
( ٻ ) پراڻو جڳ (Palaeozoic Era)
( ڀ ) وچون جڳ (Mesozoci Era)
( ت ) نئون جڳ (Cenozoic Era)

www.sindhsalamat.com

هائي ڏسجي ته زندگيءَ جي ارتقا انهن مخصوص ارضياتي جڳن جي حوالي سان ڪيئن ٿي آهي ته جيئن پوءِ اها ترتيب يا سلسلو هٿ ڪري سگهجي جنهن پٽاندڙ زندگيءَ ارتقا ڪئي آهي ۽ ڪري رهي آهي.

## (الف) آدجڳادي جڳ (Archaeozoic Era)

هن جُڳ دوران ئي زندگيءَ جي ابتدا ٿي. غيرنامياتي مرڪبن هڪٻئي سان ميل ميلاپ ڪري زنده مرڪب ٺاهيا. هن جڳ جي پٿرن جو جاگرافيائي نقطئہ نگاهہ کان مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته هي جڳ ٻرندڙ جبلن جي ڦاٽڻ، نون جبلن جي ڦٽڻ ۽ لٽٽ وارن پٿرن جي ٺهڻ جو جڳ هو. زندگيءَ جي اوائلي روپن جي ٻوٽن ۽ جانورن ۾ ورهاڱو به هن ئي جڳ ۾ ٿيو. هن جڳ ۾ رهندڙ جاندارن بابت معلومات اڻ سڌي نوعيت جي آهي. ڇوڙي جو هن جڳ جا سڃاڻپ لائق پٿرايل ٻوٽا (Fossils) پٿرن ۾ موجود ڪونہ آهن پر پوءِ به پٿرن ۾ ڪوئلي جهڙي شيءِ جا انبار لڌا ويا آهن، جيڪي ٿي سگهي ٿو ته لوهہ، گندرف ۽ ڪوئلو استعمال ڪندڙ بيڪٽيرين جي سرگرمين جو ئي نتيجو هجن. هي جُڳ ٤ ارب، ٣ ڪروڙ سال پراڻو ۽ هڪ ارب ٥٣ ڪروڙ سال ڊگهو جُڳ آهي. هن جڳ جي پوين ٥٠ ڪروڙ سالن دوران ئي زندگيءَ جي ابتدا ٿي.

## (ب) اوائلي جڳ (Protreozoic Era)

آدجڳادي جڳ جي ختم ٿيڻ سان ئي سمورا ڪنڊ مٿي اڀري آيا ۽ وڏن سمنڊن ۾ لٽ وارا پهاڙ (Sedimentary Rocks) پيدا ٿيڻ شروع ٿيا. زندگي هن جڳ جي هڪ ارب سالن تائين به سمنڊ اندر محدود رهي پر جانور بهرحال ان عرصي دوران مک ٽولن (Phyla) ۾ ورهجي چڪا هئا. هن جڳ جي پهاڙن ۾ بيڪٽيريا،

www.sindhsalamat.com

يعني ريڙهياڪ جانور ۽ جيت تعداد ۾ سِيني ڪان گهڻا گهٽ لڳا. هن عرصي جو وڏي ۾ وڏو واقعو ڪنهن ريڙهياڪ جانور منجهان ٿڃائتي جانور (Mammal) جو ڦٽي نڪرڻ هو.

## (ب) وچون جُڳ (Mesozoic Era)

### [ريڙهياڪ جانورن جو دور]

هي جُڳ جيڪو 16 ڪروڙ سالن تائين ڦهليل هو، اڄ کان 6.5 ڪروڙ سال پراڻو آهي. هن جُڳ ۾ دنيا خشڪ ۽ گرم آبهوا واري دور ۾ پير پاتي چڪي هئي جيڪا خشڪيءَ تي وسندڙ ڪرنگهي دار جانورن مثلاً ريڙهياڪ جانورن، ٿڃائتن جانورن ۽ پکين لاءِ ۽ ٻوٽن مان بنا گل ٻجدار ٻوٽن (Gyrmno-sperms) ۽ گل‌دار ٻوٽن (Angiosperms) لاءِ بيحد مناسب هئي. هن جُڳ کي ٽن عرصن ۾ ورهايو ويو آهي:

(1) ٽرائيزڪ عرصو (Triassic Period)
(2) جُرازڪ عرصو (Jurassic Period)
(3) ڪريٽيشوس عرصو (Cretaceous Period)

**(1) ٽرائيزڪ عرصو (Triassic Period):** هي عرصو ١٩ ڪروڙ سال اڳ تي گذريو آهي ۽ مخروطي وڻن (Conifers) ۽ کجي نما سائڪڊس (Cycads) جهڙن وڻن ڪري سڃاتو وڃي ٿو. هن عرصي ۾ جيئن ته پاڻيءَ جي سخت اڻاٺ هئي، ان ڪري نباتياتي دنيا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٻاڙون وجود ۾ آيون. گل دار ٻوٽا اڃا تائين وجود ۾ ڪونه آيا هئا. بنا ڪرنگهي جانورن ۾ ڪوبه فرق ڪونه آيو پر ڪرنگهي‌دار جانورن ۾ ڪافي فرق رونما ٿيا. جل ٻومي جانور گهٽجڻ لڳا. ريڙهياڪ جانورن جا ابا ڏاڏا وجود جي نون رنگن ۽ رستن تان گذرڻ لڳا. ڪرڙيءَ جهڙا گوشت خور ۽ وڏا سبزخور ريڙهياڪ جانور ان دور ۾ تمام گهڻائيءَ ۾ هئا. پر هن عرصي جي پڇاڙيءَ تي اهي به غائب ٿي ويا ۽

www.sindhsalamat.com

## باب پنجون

# ارتقا بابت نظريا

ٻوٽن ۽ جانورن جي گذريل ۽ هاڻوڪي زندگيءَ جي ڳوڙهي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن به شخص آڏو ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ شبهو نه ٿو رهي ته، جانورن ۽ ٻوٽن ۾ ارتقا ٿي آهي ۽ ٿي رهي آهي. اهڙي طرح ارتقا جي عمل کي تسليم ڪرڻ کان پوءِ هڪ انسان جي ذهن ۾ يڪدم هي سوال اٿي ٿو ته اها ارتقا ڪهڙي نموني ٿي آهي؟ ان جو طريقه ڪار ڇا رهيو آهي؟ ان سلسلي ۾ مختلف سائنسدانن ۽ مفڪرن پنهنجي پنهنجي ڪوجنا ۽ نقطهء نظر مطابق مختلف نظريا پيش ڪيا آهن. ارتقائي عمل جي آفاقيت جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته خود ارتقا جي نظرئي جي به ڇڻ ارتقا ٿي آهي. اهو به ڪافي طويل مرحلن مان گذري هاڻوڪي سائنسي سطح تي پهتو آهي. ارتقا بابت خيالن جو سرسري جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

(۱) تخليق ڪائنات جا رنگين ۽ دلفريب داستان هر مذهب ۽ هر تهذيب عجيب عجيب نموني پيش ڪيا آهن، پر انهن سڀني ۾ هڪڙي ڳالهه مشترڪ هئي ته اهي سڀ هن ڪائنات، زندگي، جانورن ۽ ٻوٽن جي تخليق کي ڪنهن مابعدالطبعياتي ، آسماني يا ازغيبي هستيءَ جي اڪيلي ڪاوش جو نتيجو سمجهندا هئا. تخليق ڪائنات ۽ حيات جي انهن رنگين ۽ دلفريب مذهبي داستانن کي هتي جيڪڏهن لکڻ ويهبو ته، هي سڄو ڪتاب به پورو ڪونه پوندو.

www.sindhsalamat.com

(٢) ارتقا جي نظرئي جي ٿـوري گهڻي سائنسي تشريح يونان کان شروع ٿي آهي. جـن يوناني ڏاهن ارتقا جي ڳالهه ڪئي، سي هي هئا:

(الف) انڪسماندر (٦١١ کان ٥٤٧ ق. م): هن صاحب ڪجهه مادي بنيادن تي پهريون ارتقائي قصو پيش ڪيو.

(ب) ايمپيڊ ڪليز (٥٠٠ کان ٤٣٠ ق. م): هن انڪسماندر کان ڪجهه اڳتي وڌيل نظريو پيش ڪيو جنهن ۾ ڊارون جي 'بقاءِ اصلح' واري متي جي پڻ ٿوري نشاندهي ڪيل هئي.

(ب) ارسطو (٣٨٤ کان ٣٢٢ ق. م): هن ڏاهي هڪ وک اڃا به اڳتي وڌائي. هن جو چوڻ هو ته ٻوٽا ۽ جانور هڪ وحدت آهن ۽ اها وحدت هڪ ڏاڪڻ مثل آهي، جنهن جي پهرئين ڏاڪي تي ٻوٽا آهن، باقي ڏهن ڏاڪن تي مختلف جانور آهن. ارسطو جي نزديڪ هڪ جاندار جي جنس يا ذات جو تعين، عضون جي حرڪتن ۽ عادتن سان ٿئي ٿو جيڪي روح جي تابع هوندا آهن.

(٣) يونان جي تباهيءَ کان پوءِ رومي سلطنت وجود ۾ آئي جنهن ۾ عيسائيت قبول ڪرڻ سان ئي تخليق جو عيسائي نظريو شروع ڪيو ويو، جنهن کي زندگيءَ جي خصوصي تخليق جو نظريو (Theory of Special Creation) چيو ٿي ويو. هن نظرئي مطابق خدا هـن ڪائنات کي ڇهن ڏينهن ۾ پئدا ڪيو آهي ۽ ان ئي عرصي ۾ هـن ٻـوٽن ۽ جانورن جون سمورين جنسون هڪ سڱ سان پئدا ڪري ورتيون. ان وقت کان وٺي هيءَ ڪائنات اُئين ئي هلي رهي آهي، نه ڪا ان ۾ تبديلي آئي آهي ۽ نه ترقي؛ البت جيڪي به ٿوريون گهڻيون تبديليون ۽ ترقيون ڏسجن ۾ اچن پيون، سي سڀ شيطاني شعبدا آهن، جن کان هر خدا پرست کي پرهيز ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن شخص پادرين خلاف ٻڙڪ به ٻاهر ٿي ڪڍي ته ان کي 'ڪافر'،

www.sindhsalamat.com

’ملحد‘، ’دهرئي‘، ’جادوگر‘ ۽ ’بدعتي‘ جي لقبن سان نوازيو ٿي ويو ۽ ڪيس ڪهايو ٿي ويو.

(٤) ١٥ صديءَ ۾ سرمائيداريءَ ڏاڍو زور ورتو، جنهن جا مفاد ڪليسا جي ڪنگرن سان ٽڪرجڻ لڳا. احتجاجي تحريڪ (Protestant Movement) شروع ٿي.

ماڻهن ڪي تقرير، تحرير، تخليق ۽ فڪر جي آزادي ملڻ پوڻ لڳي. هر طرف سائنسي تخليقون ۽ مشيني ايجادون ٿيڻ لڳيون. ڇا؟ ڇو؟ ۽ ڪيئن؟ جهڙا سوال مذهبي ڪتابن ۾ به گهڙي آيا. انسان هر انڌي عقيدي تحت مجمل ڳالهه کي هاڻي شڪ جي نگاهه سان ڏسڻ لڳو. اهڙي طرح سائنسي حقيقتن جي بنياد تي ١٨ صديءَ جي دانشورن ارتقا جو هڪ جامع نظريو ترتيب ڏنو. ان سلسلي ۾ پهريون وڏو قدم فرانس جي روشن خيال قاموسين (Encyclopaedists) کنيو.

(٥) ارتقا جو سائنسي نظريو باقائده طريقي سان سڀ کان پهريون فرانس جي سائنسدان لامارڪ (١٧٤٥-١٨٢٨) پيش ڪيو. پر هن همراهه به مابعدالطبعيات جو ڪجهه سهارو ورتو.

(٦) ارتقا بابت موجوده نظريو برطانيه جي هڪ سائنسدان چارلس ڊارون (١٨٠٩-١٨٨٨) اڻويهين صديءَ ۾ پيش ڪيو. هن جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو اهو آهي ته هن ڪنهن به مابعدالطبعيات يا ازغيبي طاقت جو سهارو نه ورتو پر هر ڳالهه مادي بنيادن تي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ پيش ڪئي. ڊارون جي ان تاريخ ساز تحقيق جو پس منظر به عجيب آهي. ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۾ ڊارون کي ٻه سهڪاري سائنسدان هڪ ارضيات جو ماهر پروفيسر آدم سيج (Adam Seige) ۽ ٻيو نباتيات جو پروفيسر جان هينسلو (John Hanslow) مليا جن جي مدد سان ئي هو ارتقائي تحقيق ڪرڻ جي قابل بڻيو. پروفيسر هينسلو جي ئي سفارش تي ڊارون کي ’بيگل جهاز‘ تي جيڪو زمين جي ڏاکڻي پاڳي جي وسيع تحقيقاتي

www.sindhsalamat.com

ثابت ڪرڻ لاءِ تجربن، مشاهدن ۽ ثبوتن جو تمام جهجهو ۽ قيمتي مواد ڪٺو ڪيو، جنهن مان سندس ورتل نتيجا وڏيڪ منطقي ۽ سائنسي هئا. ڊارون جي پيش ڪيل نظرئي جون هي خصوصيتون هيون:

(الف) هي نظريو زندگيءَ جي ارتقا ۾ ڪنهن به مابعدالطبعياتي يا ازغيبي هستيءَ جي عمل دخل کان انڪار ڪري ٿو ۽ حياتياتي دنيا ۾ ٿيل ارتقا کي ٺوس مادي قانونن پٽاندڙ ٿيل هڪ عمل سمجهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو مذهبي حلقن ڊارون جي نظرئي تي ايڏي ڇتي تنقيد ڪئي ۽ هن خلاف پنڌيون پاريون.

(ب) هي نظريو اڳوڻن نظرين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جامع، معقول ۽ سائنسي حقيقت جي ويجهو ۽ منظم هو.

(پ) هن نظرئي ۾ پيش ڪيل ڊارون جا مشاهدا، تجربا ۽ پيا ارتقائي ثبوت تمام گهڻو طاقتور، جاندار ۽ حقيقي هئا.

(ٻ) هن نظرئي انسانذات جي ذهني اوسر ۾ هڪ وڏو انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، جنهن جا اڳتي هلي تاريخ ساز نتيجا نڪتا.

ڊارون پنهنجو ارتقائي نظريو ١٨٣٨ع ۾ مرتب ڪرڻ کان پوءِ به ويهه سال خاموش رهيو ۽ ١٨٥٨ع ۾ ان جو پڌرائو ڪيو. جيتوڻيڪ ڊارون جو ارتقا بابت نظريو ۽ ان جي ثابتيءَ ۾ پيش ڪيل مواد تمام طاقتور ۽ زبردست هو، تنهنڪري ان جو ردعمل به اوترو ئي سخت ۽ ڇتو ٿيڻ لڳو. توڙي جو ڊارون جي ڪتاب 'نسلن جو بڻ بنياد' (Origin of Species) ۾ ارتقا ۽ آدم تي بحث ڪونه ڪيل هو پر پوءِ به پادرين واويلا مچائي ڏني ڇو ته ڊارون جو اهو ڪتاب پاڪ انجيل جي 'عقيده تخليق' سان مطابقت رکندڙ نه هو. بس ڪن پل ۾ ممڻ مچي ويو، ڪکر ۾ چڻ ڪرو لڳي ويو: عيسائي ڪليسا گجڻ ۽ وسڻ لڳي: چوطرف ڪفر، ملحد ۽ دهرئي جون فتوائون صادر ٿيڻ لڳيون. پريس،

www.sindhsalamat.com

اخبارون ۽ رسالا ڊارون جا ڪارٽون ڇاپڻ لڳا. ايستائين جو ڪيترا خود سائنسدانن جو ڪجھ حصو به ڊارون جي خلاف ٿي بيٺو. ان ڪتاب کان ۱۲ سال پوءِ ڊارون هڪ ٻيو ڪتاب 'انسان جي پيدائش' (Descent of Man) لکيو جنهن ۾ هن انسان جي بڻ بنياد ۽ ارتقا تي روشني وڌي.

ڊارون خلاف رجعت پرست حلقن طرفان هيڏي ڇتي مخالفت ڪا نئين ۽ عجيب ڳالھ ڪانه هئي، دراصل اها جدلياتي تاريخي مخالفت جي سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي جيڪا تاريخ جي هر دور ۾ رجعت پرست، ترقي پسند ۽ روشن خيال ماڻهن خلاف ڪندا آيا آهن. عيسائي ڪليسا، جنهن گروڊونو برونو کي انجيل جي سچائيءَ جي آڙ ۾ جيئرو جلائي ڇڏيو، جنهن اها گيليلو کان 'پاڪ انجيل' جي صداقت جي آڙ ۾ معافي ۽ توبھ ورائي، هن جي ڪيل سائنسي تحقيقن کي سندس ئي واتان ڪوڙو ۽ غلط چورائي ڇڏيو، انهي اها جيڪڏهن ڊارون کي پاڪ انجيل جي آڙ ۾ ڪافر، ملحد ۽ دهريو چوي ته ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالھ ڪانهي. تاريخ جي هن معروضي سچن وانگر دائمي ۽ آخري فتح به هن سچ جي ئي ٿي. ڊارون جي دريافت ڪيل نظرئي کي اڄ دنيا جي تقريباً سموري پڙهيل ڳڙهيل آبادي تسليم ڪري ٿي.

ڊارون جو اهو فطري سائنس ۾ ايڏو ئي وڏو ڪارنامو هو جيڏو مارڪس جو جدلياتي ۽ تاريخي ماديت جي نظرئي دريافت ڪرڻ سبب 'سماجي سائنس' ۾ آهي. اڄ ڊارون جي نظرئي جي جوهر کي سڄي دنيا ۾ مڃيو ٿو وڃي ۽ ان جي جزئيات ۾ وڌيڪ واڌارا ۽ سڌارا آڻڻ لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي.

## ارتقائي تصور جا عالمي تاريخي اثر:

اهو ارتقا، تغير، تبديليءَ ۽ اوسر جو نظريو ئي آهي جيڪو گذريل هڪ ٻن صدين کان هن دنيا متعلق، انساني فڪر لاءِ سڀ کان وڏو انقلابي تصور رهيو آهي. ڪائنات، دنيا، ڌرتي،

www.sindhsalamat.com

حيوانات، نباتيات، انسان ۽ انساني معاشري متعلق هي ارتقا ۽ تبديليءَ جو متو ڊارون جي ڪتاب ’اصل ذات‘ جي ڇنڊڇاڻ سان ڪونه ظاهر ٿيو پر اهو انهن سمورن مفڪرن، عالمن ۽ سائنسدانن جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو هو جن ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري پنهنجن نظرين ۾ سوچن کي ڦهلائڻ شروع ڪيو هو. ڊارون جو ارتقائي نظريو ان سلسلي جي آخري مضبوط ڪڙي ۽ ارتقائي متي جو سائنسي معراج هو. فرانسيسي ڏاهي بفن کان وٺي جرمنيءَ جي جي- اي- ليسنگ تائين، هربر کان وٺي هيگل تائين، فيوئرباخ کان وٺي مارڪس تائين، ڪائنات، زندگي، انسان ۽ سماج متعلق هي ارتقائي تصور مختلف روپن ۾ پئي پيش ٿيندو رهيو. ارتقائي تصور هيٺين پهلوئن کان هڪ اهم ۽ تاريخ ساز تصور هو.

(۱) ڪوپرنيڪس جي هن تحقيق تہ ’ڌرتي ڪائنات جو مرڪز ناهي پر اها نظامِ شمسيءَ جو هڪ ننڍڙو ۽ زيردست سيارو آهي‘، انسان جي ڪائنات ۽ دنيا بابت نقطئہ نظر ۾ وڏي تبديلي آندي پر ارتقا جي متي ڪوپرنيڪس جي دريافت کان بہ وڌيڪ انسان جي خيالن جي دنيا ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ڇو تہ هڪ طرف ان ڌرتي ۽ شايد سموري ڪائنات جي عظيم ۽ افضل هستيءَ يعني ’حضرت انسان‘ جو پين حقير جانورن سان ناتو ٿي جوڙيو تہ ٻئي طرف اهو ڏسيو ٿي تہ تبديلي ئي زندگيءَ جو اصول آهي، نہ ڪي جٽاداري!

(۲) ارتقا، علمِ حياتيات (Biology) جو روح آهي. ڊارون جي ارتقائي نظرئي کان اڳ علمِ حياتيات ۾ هڪ بدنظمي، بي‌ترتيبي، وکوڙ ۽ ڇڙواڳي هئي. علمِ حياتيات جي دائري ۾ ڪيترا ئي اهڙا سوال گردش ڪري رهيا هئا جن جا ان وقت تائين ڪي بہ جواب هٿ نہ اچي سگهيا هئا مثلاً جانورن جون ذاتيون (Species) هڪٻئي کان مختلف ڇو ٿيون ٿين؟ زنده جانورن ۽ زمين مان لڌل سنڌن پٿرايل ٻوتن جي وچ ۾ ڪهڙو رشتو ٿئي ٿو؟ ڪي جانور رڳو ڪن خاص علائقن ۾ ڇو ٿا

www.sindhsalamat.com

جي نہ مڃيو وڃي تہ ان تمام اهم ڪم ۾ جيڪر ڪا ترقي ٿي ڏي نہ سگهي! ان ڪان سواءِ زراعت (ٻوٽن جي افزائش سميت)، جانورن جي پالنا ۾ منتخب افزائش جا عمل ارتقائي مثا لاڳو ڪرڻ سان ئي ممڪن بڻجن ٿا.

(٦) جانورن جي هلت چلت يا ورتاءَ جو علم (Ethology) جانورن ۽ انسان جي موجوده هلت چلت جون جيڪي بہ وضاحتون ۽ سمجهاڻيون پيش ڪري سگهيو آهي، تن جون پاڙون انهن جانورن ۽ انسان جي مخصوص ارتقا ۾ ئي ڪتل ڏٺيون ويون آهن.

(٧) ارتقائي تصور، انساني قدرن جو هڪ نئون پيمانو مرتب ڪري ڇڏيو. اڳ هر ان شيءِ کي قابل يقين سمجهيو ويندو هو جيڪا معقول، مفيد ۽ طبعي هوندي هئي پر ارتقائي تصور ملڻ کان پوءِ هر ان شيءِ کي قابل يقين سمجهيو وڃڻ لڳو جيڪا وڌ ۾ وڌ ارتقاپذير ۽ ارتقا يافتہ هئي. اج اسان، پاڻ کي محڪم استدلاليءَ بدران جدت پسند ۽ ترقي پسند چوائڻ کي ترجيح ڏيون ٿا.

## ارتقائي نظريا

### لامارڪ جو نظريو:

لامارڪ (١٧٤٥–١٨٢٨) فرانسيسي سائنسدان هو، جنهن ارتقا بابت پنهنجو نظريو 'فلاسافيہ زولاجيڪا' نالي ڪتاب ۾ پڌرو ڪيو. هن جي پيش ڪيل نظريي جو تت هي آهي:

1– ماحول هڪ جاندار جي عادتن تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ انهن ۾ هڪ اهڙي تبديلي آڻي ڇڏي ٿو جيڪا ان جاندار جي ڪنهن عضوي جي ناڪاره ٿي وڃڻ ۽ ڪنهن ٻئي عضوي جي وڌيڪ ڪارآمد ٿي وڃڻ جو سبب بڻجي ٿي.

2– هڪ جاندار جي عضون جي اوسر، اهليت ۽ افاديت سندس عضون جي استعمال سان سڌي سنئين لاڳاپيل هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com

ڪنهن عضوي جو مسلسل غيراستعمال نيٺ ان مخصوص عضوي جي ڪمزوريءَ جو سبب بڻبو آهي؛ جڏهن ته ڪنهن عضوي جو مسلسل استعمال ان عضوي کي وڌيڪ طاقتور بڻائيندو آهي، ان جي هئيت (شڪل ۽ صورت) ۾ تبديليون آڻي ڇڏيندو آهي.

3- هڪ جاندار پنهنجي سموري جيون دوران ماحول جي اثر هيٺ جيڪي به تبديليون حاصل ڪندو (Acquire) آهي، سي هن جي اولاد ڏانهن هر ان موقعي تي منتقل ٿيڻ لڳنديون آهن جڏهن اهي ماحول سان هڪ بهتر مطابقت قائم ڪرڻ لڳنديون آهن.

4- هر جاندار ۾ زنده رهڻ جو امنگ هوندو آهي.

تلهي ليڪي لمارڪ جي نظرئي جو مطلب هي آهي ته ماحول هڪ جاندار کي ساڻس بهتر سموريون ماحول کان ورتل تبديليون (Acquired Charactors) نسل در نسل منتقل ٿينديون وينديون آهن جيڪي هڪ جاندار کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان ايترو ته مختلف بڻائي ڇڏينديون آهن جو پوءِ هو بلڪل ئي هڪ نئين جنس يا ذات (New Species) ليکجڻ ۾ ايندو آهي. هن نظرئي جي ثبوت ۾ جراف (Giraffe)، نانگ ۽ وهيل مڇيءَ جا مثال ڏنا ويا ٿا. جراف جانور لاءِ اهو چيو ٿو وڃي ته سندس اوائلي ابا ڏاڏا جيڪي گهوڙي مثل هئا، آفريڪا جي اهڙن هنڌن تي رهڻ لاءِ مجبور ٿي پيا جتي چراگاهه ڪونه هئا پر رکو آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ وڻ هئا. گاهه چرندڙ جراف کي مجبوراً انهن وڻن جي پنن تي گذارو ڪرڻو پيو پر جيئن ته اهي وڻ تمام اوچا هئا، ان ڪري انهن تائين پهچڻ لاءِ ويچاري جراف کي پنهنجي ڳچيءَ ۽ اڳين چنگهن تي سخت زور ڏيڻو پيو ته جيئن اهي ڊگهيون ٿي وڃن. جراف جي پوءِ وارن نسلن کي اها ڳچي ۽ اڳين چنگهن جي ڊيگهه ۾ آيل ٿوري واڌ پنهنجن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي جنهن ۾ وري هنن خود به ٿورو اضافو ڪيو.

www.sindhsalamat.com

اهڙي طرح نسل در نسل ڳچي ۾ اڳين چنگهن جي ڊيگهه ۾ اهي ننڍڙيون ننڍڙيون تبديليون ڪٺو ڪٺو ٿي ڪئيون ٿينديون ويون جن آخرڪار موجوده جراف جي ڳچي تمام ڊگهي ۽ اڳيون چنگهون تمام لمبيون بڻائي ڇڏيون. نانگ ۾ وهيل مڇيءَ سان به اهڙيون مجبوري حالتون پيش آيون جن انهن کي موجوده روپ بخشيو.

هڪ جاندار جي جسم ۾ سندس عضون جي گهٽ يا وڌ استعمال (جنهن کي سندس ماحول ئي ترتيب ڏيندو آهي) سبب جيڪي تبديليون ايندڙيون آهن، سي ايستائين ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل نه ٿي سگهنديون آهن ۽ هڪ نئين جنس پيدا نه ڪري سگهنديون آهن. جيستائين اهي وراثت جي عمل ۾ داخل نه ٿيون هونديون آهن. ان جو مطلب هي آهي ته ماحول کان ورتل جسماني تبديلي هڪ جاندار جي پيدائشي گهرڙن (Germ Cells) تي اثرانداز ٿئي ٿي ۽ جاندار پنهنجي اولاد کي اها پيدائشي گهرڙن ۾ سمويل جسماني تبديلي ورثي ۾ ڏئي ڇڏي ٿو. سندس اولاد به ان تبديليءَ ۾ اضافو ڪري ٿي ۽ اهڙي طرح اڳتي هلي هڪ 'نئين جنس' جو ظهور ٿئي ٿو.

## لمارڪ جي نظريہ ارتقا تي اعتراض

(1) تجربن اهو ثابت ڪيو آهي ته جيتوڻيڪ جاندارن ۾ سندن عضون جي استعمال يا غيراستعمال ڪري يا ماحول جي سڌي سئين اثر ڪري جسماني ڦيريون ڦاريون اچن ٿيون پر بعد ۾ جيئن ئي سبب غائب ٿئي ٿو، تيئن ئي اهي آيل ڦيريون ڦاريون به ختم ٿي وڃن ٿيون، پوءِ چاهي ان سبب جاندار جي ڪيترن ئي نسلن تي لڳاتار عمل ڇو نه ڪيو هجي! مثال طور هيٺاهين زمين تي ڦٽندڙ ڪن ٻوٽن جا ٻج جڏهن مٿاهين سطح (جبلن جي چوٽين) تي پوکيا ويا تڏهن انهن ٻوٽن ۾ مٿاهين سطح تي ڦٽندڙ ٻوٽن (Alpine Plants) جون خاصيتون پيدا ٿي ٿيون. پر بدقسمتيءَ سان جڏهن انهن ساڳين ٻوٽن کي ڪافي نسلن گذرڻ کان پوءِ

www.sindhsalamat.com

به موڪلائي سندن اصلي هنڌ يعني هيٺاهين زمين تي پوکيو ويو ته اهي پنهنجي اصلي روپ ۾ موٽي آيا.

(2) هڪ جاندار جي ڪنهن عضوي غائب ٿي وڃڻ جو عمل موروثيت نه رکندو آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن حادثي ۾ پنهنجي ٽنگ وڃائي ويهي ته ان جو نتيجو اهو نه نڪرندو ته هن جي اولاد ڪي به پيٽان هڪ ٽنگ ڪپيل هوندي.
هڪ لوهار مسلسل ڪم سبب، پنهنجا ٻورا تمام مضبوط ڪري ڇڏيندو آهي پر سندس اها خوبي يا تبديلي وراثت لائق نه هوندي آهي يعني هن جو اولاد مضبوط ٻورن سان ڪونه ڄمندو آهي.
اسان کي خبر آهي ته مسلمان پنهنجن ٻارن جو طهر ڪن نسلان ڪان ڪندا پيا اچن پر اڄ تائين ڪوبه اهڙو ٻار ڪونه پيدا ٿيو آهي جيڪو پيٽان ئي طهريل هجي!

3– ١٨٩٣ع ۾ ويزمين، لمارڪ جي نظريه ارتقا جي رد ۾ ڪافي ثبوت مهيا ڪيا. هو هڪ تجربي ۾ ڪوئن جا پڇ سندن آهي (٨٠) نسلن تائين ڪپيندو رهيو پر ڪڏهن به هن ڪو بي-پڇو ڪوئن جو نسل پيدا ٿيندي ڪونه ڏٺو. ويزمين جو چوڻ هو ته جسماني گهرڙا (Soma)، پيدائشي گهرڙا (Germ Cells) نه ٿا پيدا ڪري سگهن پر پيدائشي گهرڙا، جسماني گهرڙا پيدا ڪري سگهن ٿا. بهرحال ويزمين جي هي" دعوي ٻوٽن جي پيدائش جي جسماني طريقي (Vegetative Method) ۽ جانورن ۾ ٻيهر ڦٽڻ جي طريقي (Regeneration) هٿان مار کائي چڪي آهي.

## جديد لمارڪزم (Neo-Lamarckism)

اڄ وري لمارڪ جي نظريه ارتقا ۾ ڪن همراهن کي ڪجهه سچائي نظر اچڻ لڳي آهي ۽ تجربن وسيلي اهو ڏيکاريو ويو آهي ته ماحول هڪ جاندار جي وراثتي ذرڙن (Genes) تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو (جيٽن ايڪسريز) ۽ ان ۾ هڪ اهڙي تبديلي آڻي سگهي ٿو جو واسطيدار جانور پنهنجن ابن ڏاڏن کان ايترو مختلف ٿيو وڃي جو پوءِ اهو بلڪل ئي هڪ 'نئين جنس' بڻجيو پوي.

www.sindhsalamat.com

نڪتو: تجربن هن نظرئي جي صداقت رکيو ان حد تائين ثابت ڪئي آهي تہ ماحول جا صرف اهي بيروني يا ٻاهريان اثر جيڪي ڪيترن ئي نسلن تائين هڪ جاندار مٿان عمل ڪندا رهندا آهن سي ئي ان جي جسماني ۽ پيدائشي گهرڙن تي اثرانداز ٿي سگهندا آهن ۽ نتيجي ۾ ان جاندار ۾ تبديليون آڻي ڇڏينديون آهن جيڪي هو پنهنجي اولاد ڏانهن وراثت جي عمل وسيلي منتقل ڪندو رهندو آهي. ان جي ابتڙ جاندار جي جسم يا عضون جو ڪجهہ يا ماحول مان ڊراماڻي طور ۽ ٽوڙ ٽڪڙ ۾ ورتل تبديليون وراثت جي لائق ڪونہ ٿينديون آهن. لمارڪ جي نظرئي کي بهرحال انسان جي تهذيبي ارتقا (Exosomatic OR Psycho-social Evolution) تي سؤ في صدي لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

## ڊارون جو ارتقائي نظريو

انگريز سائنسدان چارلس ڊارون (١٨٠٩–١٨٨٢) ۽ الفريڊوالس (١٨٢٢–١٩١٣) الڳ الڳ پر هڪ ئي وقت ارتقا جي باري ۾ پنهنجا لڳ ڀڳ ساڳيا خيال پڌرا ڪيا. ڊارون پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب 'نسلن جو بڻ بنياد' ۾ لمارڪ جي خيالن سان اختلاف ڏيکاريو ۽ اها دعويٰ ڪئي تہ اهي جاندار جيڪي ماحول سان گهٽ ٺهڪيل ۽ گهٽ جڙيل هوندا آهن سي نيست ۽ نابود ٿي ويندا آهن. ڊارون جو چوڻ هو تہ سڀني جاندارن ۾ 'وجود جي ويڙهہ' يا زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش (Struggle for Existence) لڳي پئي آهي ۽ اها ويڙهہ رکيو طاقتور، چالاڪ ۽ ماحول سان ٺهڪندڙ جاندار ئي کٽيندا رهن ٿا ۽ ڪمزور، نبل ۽ ماحول سان نہ ٺهڪندڙ جاندار هميشہ هارائيندا رهن ٿا. اهڙي طرح 'زندگيءَ جي ڪشمڪش' ۾ صرف اهي جانور جيئرا رهي سگهن ٿا جن ۾ جيئري رهڻ جي صلاحيت موجود هجي ٿي، جن ۾ پنهنجي پنهنجي ماحول مطابق رهڻ جي صلاحيت موجود هجي ٿي. زندگيءَ جي ارتقا ۾ هي 'بقاءِ اصلح' (يعني جيڪو لائق

www.sindhsalamat.com

(الف) ساڳي جنس جي جاندارن ۾
(ب) مختلف جنس جي جاندارن ۾
(پ) جاندار ۽ ماحول جي وچ ۾

## (الف) ساڳي جنس جي جاندارن ۾ ويڙهه

(Intraspecific Struggle): هيءَ ويڙهه ان ڪري وجود ۾ ايندي آهي جو ساڳي ذات جي جاندارن جون ضرورتون بلڪل ئي ساڳيون هونديون آهن ۽ هرڪو اها ڪوشش ڪندو آهي ته هو گهٽي ۾ گهٽو کاڌو، اجهو، روشني، پاڻي وغيره هٿ ڪري ۽ وڌ ۾ وڌ اولاد پيدا ڪري جيڪا سندس نسل کي برقرار رکندي هلي. 'جنسي چونڊ' ان سلسلي ۾ هڪ طاقتور قوت رهي آهي مثال طور هڪ ري-سڱئي نر ڦاڙهي ( Horsnless Stag) کي پنهنجي ذات جي ڪنهن ماديءَ سان جنسي لڳ ڪرڻ جو گهٽ موقعو ميسر هوندو آهي ۽ نتيجي ۾ هن ويچاري کي پنهنجو ٻچ (Progeny) برقرار رکڻ جو سڱن وارن ڦاڙهن جي ڀيٽ ۾ گهٽ موقعو ملندو آهي. اهو هڪ فطري اصول آهي ته جيئن ئي هڪ جاندار جي ذات تعداد ۾ هڪ خاص مٿين حد اورانگهڻ لڳندي آهي تيئن ئي ان ساڳي ذات جي جاندارن درميان ڇڙيل وجود جي ويڙهه، ان جاندار جي تعداد ۾ ٿيندڙ واڌ کي ٻنجو ڏيندي آهي. ساڳئي نموني ان جاندار جي تعداد ۾ ٿيندڙ واڌ کي ٻنجو ڏيندي آهي. ساڳئي نموني ان جاندار جي تعداد گهٽجي وڃڻ جي صورت ۾ انهن جي درميان وجود جي ويڙهه به ٿڌي ٿي ويندي آهي ۽ نتيجي ۾ سندن تعداد وڌڻ لڳندو آهي. هن کي ٻوٽن ۽ جانورن جي آباديءَ جو خود ضابطگيءَ (Autoregulation) وارو مثو چيو ويندو آهي.

## (ب) مختلف ذاتين جي جاندارن ۾ ويڙهه

(Interspecific Struggle): هي مقابلو هڪ لحاظ کان ڏاڍي ۽ هيڻي، شڪاري ۽ شڪار جي وچ ۾ مقابلو هوندو آهي، ان ڪري

www.sindhsalamat.com

(٣) ڦيرڦار ۽ وراثت (Variation & heredity):

هڪ جاندار کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان يا پنهنجي جنس جي ٻين جاندارن کان الڳ ڪندڙ ڦرقن کي ڦيرڦار (Variations) ڪوٺيو ويندو آهي. انهن ڦيرين ڦارين کان سواءِ ارتقا جو عمل جيڪر ناممڪن ٿي پوي. هڪ ئي جنس جا ڪي ٻه جانور به بلڪل هڪجهڙا ڪونه ٿا ٿين بلڪ انهن ۾ به ڪافي تفاوت ٿين ٿا. دنيا ۾ ڪي به ٻه انسان بلڪل هڪجهڙا ڪونه آهن. اهڙي طرح اها ڦيرڦار نون گڻن (Characters) کي وجود ۾ آڻي ٿي جيڪي وراثت جي عمل ذريعي ايندڙ نسل ڏانهن منتقل ٿي وڃن ٿا. هڪ جاندار ۾ آيل اهي ڦيريون ڦاريون جيڪي وراثت جي لائق نه ٿيون آهن، سي ارتقا لاءِ بيڪار هونديون آهن. ڊارون جڏهن پنهنجو ارتقائي نظريو پيش ڪيو، ان وقت مينڊيل جا دريافت ڪيل 'وراثت جا قانون' سندس نظر مان ڪونه گذريا هئا، جنهن ڪري کيس اها خبر ڪانه هئي ته ڪهڙيون ڦيريون ڦاريون وراثت لائق ٿينديون آهن ۽ ڪهڙيون نه.

هن جي خيال ۾ سموريون ڦيريون ڦاريون وراثت لائق هيون. اڄ جي حياتياتي سائنس مطابق ڦيريون ڦاريون هيٺين قسمن جون ٿين ٿيون:

(الف) تعدادي (Meristic) ۽ خاصيتي (Substantative) ڦيريون ڦاريون:

تعدادي: هي ڦيريون ڦاريون هڪ جاندار جي گهڻن ئي ساڳين عضون يا حصن جي تعداد ۾ تبديلي طور ظاهر ٿينديون آهن.

مثال طور: ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ پنجن جي بدران ڇهن آڱرين جو هجڻ.

خاصيتي: هي ڦيريون ڦاريون هڪ جاندار جي جسامت، شڪل يا رنگ ۾ ايندڙ تبديليون هونديون آهن.

www.sindhsalamat.com

۽ ڪارآمد تبديليون آڻي سگهندا آهن، سي ڏي حالتن سان بهتر نموني مقابلو ڪري سگهندا آهن، بنسبت انهن جاندارن جي جن ۾ اهي تبديليون نه اچي سگهنديون آهن يا جي آيل هونديون آهن ته ڪارآمد نه هونديون آهن. اهي سوڀارا جاندار جن ۾ ماحول مطابق ڪارائتيون ڦيريون ڦاريون آيل هونديون آهن، سي ماحول سان وڌيڪ ٺهڪندڙ ۽ بهتر مطابقت (Adaptation) ۾ اچي ويندا آهن، اهي گهڻو عرصو جيئندا آهن ۽ گهڻو ۽ صحتمند اولاد پوئتي ڇڏي ويندا آهن جيڪو ايندڙ نسلن جو خالق بڻبو آهي. وراثت جو عمل ماءُ-پيءُ ۽ اولاد جي وچ ۾ هڪجهڙائيءَ کي يقيني بڻائيندو آهي ۽ وراثت لائق ڦيرڦار (Heritable variation) جي فطري چونڊ ذريعي ايندڙ نسل پنهنجن ابن ڏاڏن جي هٿ ڪيل ماحول سان مطابقت کي نه رڳو برقرار رکندا آهن پر ان ۾ وڌيڪ سڌارو پڻ آڻيندا آهن. اهڙي طرح ڪيترن ئي نسلن گذرڻ کان پوءِ جانور جي اها ذات پنهنجي ماحول سان بهتر نموني ٺهڪي ويندي آهي، جڏهن ته اهي جانور جن ۾ ڪارائتيون ڦيريون ڦاريون ڪونه آيل هونديون آهن، سي پنهنجي موت پاڻ مري ويندا آهن. هڪ نسل جا ڪامياب جاندار ايندڙ نسل جا ابا ڏاڏا بڻبا آهن، جنهن ڪري انهن ابن ڏاڏن جون ’ڪارآمد تبديليون‘ نسل در نسل منتقل ٿيڻ لڳنديون آهن، انهن ۾ اضافو ٿيڻ لڳندو آهي، اهي مضبوط ۽ پڪيون پختيون ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ ان جنس جي جاندارن جي فطرت جو هڪ اٽوٽ حصو بڻجڻ لڳنديون آهن. اهڙي طرح ان جنس جي هر نسل ۾ حالتن سان بهتر نموني مقابلو ڪرڻ لاءِ هڪ سست پر يقيني ترقي ٿيندي رهندي آهي. اڳتي هلي اهي ڪارآمد ڦيريون ڦاريون ان جاندار جي ڪيترن نسلن گذرڻ کان پوءِ ان جي ڪنهن هڪ نسل جي بدن ۾ ايتريون ته مضبوط ۽ پڪيون پختيون ٿي چڪيون هونديون آهن جو اهي بدن پنهنجن اوائلي ابن ڏاڏن کان بنهه مختلف ٿي ويندا آهن ۽ جاندارن جي هڪ ’نئين جنس‘

www.sindhsalamat.com

| حقيقتون | نتيجا |
| --- | --- |
| (الف) | |
| ۰۱ جاندارن جي اولاد ۾ تڪڙو اضافو<br>۰۲ پر مجموعي تعداد تقريباً ساڳيو رهي ٿو | ۰۱ جاندارن درميان 'وجود جي ويڙهه' ڇڙڻ |
| (ب) | |
| ۰۳ وجود جي ويڙهه<br>۰۴ وراثت لائق ڪارائتيون ڦيريون ڦاريون | ۰۲ فطري چونڊ يا بقاءِ اصلح |
| (ڀ) | |
| ۰۵ بقاءِ اصلح<br>۰۶ بدلجندڙ ماحول | ۰۳ بناوٽي يا جسماني تبديليون جيڪي 'نئين جنسن' جي ڦٽڻ جو پيش خيمو ثابت ٿين ٿيون |

## نئين جنسن ڦٽڻ جو جديد متو:

جنس يا ذات جي جديد وصف:

"ذات هڪ اهڙي هڪجهڙي سان لڳ ڪندڙ جاندارن يا پيدائشي ذرڙن جي آبادي (Interbreeding gene pool) ٿيندي آهي جو جيڪڏهن ان آباديءَ ۾ ڪٿي به ڪا ڦيرڦار يا ڪو بدليل قسم ظاهر ٿي پوندو آهي ته اهو اصولي طور ان آباديءَ جي ٻين حصن تائين پاڻ کي ڦهلائڻ جي قابل هوندو آهي."
(انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا)

ارتقا پيدائشي ذرڙن جي ان آباديءَ (Gene pool) ۾ ايندڙ تعدادي تبديليءَ جو نالو آهي. حيواناتي عالم ۾ هڪ نئين جنس

جي اصليت جي وضاحت به نه ٿو ڪري جڏهن ته ڪنهن به فطري چونڊ جي عمل ۾ اچڻ کان اڳ اهڙين ڦيرين ڦارين جو موجود هجڻ لازمي ٿئي ٿو. اهڙي طرح ڊارون جو نظريو بقاءِ اصلح جي نه وضاحت ڪري ٿو پر اهو "آمدِ اصلح" جي وضاحت نه ٿو ڪري.

٣. ڊارون جي خيال موجب ڦرندڙ گهرندڙ خسيس تبديليون ئي جانورن جي نين جنسن ڦٽڻ جو مُوجب هونديون آهن پر اڄ وراثت جي علم مطابق اها ڳالهه مشڪوڪ لڳي ٿي وڃي ته ڪو اهي ننڍڙيون ۽ خسيس تبديليون، نئين جنسن جي پيدا ٿيڻ جو سبب ٿي سگهن ٿيون.

## ميندل جو "وراثت جو عمل"

توڙي جو ڊارون هر دفعي پنهنجي هيءَ ڳالهه ورجائيندو رهندو هو ته "وراثت لائق ڦيرين ڦارين ڪان سواءِ فطري چونڊ ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهي ۽ ڪابه ارتقا ٿي نه ٿي سگهي." پر پوءِ به کيس اها سڌ ڪانه هئي ته ڦيرين ڦارين جا ڪهڙا قسم ٿين ٿا؟ انهن مان ڪهڙيون وراثت لائق ٿين ٿيون؟ ۽ اهي ڪيئن عمل ۾ اچن ٿيون؟ گريگر ميندل ئي ١٨٦٥ع ۾ ڊارون جي دريافتن ۾ موجود هي خال پريو. ميندل تجربن وسيلي اهو ڏيکاريو ته هڪ جاندار جا گڻ يا خاصيتون (Characters) سندس گهرڙن ۾ موجود خاص ذرڙن، (جن کي هاڻي پيدائشي ذرڙا (Genes) ڪوٺيو ٿو وڃي،) طرفان متعين ۽ مقرر ٿيل هونديون آهن. اهي پيدائشي ذرڙا ان جاندار جي گهرڙن ۾ بن بن جي جوڙي جي شڪل ۾ ترتيب ڏنل هوندا آهن، هر جوڙي مان هڪ ذرڙو ان جاندار جي ماءُ کان ۽ هڪ ذرڙو ان جي پيءُ کان ورثل هوندو آهي. سموري نئين وراثتي ڦيرڦار جو آخري وسيلو خود پيدائشي مواد (Genetic Material) ۾ تبديلي هوندو آهي. والدين جا گڻ يا خاصيتون اولاد ڏانهن هڪ پروٽيني ماليڪيول (مرڪب) جنهن

www.sindhsalamat.com

کي ڊي. اين. اي (D.N.A) چيو وڃي ٿو، جي معرفت موروثي عمل تحت منتقل ٿيندڙيون آهن. اهو پروٽيني مرکب ڊي. اين. اي، گهرڙي ۾ ڏگهين لڙهين (Strands) جي صورت ۾ موجود هوندو آهي جن کي پيدائشي لڙهيون (Chromosomes) چيو وڃي ٿو، جاندارن جي هر ذات ۾ انهن لڙهين جو هڪ خاص مقرر ٿيل تعداد موجود هوندو آهي. مثلاً انسان ۾ اهي ٤٦ هونديون آهن جيڪي ٢٣ جوڙا ٺاهي بيهنديون آهن. لڙهين جي ڪنهن به هڪ جوڙي جي بلڪل ساڳين جڳهن تي موجود (يعني هڪٻئي جي آمهون سامهون) ڊي. اين. اي جا ماليڪيول ان جاندار جي ڪنهن به هڪ ساڳئي گڻ يا خاصيت لاءِ ڳجها اطلاع ۽ حڪم (Code) ڏيندا آهن. پيدائشي لڙهين جي ساڳين جڳهن تي موجود ڊي. اين. اي جي هنن ماليڪيولن کي جيڪي ساڳئي گڻ کي پيدا ڪندا آهن، پيدائشي ذرڙا (Genes) ڪوٺيو ويندو آهي. اهڙي طرح پيدائشي لڙهين وانگر هي پيدائشي ذرڙا به جوڙن جي روپ ۾ موجود هوندا آهن، جن مان هڪ ماءُ کان ۽ ٻيو پيءُ کان ورثي هوندو آهي. پيدائشي ذرڙن جي ان جوڙي ۾ هڪ ذرڙو غالب حيثيت وارو (Dominant) هوندو آهي ۽ ٻيو موکو يا ماٺيٺو (Recessive) هوندو آهي. ان جوڙي مان ڪنهن هڪ لڙهيءَ تي موجود پيدائشي ذرڙي جي سرگرميءَ تي ٻي لڙهيءَ تي موجود پاڙيوار پيدائشي ذرڙي طرفان ضابطو رکيل هوندو آهي. پيدائشي لڙهين ۾ اينڌڙ ڪنهن به تبديليءَ کي ڦيرڦار (Mutation) چيو ويندو آهي. مختلف لڙهين (Chromosomes) تي سوار پيدائشي ذرڙا هڪٻئي کان بيقاعده ۽ ڇڙواڳ انداز (Atrandom) ۾ جدا ٿيندا رهندا آهن ۽ ساڳي لڙهيءَ تي بيٺل پيدائشي ذرڙا هڪٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن ۽ گهڻي قدر گڏ ئي منتقل ٿيندا آهن. اهي صرف ان صورت ۾ هڪٻئي کان ڇڄندا ۽ جدا ٿيندا آهن، جڏهن سندن اباڻي پيدائشي لڙهي ڪٽان ڪٽجي (Crossorer) پوندي آهي. جاندار جي گهرڙي جي هر ورهاست مهل پيدائشي ذرڙا پنهنجي اڳوڻي

www.sindhsalamat.com

← پئدائشي لڙهيءَ جو ڪو لڪرو ضايع ٿي وڃڻ.
← پئدائشي لڙهن جو روايتي جوڙن جي صورت ۾ نه ٿي بيهڻ وغيره.

## (٣) ذرڙياتي وهڪرو

هن عمل ۾ ساڳي جنس جي غير مقامي جاندار سان لڳ ٿيندو آهي ۽ نتيجي ۾ پئدائشي مواد جي مٽاسٽا ٿيندي آهي.

## وراثتي عمل جي روشنيءَ ۾ فطري چونڊ جي جديد سمجهاڻي

موروثي معلومات، پئدائشي ذرڙن وسيلي منتقل ٿيندي آهي. مختلف پئدائشي ذرڙا، جاندار جي مختلف گڻن جي اظهار لاءِ ذميوار هوندا آهن. هڪ جاندار جي نسلي افزائش جي عمل (Reproduction) دوران سندس پئدائشي ذرڙا ٻه ٻيڻا (Replicate) ٿيندا آهن ۽ مختلف گڻن يا وصفن لاءِ سهيڙيل معلومات ٻئي ايندڙ نسل ڏانهن منتقل ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پئدائشي ذرڙن جي ان روايتي ٻٽي ٿيڻ جي عمل ۾ رنڊڪون ۽ ونڊون پئجي وينديون آهن جن کي ڦيريون ڦاريون (Mutations) ڪوٺيو ويندو آهي. اها ڦيرڦار پئدائشي ذرڙي اندر ڪنهن خاص گڻ يا گڻن بابت سهيڙيل معلومات يا حڪمن کي بدلائي ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ اهو ڦيرڦار ڪاڏل پئدائشي ذرڙو ايندڙ نسلن ۾ پاڻ کي ان بدليل ڪيفيت ۾ اوستائين هوبهو روايتي انداز ۾ دهرائيندو رهندو آهي، جيستائين ان ڦريل پئدائشي ذرڙي ۾ وري ڪا ٻي نئين ڦيرڦار نه اچي. اهڙي طرح ان ڦريل پئدائشي ذرڙي طرفان متعين ۽ مقرر ٿيندڙ هڪ جاندار جو گڻ اوستائين نسل در نسل ساڳيو رهندو ايندو آهي جيستائين ان پئدائشي ذرڙي ۾ وري ڪا نئين ڦيرڦار نه اچي. پئدائشي ذرڙن ۾ آيل ڪي ڦيريون ڦاريون جڏهن باعمل يا عالم آشڪار (Expressed) ٿينديون آهن، ته اهي اهڙا گڻ پئدا

www.sindhsalamat.com

چونڊ ۾ آبهرين ڦيرين ڦارين جي متن کي گڏي جديد ڊارونزم جو بنياد وڌو ويو آهي، جنهن جو ٿلهي ليکي مطلب هي آهي ته فطري چونڊ تڏهن عمل ۾ اچي ٿي جڏهن آبهريون ڦيريون ڦاريون وجود ۾ اچي چڪيون هونديون آهن يعني پوءِ ڏي فائديمند ۽ نقصانڪار آبهرين ڦيرين ڦارين جي وچ ۾ 'چونڊ' ٿيڻ لڳندي آهي، جيڪا اڳتي هلي 'نئين جنسن' جي ڦٽڻ جو سامان ٻڌبي آهي.

www.sindhsalamat.com

## باب ڇهون

# انسان جي ارتقا

انسان به هڪ زنده جيو آهي؛ ان ڪري هن سان به اهي فطري قانون لاڳو ٿين ٿا جيڪي ٻين زنده جيون سان ٿيا آهن. انسان جانورن جي خاندان جو هڪ ڀاتي آهي ۽ ٻين جانورن وانگر هن جي به ارتقا ٿي آهي.

اڄ سائنس اها حقيقت ظاهر ڪري چڪي آهي ته ٻين جانورن وانگر انسان جي به ارتقا ٿي آهي؛ اهو پاڻ کان حقير ۽ خسيس جانورن منجهان طويل ارتقائي عمل کان پوءِ ڦٽي نڪتو آهي؛ اهو روزِ ازل کان ان ئي صورت ۾ ڪونه خلقيو ويو آهي، جنهن ۾ اهو اڄ آهي. هن خود فطرت جي موتمار قوتن سان مقابلو ڪندي، پاڻ کي 'اشرف المخلوقات' بڻايو آهي. اينگلس هڪ هنڌ لکيو آهي، "انسان پاڻ کي پاڻ ئي انسان بڻايو آهي." هن نظرئي کي واضح لفظن ۾ پيش ڪرڻ وارو پهريون عالم چارلس ڊارون هو جنهن چيو ته "تمام موجوداتِ عالم (انسان سميت) ان طويل ارتقائي عمل جو نتيجو آهن، جيڪو زندگيءَ جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي روان دوان آهي." هن چيو ته "انسان به ان ارتقائي عمل ذريعي سادن جانورن منجهان ڦٽي نڪتو آهي." ان سلسلي ۾ هن انسان ۽ باندر کي 'ارتقائي ڀائر' قرار ڏنو، جيڪي اڄ کان لکين سال اڳ ڪنهن ساڳئي ابي-اماڻ مان ڦٽي نڪتا ۽ پوءِ زندگيءَ جون به الڳ الڳ ۽ مختلف واٽون وٺي هليا. ڊارون جو اهو انڪشاف انجيل جي 'عقيده تخليق' سان مطابقت رکندڙ نه

www.sindhsalamat.com

هو، جنهن ڪري مذهبي حلقن طرفان ان سائنسي دريافت تي اعتراض ۽ الزام شروع ٿي ويا جيڪي اڄ سوڌو جاري آهن. ڊارون جي ڪتاب 'نسل جو بڻ بنياد' ڇپجڻ وقت (١٨٥٩ ع) عام طور ارتقا جي مٿي کي ٿي نه ٿي مڃيو ويو، بلڪ ان جي سخت مخالفت ڪئي پئي وئي، جنهن جا مکيه سبب هي هئا:

١. ماڻهن تي انجيل مقدس جي 'عقيده تخليق' جو زبردست اثر هو.

٢. جاندارن جو فطري چونڊ وسيلي بهتر کان بهتر مطابقت ماڻڻ جو اهو ارتقائي مٿو، هن مذهبي ۽ فلسفيائي دليل کي رد پيو ڪري ته هر جاندار کي ڪنهن آسماني يا ازغيبي ڏاهپ هٿان سندس خاص ماحول مطابق گهڙي ٺاهي موڪليو ويو آهي. ان ڪري ارتقا جي مٿي کي مڃڻ سان ان آسماني ڏاهپ (Divine-Intelligence) جي نفي پئي ٿي. ٻين لفظن ۾ ارتقا جي مڃتا ماڻهن جي مذهبي عقيدن کي خطري ۾ پئي وڌو.

٣. ارتقائي مٿي جي عوامي مڃتا کي خود ان وقت جي سائنسدانن جي هيءَ "تحقيق"— جيڪا اڳتي هلي غلط ثابت ٿي، سا به روڪي پئي ته جاندارن جون ذاتيون (Species) هڪڙيون مقرر ٿيل، صاف صاف، هڪٻئي کان ڪٽيل، جدا، قطعي ۽ هڪٻئي سان ڪڏهن به لڳ نه کندڙ شيون ٿينديون آهن.

مٿين تاريخي مجبورين جي باوجود، ڊارون، الفريڊ رسيل ۽ ڪيترن ٻين ارتقائي ماهرن طرفان پيش ڪيل زبردست ارتقائي ثبوتن، عوام کان ارتقا جو مکيه مٿو ڪاميابيءَ سان مڃرائيو پر پوءِ به ان حقيقت کي مڃڻ ۾ ڪيترن ماڻهن ان ڪري دير ڪئي (اڄا ڪن ٿا ۽ اڳتي به ڪندا) ته ارتقا کي مڃڻ کان پوءِ انسان (جيڪو سندن آڏو هن ڪائنات جو مرڪز ۽ وجود جو سبب آهي) ۽ ننڍين، هيچ ۽ خسيس جانورن جي وچ ۾ جيڪو 'ارتقائي رشتو' لازمي طور قائم ٿي بيهندو، ان کي مڃڻ به پوءِ هنن لاءِ ناگزير ۽ اٽر ٿي پوندو، جنهن کي هو ذاتياتي انا (Species-Egoism)

www.sindhsalamat.com

جي هڪ رڪن گروهه (جنهن کي ”پرائيميٽس“ (Primates) ڪوٺيو وڃي ٿو) سان آهي. هڪ حياتياتي سائنسدان آڏو انسان جي ارتقا ٿڻڀائتن جانورن جي ارتقا جو عام ۽ پرائيميٽ جانورن جي ارتقا جو خاص حصو آهي ڇو ته انسان پنهنجي جسماني بناوت ۽ فعلن ۾ حياتياتي ماهرن جي مقرر ڪيل هڪ ٿڻڀائتي جانور جي وصف تي ٺهڪي اچي ٿو. ٿڻڀائتن جانورن جي رڪن گروهه پرائيميٽ، جنهن کي اسان 'انساني برادري' سڏي سگهون ٿا، جي مخصوص ارتقائي اوسر ۾ هيٺين بنيادي خصوصيتن جي حاصلات ٿي، جيڪي هونئن اڳ ٿڻڀائتن جانورن جي ڪنهن به ٻئي رڪن گروهه ۾ موجود ڪونه هيون:

(*) چنگهن ۽ پانهن ۾ آزادانه چرپر سميت عام بناوت برقرار رهي پر ڏکن چنبن (Claws) جي جڳهه تي سنوان سڌا ننهن پيدا ٿيا.

(*) ڏسڻ جي قوت (قوتِ بينائي) ۾ اضافو ٿيو ۽ سنگهڻ جي قوت ۾ اوتري ئي گهٽتائي ٿي. ان کان سواءِ اکين کي پاسن کان ڦيرائي سامهون آندو ويو، جتي کين هڪ حفاظتي هڏائين کوپي (Orbit) ۾ اندر پڻ سهيڙيو ويو. نتيجي ۾ سڀ-طرفي ديد پيدا ٿي.

(*) دماغ جي سائيز ۾ اضافو ٿيو ۽ ان جي بناوت پڻ پيچيده ٿيڻ لڳي.

انسان جي خاندان (Hominidae) ۾ به اهي بنيادي خصوصيتون موجود آهن پر انهن ۾ هيٺين ڦيرڦار ٿي:

(*) دماغ جي واڌ ۽ چنبن جي سوس، انسانن ۾ سندس برادريءَ جي ٻين جانورن (Primates) کان گهڻي ٿي. سندس دماغ مقدار ۽ معيار — ٻنهي لحاظن کان وڌيڪ سڌريل آهي: ان ۾ خاص طور ديد، ياد داشت، سکيا، ڳالهائڻ ۽ گوشت تي ضابطو رکندڙ مرڪز وڌيڪ سڌري ويل آهن.

www.sindhsalamat.com

(*) انسان پنهنجين پوين چنگهن کي پنهنجي برادريءَ (Primate) جي ٻين جانورن جي ابتڙ ٻيهڻ ۽ گهمڻ لاءِ وڌيڪ مخصوص ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سندس پير ۽ ان جي آڱرين جي آزادانه چرپر ختم ٿيندي وئي آهي جيڪا هوندڻ پرائيميٽ جانورن جي هڪ خاص خوبي آهي.

(ii) بدني هڪجهڙائي:

انسان جي پنهنجي برادريءَ (Primate) جي ٻين ڀاتين سان ڪافي جسماني مشابهت آهي. انساني برادريءَ جي سمورن قديم جانورن کي ڇچري يا ڪانوڙي ڪوئو (Tree Shrews) ڪوٺيو وڃي، ٿو. جيڪي نوريئڙي جهڙا ننڍڙا جانور ٿين ٿا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ عام جام لڌا وڃن ٿا. هي جانور جيتوڻيڪ انساني برادريءَ واري حيواني ٽولي (Primate) ۾ باقاعده نموني شامل نه ڪيا ويا آهن پر پوءِ به اهي جانورن جي ان اباڻي لڏي (Ancestral Stock) سان ويجهو رشتو رکن ٿا، جنهن مان اچوڪا پرائيميٽ يعني انساني برادريءَ وارا جانور ڦٽي نڪتا آهن. ڪانوڙي ڪوئا بلڪل هڪ پرائيميٽ جانور — ليمر (Lemur) جهڙيون خاصيتون رکن ٿا. ليمرس جي جسماني جوڙجڪ ڪانوڙي ڪوئن ۽ پولڙن جي وچ واري آهي يعني سندن ڪي عضوا ۽ خصلتون ڪانوڙي ڪوئن جهڙيون ٿين ته ڪي وري پولڙن جهڙيون! پرائيميٽ سلسلي جو ٻيو جانور پڇدار باندر آهي، جنهن جي بناوت، ليمرس کان وڌيڪ بهتر ۽ اعليٰ ٿئي ٿي. پڇدار باندر، ننڍڙي لنگور (Gibbon) جي معرفت وري وڃن اڻ - پڇين آدم نما باندرن (Tail-less Anthropoid Apes)، جهڙوڪ: چمپئنيزي، اورينگوتان ۽ گوريلا سان ڳنڍجن ٿا. آدم نما باندر پنهنجي جسماني بناوت ۾ انسان جي تمام ويجهو آهن. ان جا ڪجهه ثبوت هي آهن:

www.sindhsalamat.com

(١) آدم نما باندرن جو دماغ جيتوڻيڪ انسان جي دماغ کان ڪافي ننڍو آهي پر پوءِ بہ اهو ٻين ننڍن پرائيميٽ جانورن جي دماغ کان ڪافي وڏو ۽ سڌريل ٿئي ٿو. هنن باندرن جي دماغ جا وَر وڪڙ (Convolutions) بہ ساڳئي انساني دماغ جي ورن وڪڙن جي طرز تي ٻڌل ٿين ٿا. سندن دماغ جي اندروني بناوت بہ بلڪل انساني دماغ جهڙي هوندي آهي. ان کان سواءِ سندن دماغ جون محسوساتي ۽ حرڪتي سرگرميون بہ انساني دماغ جي ساڳين سرگرمين جهڙيون ٿين ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو انساني دماغ جي ڪمن ڪارين کي سمجهڻ واسطي آدم نما باندرن جي دماغ کي ئي تجربن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

(٢) آدم نما باندرن مان ڪن وڏن باندرن جي کوپڙي ۽ هڏا، قديم انسانن جي کوپڙين ۽ هڏن سان تمام گهڻين ڳالهين ۾ ملندڙ جلندڙ آهن، مثلاً چمپئنيزي ۽ گوريلن جي ٻت ۽ ڇنگهن جا هڏا اهڙي ڍول جا ٿين ٿا جو اهي ڪڏهن ڪڏهن انهن باندرن کي سڌي اٿي ٻيهڻ وقت متوازن رکي سگهندا آهن، جيڪا هوندئن انساني هڏن جي خاص، خوبي آهي. ڏندن (خاص طور هوڙن) جي سلسلي ۾ بہ انسان جي ڀٽيهيءَ سان مشابهت ڏيکارين ٿا.

(٣) انسان جي جسم ۾ موجود ڪافي مشڪون (گوشت) بلڪل اها ئي ورڇ ۽ (هڏن سان) لڳاداري (Attachment) ڏيکارين ٿيون، جيڪي آدم نما باندرن جون مشڪون سندن جسم ۾ ڏيکارين ٿيون.

(٤) خون جي هڪ چڪاس جنهن کي رت ڇمڻ جي چڪاس (Serum Precipitin Reaction) چئجي ٿو، انسان ۽ باندر — ٻنهي ۾ ساڳي ٿئي ٿي.

(٥) رت جا ڪي گروپ، انسان ۽ باندر ۾ ساڳيا ٿين ٿا.

(٦) انسان ۽ باندر جي جسم تي هڪ ئي قسم جا مفت خور جيوڙا (Parasites) پلجن ٿا.

www.sindhsalamat.com

(٧) انسان ۽ باندر ٻئي ڪن ساڳين بيمارين جو شڪار ٿين ٿا.

(٨) انسان ۽ آدم نما باندر جي پيڙهين جي جڏهن سندن هڏ آيل پٿرايل بوتن منجهان کوج ڪجي ٿي ته معلوم ٿو ٿئي ته ارضياتي لحاظ کان قديم ترين انسان، اڄوڪي انسان سان گهٽ ۽ آدم نما باندر سان وڌيڪ مشابهه هئا. ساڳئي نموني آدم نما باندرن جا قديم نمائندا، هاڻوڪن باندرن سان گهٽ پر قديم انسانن سان وڌيڪ مشابهه هئا.

ان ڪري جسماني اعتبار کان انسان جو حيواني دنيا سان ناتو هيٺئين نموني ڳنڍجي ٿو:

- انسان هڪ زنده جيو آهي، جنهن جو واسطو حياتياتي عالم جي حيواني ٽولي سان آهي. ڪرنگهي هجڻ ڪري، انسان جو رشتو انهن جاندارن سان ڳنڍجي ٿو، جن کي ڪرنگهي دار جانور (Vertebrate) ڪوٺيو وڃي ٿو. انسان جيئن ته پنهنجن ٻچن کي ٿڃ ڌارائي ٿو، ان ڪري هن جو واسطو ڪرنگهي دار جانورن جي ان جماعت سان ٿئي ٿو، جن کي ٿڻائتا جانور (Mammals) سڏيو وڃي ٿو. ٿڻائتن جانورن ۾، انسان جي ويجهي مٽي مائٽي اهڙي فرقي سان ٿئي ٿي جنهن ۾ موجود ٿڻائتن جانورن جون چنگهون ۽ پاڻهون وٺ پڪڙ (Grasping) لاءِ مخصوص ٿين ٿيون، ڪين سڌا ننهن ٿين ٿا، سندن اکيون پاسن بجاءِ اڳيان ڦري آيل ٿين ٿيون، سندن ٽنتي سرشتو (دماغ) اعليٰ ترتيب وارو ٿئي ٿو. هن فرقي کي پرائيميٽ جانور ڪوٺيو وڃي ٿو، جنهن ۾ انسان سان گڏ باندر ۽ ليمر به شامل آهن. پرائيميٽ جانورن منجهان انسان ٻئي ڪنهن به جانور سان ايڏي گهڻي مشابهت نه ٿو ڏيکاري جيڏي اهو ادم نما باندرن سان ڏيکاري ٿو.

www.sindhsalamat.com

انساني پتراپل ڊانچو هٿ نه اچي سگهيو آهي، جنهن ڪري اتي هڪ ارتقائي خال پيدا ٿي پيو آهي. عين ممڪن آهي ته اهو خال مستقبل جي سائنسي دريافتن ۽ کوجنائن هٿان پرجي وڃي ۽ اسان انسان جي عمر جو بلڪل ٺيڪ حساب لڳائي سگهون.

## انسان جو ارتقائي شجرو

| | |
|---|---|
| ڪوئلي وارو عرصو (۳۵ ڪروڙ سال اڳ) | ريڙهياڪ جانور |
| | ↓ |
| پرمين عرصو (۲۸ ڪروڙ سال اڳ) | ٿڻڀارا جانور |
| | ↓ |
| پيليوسين زمانو (۷ ڪروڙ سال اڳ) | ڇڇريون يا ڪانوڙي ڪوئا |
| | ↓ |
| ايوسين زمانو (۵۰۴ ڪروڙ سال اڳ) | ليمرس |
| | ↓ |
| ايوسين زمانو (۴ ڪروڙ سال اڳ) | ٽارسئائڊس |
| | ↓ |
| اوليگوسين زمانو (۳۰۸ ڪروڙ سال اڳ) | آدم نما جانور |
| | ↓ عام باندر ؛ ↓ |
| مايوسين زمانو ۲۰۶ ڪروڙ سال اڳ) | آدم نما باندر ۽ انسان |
| | ↓ آدم نما باندر (Poozidae) ؛ ↓ انسان (Hominidae) |

www.sindhsalamat.com

# جانورن جي درجه بنديءَ ۾ انسان جي بيهڪ

| | | |
|---|---|---|
| جماعت (Class) | ٿڃائتا جانور (Mammals) | [ميهن، گهوڙن ٻڪري، باندر، انسان] |
| فرقو (Order) | انساني برادري (Primates) | [ليمرس، ٽارسيئر، باندر ۽ انسان] |
| ننڍو فرقو (Sub-order) | آدم نما جانور (Anthropoidea) | [عام باندر، آدم نما باندر ۽ باندرائي انسان] |
| وڏو خاندان (Super family) | باندر ۽ انسان جو خاندان (Homimoidae) | [آدم نما باندر، باندرائي انسان، انسان] |
| خاندان (Family) | اوائلي ۽ جديد انسانن جو (Hominidae) | [باندرائي انسان، انسان] |
| ننڍو خاندان (Sub-family) | مڪمل انسانن جو خاندان (Hominiinae) | [انسان] |
| قسم (Genus) | هـومـو (Homo) | |
| ذات (Species) | آيو انسان (Erectus) | جديد انسان (Sapiens) |

www.sindhsalamat.com

## (ب) انسان جون ارتقائي خصوصيتون

انسان هڪ مُهان جيو آهي، اشرف المخلوقات (Supreme being) آهي، هن پنهنجي سخت محنت سان ئي اهو مقام ماڻيو آهي. اهي ارتقائي خصوصيتون جن انسان کي بحيثيت هڪ جانور جي، ٻين سمورن جانورن عام طور ۽ پنهنجي برادريءَ جي جانورن کان خاص طور مختلف، اعليٰ ۽ افضل بڻائي ڇڏيو، سي هيٺيون هيون:

1. دماغ جي وڏي سائيز
2. تکي ۽ سڀ-طرفي ديد
3. سنگهڻ جي ڪمزور قوت
4. سکڻ ۽ ڄاڻ منتقل ڪرڻ جي صلاحيت
5. آڱرين کي ڇهندڙ آڱوٺي ۽ جڪڙيندڙ هٿن جو هجڻ
6. آيي ٻه-پيري بيهڪ
7. کوپڙيءَ جي مها سوراخ جو هيٺ هجڻ
8. غيرخصوصي ڏند.

### 1. دماغ جي وڏي سائيز:

انساني کوپڙيءَ ۾ موجود ننڍو ۽ وڏو دماغ ٻين ڪرنگهي‌دار جانورن جي دماغن کان قدري وڏا آهن. انهن جي ابراضي خاڪي مادي (Grey Matter) جي ورن وڪڙن ڪارڻ سبب تمام گهڻي وڏي ويل آهي. انساني کوپڙيءَ جي سراسري گنجائش (Capacity) ١٤٥٠ سي-سي آهي جيڪا ٻين جانورن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي آهي. وڏي دماغ (Cerebrar hemispheres) جي وڏي سائيز هجڻ ڪري انسان ٻين سڀني جانورن کان وڌيڪ سياڻو، ذهين ۽ ڏاهو ۽ ڦڙت بڻجي سگهيو آهي ۽ ننڍي دماغ (Cerebellum) جي وڏي سائيز هجڻ ڪري جسم جي مشڪن ۽ ٻين عضون مٿان رکيل سندس ضابطو وڌيڪ مؤثر ۽ تکو ٿي سگهيو آهي.

www.sindhsalamat.com

دماغي کوپي جي بلڪل هيٺان واقع هوندو آهي. مها سوراخ جي جڳهه ۾ ان تبديليءَ انسان کي ان قابل بڻايو ته هو پنهنجي ڪرنگهي کي سڌو ۽ عمودي رکندي به آسانيءَ سان سامهون نهاري سگهي. مها سوراخ جي جڳهه ۾ اها تبديلي انسان جي آيي بيهڪ اختيار ڪرڻ ڪري آئي.

8. غيرخصوصي ڏند (Un-Specialized Teeth)

انسان جا ڏند ڪنهن خاص قسم جي ڪاڏي ڪائڻ لاءِ مخصوص ٿي ويل نه آهن جيئن گهوڙي جا ڏند سخت گاهه چٻاڙڻ لاءِ مخصوص ٿي ويل آهن يا جيئن گوشت خور جانورن (ڏمائتن جانورن) جا ڏند، گوشت کي چيرڻ ڦاڙڻ لاءِ خاص روپ وارا ٿي ويل آهن. انساني ڏندن جي ان غيرمخصوص پڻي سبب، انسان هر شيءِ-خور (Omnivorous) آهي، هو لڪڙ به هضم ڪري سگهي ٿو ته پٿر به، هو سبزي به کائي سگهي ٿو ته گوشت به.

## (ب) باندر ۽ انسان ۾ فرق

باندر ۽ انسان توڙي جو هڪ گڏيل يا مشترڪ ابي ڏاڏي مان ڦٽي نڪتل آهن، پر بعد ۾ ارتقائي سفر جي ٻن جدا جدا




www.sindhsalamat.com

زماني جو انسان. هن انسان جي لڌل پٿرايل بوٽي جو ١٩٦١ع ۾ ڀيهر اڀياس ڪيو ويو جنهن ۾ اهو نتيجو ڪڍيو ويو تہ هن همراھ جا هڏا بلڪل هڪ مڪمل انسان جي هڏن واري جوڙجڪ ڏيکارين ٿا. اڄ ڪي سائنسدان هن انسان کي 'سڀ کان قديم انسان' قرار ڏين ٿا. (ڏسو انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا. جلد ١١، صفحو ٤٢٢).

* فلسطين جي ڪارميل جبل جي لاهين وٽان هٿ آيل پٿرايل ڍانچا نينڊرٿال قسم جا ڇپيا وڃن ٿا.

* ١٩٣٦ع ۾ رابرٽ براڊون ڏکڻ آفريڪا جي جوهانسبرگ علائقي منجهان اوائلي انسان جي ڀيٽي ڍانچن جو سراغ لڳايو. ١٩٤٠ع ۾ هن ساڳئي هنڌ تان وري ڪجهہ وڌيڪ ڀيٽي ڍانچا ڳولي ڪڍيا.

* ١٩٥٣ع کان پوءِ اتر عراق جي شانيدار غار مان نينڊرٿال قسم جا ڪجهہ وڌيڪ پٿرايل ڍانچا هٿ آيا.

* ١٩٥٨ع ۾ اٽليءَ جي ڪوئلي جي کاڻين منجهان قديم انسان جو هڪ مڪمل ڀيٽي ڍانچو هٿ آيو، جنهن جو نالو اوريوپٿيڪس (Oreopithecus) رکيو ويو. عمر جي لحاظ کان هن ڍانچي کي اوائلي پليوسين ۽ پڇاڙڪي مايوسين زماني جو ليکيو وڃي ٿو. (ياد رهي تہ هن ڍانچي کي اڄڪلهہ انسان جو ڍانچو نہ پر هڪ باندر جو ڍانچو تسليم ڪيو ٿو وڃي.)

* ١٩٥٩ع کان وٺي اڄ تائين ڊاڪٽر ايل.ايس.بي. ليڪي (L.S.B. Leakey) ۽ سندس زال تنزانيا ۾ اولڊواه جي سوڙهي گهٽيءَ تي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اتان هن ڪافي انساني پٿرايل ڍانچا ۽ اوزار ڳولي ڪڍيا آهن. هنن جو لڌل انسان زنجانٿروپس بئازي (Zinjanthropus boisei) ڪوٺيو وڃي ٿو. ١٩٦٢ع کان ١٩٧٢ع تائين ڊاڪٽر ليڪي ڪجهہ وڌيڪ اوزار ۽ انساني ڇاڙيون لڌيون. سندن دريافت ڪيل تازه ترين اوائلي انسان هوموهئبلس (Homo-hebilis) آهي، جنهن جو مطلب آهي اوزار ٺاهيندڙ انسان. ڊاڪٽر

www.sindhsalamat.com




انسان جي ارتقا جا مرحلا

www.sindhsalamat.com

رکي ٿي. هن جو گذران ساوڪ ۽ شڪار ڪيل جانورن تي ٿيندو هو.

(٢) اوائلي آفريڪي انسان (Australopithecus Africanus)

آفريڪا جو هي باندر نما انسان، ڊارٽ نالي هڪ سائنسدان ١٩٢٤ع ۾ دريافت ڪيو. زنجانٿروپس انسان جي ليجن کان اڳ



اوائلي آفريڪائي انسان

هي قديم ترين اوائلي انسان ليکيو ويندو هو. بهرحال هي به تقريباً اوترو ئي پرالو آهي جيترو زنجانٿروپس. هن انسانڙي جو مٿو ڪرنگهي جي چوٽيءَ تي اڀيان لڙڪي بيهڻ بدران سڌو ۽ متوازن تي بيٺل هو. هن جون هوڙون وڏيون هيون پر سندس چهڙ وارا ڏند (Canine Teeth) ٻين ڏندن کان اڳتي نڪتل ڪونه هئا. سندس کوپڙيءَ جي گنجائش ٦٠٠ سي-سي هئي (هڪ جوان جماڻ گوريلي جي کوپڙيءَ جيتري). هي ٻن پيرن تي ۽ سنئون سڌو گهمندو هو. ڪيس اوزار ٺاهڻ ڪونه ايندا هئا، توڙي جو هو زنجانٿروپس کان ڪافي بعد ۾ آيل هو.

ٿورن لفظن ۾ ارتقا جي هن منزل تائين جوڪا ارتقائي

www.sindhsalamat.com

| وقت | ارضياتي دور | | تهذيبي دور | انسان |
|---|---|---|---|---|
| | هاڻوڪو زمانو (هولوسين) | | تهذيبي زمانو<br>نئون پٿر جو زمانو<br>وچون پٿر جو زمانو | هاڻوڪو انسان |
| ١٠ هزار سال اڳ | پليسٽوسين | چوٿون برفاني دور | اوائلي پٿر جو زمانو | نينڊرٿال انسان |
| | | ٽيون گرم وقفو | | |
| ١ لک سال اڳ | | ٽيون برفاني دور | | يورپي انسان |
| ٢ لک سال اڳ | | ٻيو گرم وقفو | | |
| ٥ لک سال اڳ | | ٻيو برفاني دور | | آدو انسان |
| | | پهريون گرم وقفو | | اوائلي انسان |
| ١٠ لک سال اڳ | | پهريون برفاني دور | | |

www.sindhsalamat.com

# باب ستون

# انساني ارتقا واسطي سھڪاري يا مددگار عنصر

انسان ڪان ٻاھر ۽ خود ھن جي جسم ۾ اندر ڪيئين اھڙا جزا پيدا ٿيا جن ھن جي ڏڪي ۽ ڪٺن ارتقا کي ممڪن بڻايو ۽ ھئي ڏني. انھن مددگار ارتقائي عنصرن ڪان سواءِ اڄ جيڪر اسان انسان جي ارتقا جو سوچي به نه سگھون. اھي مددگار عنصر ھيٺيان ھئا:

| | |
|---|---|
| (١) خودڪفيل ٻوٽن جو وجود | (٨) دماغ ۽ حواس |
| (٢) ٻه- پيري آڃي بيھڪ | (٩) شعور |
| (٣) ھٿ | (١٠) گوشت |
| (٤) اوزار | (١١) باھ |
| (٥) محنت | (١٢) آبھوا |
| (٦) ٻولي | (١٣) اڪيون |
| (٧) سماج | (١٤) جنس. |

## (١) خودڪفيل ٻوٽن جو وجود:

ٻوٽن جي دنيا ۾ ھي اھڙا ھئا جيڪي پنھنجو کاڌو پاڻ تيار ڪري ٿي سگھيا. حياتي دنيا ۾ اھڙن ٻوٽن جي پيدائش ھڪ وڏو ارتقائي چال ھو. ان چال جانورن جي ارتقا کي عام طور ۽ انسانن جي ارتقا کي خاص طور ھيٺين سببن ڪري ھٿي ڏني:

www.sindhsalamat.com

(الف) هي ٻوٽا ڌرتيءَ تي آزاد آڪسيجن گئس جو وڏي ۾ وڏو ذريعو بڻجڻ لڳا، ڇو ته اهي روشنائي ترڪيب جي عمل ۾ آڪسيجن گئس فضا ۾ ٻاهر مسلسل ڇڏيندا ٿي رهيا. اها آڪسيجن هڪ وڏي ارتقائي قوت ثابت ٿيڻ لڳي ڇو ته ان جانورن جو جسم وڌائڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري وڏا هواباش جانور، (جن ۾ انسان به شامل آهي) وجود ۾ اچي سگهيا.

(ب) هي ٻوٽا ڌرتيءَ تي واحد زنده جاندار آهن جيڪي ناميائي مادا (Organic Matter) پاڻ تيار ڪري سگهن ٿا جنهن تي سموري حيواني دنيا سڌي يا اڻ سڌي طرح پلجي ٿي. جيڪڏهن خودڪفيل ٻوٽا اهو کاڌو تيار نه ڪري سگهن ها ته جيڪر هن ڌرتيءَ تي وڏا جانور پيدا ٿي نه ٿي سگهن ها؛ جنهن ڪري انسان وجود ۾ ٿي نه اچي سگهي ها ڇو ته انسان انهن وڏن جانورن منجهان ٿي بعد ۾ ڦٽي نڪتو آهي. انسان جو کاڌو جانورن جي گوشت ۽ ٻوٽن تي مشتمل هوندو آهي. اهي جانور جن کي انسان پنهنجو کاڄ بڻائيندو آهي سي به وري سڌي يا اڻ سڌي طرح ٻوٽن تي ٿي پليل هوندا آهن ٻين لفظن ۾ هيءَ سموري حيواني دنيا، انسان سميت سڌي يا اڻ سڌي طرح نباتياتي دنيا جي محتاج آهي، ان جي مرهونِ منت آهي. مطلب ته هن ڌرتيءَ تي وسندڙ جانور ٻوٽن جي دَم سان ٿي آباد آهن. هن ڳالهه جو زنده ثبوت رڻ پٽ ۽ بيابان آهن جتي پاڻيءَ جي کوٽ سبب ٻوٽا ڪونه ٿا ڦٽي سگهن. نتيجي ۾ اتي زندگي به تمام محدود ۽ ننڍي پيماني تي موجود هوندي آهي.

### (٣) ٻه - پيري اُڀي بيهڪ (Erect Bi-pedalism):

هيءَ ارتقائي تبديلي يعني چئن پيرن واري چال ڇڏي ٻه - پيري چال اختيار ڪرڻ هڪ اهڙي بنيادي ارتقائي تبديلي هئي جيڪا انسان کي انسان بڻائيندڙ ٻين اهم تبديلين واسطي هڪ پيش خيمو ثابت ٿي. مثلاً جيڪڏهن هيءَ تبديلي وجود ۾ نه اچي

www.sindhsalamat.com

ڪي وجود ۾ آڻي سگهيا. انسان جي هٿن جو اهو استعمال سندس جسم جي ٻين عضون تي به اثرانداز ٿيو. هٿن استعمال ڪرڻ ڪري اوزار ايجاد ٿيا؛ اوزار استعمال ڪرڻ ڪري شڪار گڏجي ٽولن ۾ جٿن جي صورت ۾ ٿيڻ لڳو؛ گڏجي ڪم ڪرڻ ڪري مختلف انسانن کي هڪٻئي سان رابطو قائم ڪرڻو پيو، جنهن ڪري انسان ۾ هڪ نئون عضوو جيڪو مختلف بامعنيٰ آواز ڪڍي ٿي سگهيو، پيدا ٿيو، جنهن کي اسان انساني گلو (Larynx) چئون ٿا. اهڙي طرح ٻولي ۽ انساني سماج وجود ۾ آيا. انساني هٿ جي نفيس مشڪن جي حساس چرپر ۽ چقمقي پڪڙ، انسان جي وجود لاءِ ايترو ته اهم هيون جو دماغ ۾ انهن واسطي جسم جي ٻين مشڪن جي ڀيٽ ۾ تمام وڏي جڳهه مخصوص ٿي ويئي آهي. ان کان علاوه انهن مشڪن جي چرپر ۾ موجود نفيس هم‌آهنگي انساني سوچ جي طفيل پيدا ٿيڻ لڳي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ به انساني دماغ ۾ 'غور و فڪر' ڪرڻ جا مرڪز انهن مرڪزن جي ويجهو موجود آهن جيڪي جسم جي مشڪن تي ضابطو رکندا آهن.

انساني هٿن جو ٻيو اهم پهلو هي آهي ته انهن ۾ ڇهڻ جي حس تمام گهڻي اڀتي وڌيل آهي، خاص ڪري آڱرين جي چوٽين ۾! ان جو سبب پروفيسر هارڊي هي ٻڌايو آهي ته وڻن تان لهي هيٺ زمين تي پاڻ کي محفوظ نه سمجهندي اوائلي باندر-نما انسان کي جڏهن مجبوراً ساموڊي پاڻيءَ ۾ گهڙڻو پيو تڏهن هن کي پاڻيءَ ۾ سڌو ٿي بيهڻو پيو؛ جنهن ڪري سندس اڳيون ڄنگهون آزاد ٿي ويون ۽ هو پنهنجا هٿ پاڻيءَ اندر وسندڙ اهڙين شين کي پڪڙڻ ۽ جهلڻ لاءِ استعمال ڪرڻ لڳو جن کي هو چٽي طرح نه ٿي ڏسي سگهيو. نتيجي ۾ هن جي هٿن جي آڱرين جون چوٽيون تمام گهڻو حساس ٿي ويون.

www.sindhsalamat.com

## (۴) اوزار:

اوزار محنت ڪرڻ جو هڪ مادي وسيلو آهن. حقيقت ۾ اهي اوزار ئي هئا جن انسان کي ’اشرف المخلوقات‘ بڻايو، جن هن کي ٻين جانورن کان وڌيڪ سياڻو، ڦڙت، چالاڪ، ذهين، طاقتور ۽ خود اعتماد بڻايو. سچ ته انهن اوزارن جي معرفت ئي انسان فطرت جي مونجهار قوتن مٿان حاوي ٿيندو ويو آهي ۽ ’وجود جي ويڙهه‘ ۾ پاڻ کي زنده ۽ سلامت رکي سگهيو آهي. نت نوان اوزار ٺاهڻ ۽ انهن کي نت نون طريقن سان استعمال ڪرڻ جي خاصيت، انسان جي دماغ کي ڏينهون ڏينهن ترقي وٺرائيندي رهي، ان ۾ نوان تنتي رشتا پيدا ڪري، ان جي ذهانت (Intelligence) ۽ ڏاهپ (Intellect) کي وڌائيندي رهي. سماجي سائنس جي ماهرن مارڪس ۽ اينگلس جي چوڻ مطابق انساني معاشري جي ترقيءَ جو دارومدار پيداواري قوتن ۽ رشتن تي ئي ٽيندو آهي. ڪنهن به سماج جون پيداواري قوتون محنت ڪندڙ انسانن ۽ محنت ڪرڻ جي اوزارن تي مشتمل هونديون آهن. هڪ لحاظ کان ڏٺو وڃي ته انساني معاشري کي ترقيءَ جا انقلابي چال انهن پيداواري اوزارن ئي ڏياريا آهن. جيئن جيئن انسان مادي پيداوار لاءِ نوان ۽ وڌيڪ سڌريل اوزار گهڙيندو ويو آهي، تيئن تيئن انساني معاشري ۾ وڌيڪ ترقي ٿيندي وئي آهي. انساني تهذيب جا دور به انهن پيداواري اوزارن جي حوالي سان سڃاتا وڃن ٿا، جيئن ’پٿر جو زمانو‘، ’ڌاتوءَ جو زمانو‘ وغيره. قديم راڄوڻي دور جا ڪاٺ، هڏن ۽ پٿرن مان ٺهيل اوزار، غلامدار دور جا ٽامي، پتل ۽ لوهه مان ٺهيل اوزار، جاگيرداري دور جا ڪاٺ ۽ لوهه مان ٺهيل هر، ڏنداريون (Harrows) هوائي ۽ آبي چڪيون ۽ سرمائيدارانه سماج جا مشيني اوزار — انساني سماج جي ارتقا جا روح روان عنصر آهن.

اوزار هڪ اهڙي شيءِ هو جيڪو انسان جي جسم کان ٻاهر موجود هو؛ اهو هن کي پيئتان عطا ٿيل ڪونه هو.

www.sindhsalamat.com

انسان جي ناهيل اوزارن ۾ وقت گذرڻ سان گڏ سڌارو ۽ واڌارو ايندو ويو ڇو ته وقت سر هن جي محنت به گهڻن قسمن جي پيچيده ٿيندي پئي وئي. انساني تاريخ ۾ پهريان اوزار يا هٿيار پٿر مان ٺهيل ڏنڊا ۽ گُرز (Spear) هئا. پوءِ اهي کهاڙي، تير ۽ چاقوءَ جي صورت اختيار ڪرڻ لڳا. گُرز کان پوءِ انسان تيرڪمان ٺاهيو جيڪو انسانذات جي حيواني دور جو بنيادي ۽ فيصله ڪن هٿيار هو. ان کان پوءِ انسانذات جي وحشي دور (Barbarism) ۾ لوهه جي دريافت ٿي ۽ اوزار ۽ هٿيار لوهه مان ٺهڻ لڳا. لوهه ۽ ڪاٺ مان ٺهيل هر، لوهه جي کهاڙي ۽ بيلچو (Spade) هن دور جا اهي ڪارناما هئا جن ان کي اڳتي هلي انسانذات جي 'باقاعده تهذيبي دور' ۾ داخل ڪيو. اهڙي طرح انسان جا هي مصنوئي چنبا ۽ ڏند يعني سندس ٺاهيل اوزار ۽ هٿيار، وڌيڪ تيز ۽ طاقتور ٿيندا ويا. جيڪي هٿ هو پنهنجي شڪار کي پڪڙڻ لاءِ استعمال ڪندو هو، اهي هاڻي وڌيڪ ڏکيا، موڪرا ۽ طاقتور ٿيندا ويا.

(٥) محنت:

انساني هٿن جي آزاد ٿي وڃڻ کان وٺي انساني شعور جي تخليق تائين رڳو محنت ئي هڪ بنيادي ۽ رهنما ارتقائي ڪردار ادا ڪيو آهي. وڻن تان هيٺ لهي زمين تي جڏهن انسان جي ارتقائي ابن ڏاڏن کي ٻه-پيري آيي ٻيهڪ اختيار ڪرڻي پئي تڏهن سندن هٿ آزاد ٿي ويا. هٿن جي آزاد ٿيڻ سان ئي محنت جو عمل شروع ٿئي ٿو. ابتدا ۾ اهي هٿ ايترا ترقي يافته، ڦڙت، مضبوط، لچڪيدار ۽ نفيس ڪم ڪندڙ ڪونه هئا پر جيئن جيئن انهن کي مختلف قسمن جا ڪم ڪرڻا پوندا ويا تيئن تيئن انهن ۾ سڌارو ايندو ويو جيڪو وراثت جي عمل ذريعي نسل در نسل منتقل ٿيندو ويو ۽ سڌرندو سنورجندو ويو. اهڙي طرح محنت انساني هٿن کي پيدا ڪيو، جن موٽ ۾ محنت کي هميشه لاءِ جاري رکيو. اهو ئي

www.sindhsalamat.com

جي ڌڻ جي سنڀال ڪرڻ هڪ تمام ئي مشڪل ڪم هو. چوپائي
مال جو اهو ڌڻ ڪنهن به هڪ هنڌ جي چراگاهه کي چند ڏينهن
۾ چٽ ڪري ڇڏيندو هو ۽ جلد ئي ڪنهن ٻئي هنڌ ڏانهن
لاڏائو ڪرڻ لڳندو هو. ان صورتحال جي پيش نظر انهن قديم
انسانن جي زندگي هڪ 'خانہ بدوش زندگي' بڻجي وئي ۽ اتان ئي
انساني تاريخ جو وڏي ۾ وڏو الميو يا سانحو شروع ٿيڻ لڳو.
انساني تاريخ ۾ پهريون پهرو محنت جي تقسيم رڳو هڪ قبيلي
جي باشندن درميان ئي نہ پر مختلف قبيلن جي درميان بہ ٿيڻ
لڳي. مال چاريندڙ قبيلن وٽ پنهنجي استعمال کان وڌيڪ شيون
ڪٺيون ٿيڻ لڳيون جو تہ انهن وٽ مينهون، رڍون، ٻڪريون ۽
ڳئون هجڻ ڪري کير ۽ گوشت جو هڪ جهجهو ۽ باقاعده
مقدار موجود رهندو هو. ان سبب ڪري زراعتي قبيلن ۽ سندن
وچ ۾ شين جي مٽاسٽا جيڪا اڳ هڪ بلڪل ئي اتفاقي عمل
هوندي هئي، هاڻي هڪ باقاعده عمل طور ٿيڻ لڳي. اهڙي طرح
انهن ميدانن ۾ اهڙا قبيلا بہ آسريا جيڪي رڳو چوپايو مال
پاليندا هئا ۽ ان جو تبادلو رڳو فصل پوکيندڙ قبيلن سان اناج
جي بدلي ۾ ڪندا هئا. اهي ڪڏهن بہ هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪري
ڪونہ ويهندا هئا پر پنهنجي مال سان گڏ هڪ چراگاهه کان
ٻئي چراگاهه ڏانهن رلندا رهندا هئا. هو خانہ بدوش زندگي گهاريندا
هئا. ڪڏهن هت تہ ڪڏهن هُتا! هي خانہ بدوش قبيلا رستي ۾
پوندڙ ٻين هارپ ڪندڙ قبيلن جي ٻنين ۽ مال تي قبضو ڪري
وٺندا هئا ۽ ان جي باشندن يعني هارين کي قيدي بڻائي وٺندا
هئا. ساڳئي نموني قديم هاري بہ امن پسند ڪونہ هوندا هئا؛ اهي
بہ جڏهن فصل جي ڪٽائي تي چڪي هوندي هئي، تڏهن پر وارن
هارين تي حملو ڪري ڏيندا هئا ۽ انهن جو ميڙيل آن"، ڪپڙو،
زيور ۽ هٿيار ڦري وٺندا هئا ۽ ماڻهن کي قيدي بڻائي ڇڏيندا
هئا تہ جيئن انهن کان ضروري ڪم وٺي کين آزاد ڪري ڇڏجي.
شروع شروع ۾ قيدين کي غلام ڪونہ بڻايو ويندو هو پر جڏهن

www.sindhsalamat.com

۾ ورهائجي وچ، انساني تاريخ جو وڏي ۾ وڏو سانحو هو. اهڙي طرح آزاديءَ جي راهه تي قدرت جي طاقتن کي قابو ۾ آڻڻ دوران انسان خود پنهنجي ساٿي انسان جو غلام بڻجي ويو.

## (ب) محنت جي ٻي وڏي ورهاست:

محنت جي هيءَ ورهاست ان وقت شروع ٿي جڏهن دستڪاري، زراعت کان ڇڄي ڌار ٿي وئي. اهڙي طرح شين جي مٽا سٽا هڪ قبيلي ۾ اندر به ٿيڻ لڳي. جنهن ڪري معاشي اڻ برابري اڃا به وڌڻ لڳي ۽ انسان آقائن ۽ غلامن ۾ ورهائجڻ کان علاوه، اميرن ۽ غريبن ۾ پڻ ورهائجي ويا.

## (پ) محنت جي ٽين وڏي ورهاست:

ذهني ڪم جي جسماني ڪم کان علحدگي:

ذهني ڪم، جسماني ڪم کان بلڪل الڳ ٿيڻ لڳو؛ جنهن ڪري ذهني ڪم تي ڪجهه مٺ ڀر ٽوراڻيءَ يعني حڪمران طبقي قبضو ڪري ورتو، جنهن پئداوار جو انتظام ۽ حڪومت جي واڳ پنهنجن هٿن ۾ سنڀالي ورتي ۽ سخت جسماني ڪم يا پورهيو ماڻهن جي وڏي اڪثريت مٿان ٿڦو ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح محنت جي ان ورهاست انساني معاشري ۾ مختلف طبقا وجود ۾ آڻي ڇڏيا.

محنت بابت ڪيل مٿين ڳالهين جو تت هن ريت ڪڍي سگهجي ٿو: ”محنت انسان جي ارتقا لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم مرڪزي ۽ بنيادي سهڪاري عنصر رهي آهي، جنهن نه رڳو هن جي ارتقا کي ممڪن بڻايو آهي پر ان کي طاقتور، انوکو، نرالو ۽ خوبصورت پڻ بڻايو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اينگلس هيئن چيو، ”محنت ئي انسان کي پئدا ڪيو آهي.“

www.sindhsalamat.com

## (٦) ٻــولـــي:

### اشارن جو ڀھريون سرشتو:

جهنگل ۾ هر جانور انهن هزارين اشارن کي ٻڌندو ۽ سمجهندو آهي جيڪي هر طرف کان هن وٽ پهچندا رهندا آهن. جنهن ڪري پوءِ هو پاڻ کي انهن اشارن پٽاندڙ خبردار ۽ هوشيار رکندو ايندو آهي. جڏهن وڻ جي ڪا ٽاري ٽٽڻ لڳندي آهي، تڏهن ان ٽاريءَ تي ويٺل پکي اهو دليل ڏورڙائيندو آهي ته سندس ڪو دشمن پهچي ويو آهي. ان ڪري هو ذهني طور پاڻ کي مقابلي لاءِ يا وري ڀڄڻ لاءِ تيار ڪري وٺندو آهي. تاريخ کان اڳ وارو انسان به پنهنجي چوڌاري موجود دنيا مان ايندڙ دوستن ۽ دشمنن جا اشارا ٻڌندو هو ۽ انهن مطابق پاڻ کي چوڪس رکندو هو.

### گونگي زبان:

اوائلي انسان ٻين جانورن وانگر ٻاهرين دنيا مان ملندڙ اشارا ته سمجهندو ئي هو پر هو اهڙا اشارا به سمجهڻ لڳو هو جيڪي رڳو سندس جرگي جا ماڻهو هن کي ڏيندا هئا. تاريخ کان اڳ جو انسان جيئن ته ٻين پاڻ جهڙن انسانن سان گڏجي ڪم ڪندو هو، ان ڪري اهو اشتراڪي ڪم سندن وچ ۾ ڪنهن نه ڪنهن رابطي (Communication) يا گفتگو جي تقاضا ڪندو هو ڇو ته ساڳيو ڪم جڏهن گهڻا ماڻهو گڏجي ڪندا آهن تڏهن انهن ۾ هڪ نڪتي تي اتفاق ڪرڻ لازمي هوندو آهي نه ته 'جيترا وات، تيتريون ڳالهيون' جي چوڻيءَ موجب اهو ڪم ڪانئن ڪي ٿي نه سگهندو آهي. پر اوائلي انسان اڃا ان ڏاڪي تي نه پهتو هو جو هو ڳالهائي سگهي؛ سندس ننڍي پيشانيءَ واري کوپڙيءَ ۾ موجود دماغ ۾ اڄوڪي انسان جي دماغ جا ڪجهه اهم حصا اڃا اُسريا ئي نه هئا ۽ سندس هيٺين ڄاڙي اڃا ڳالهائڻ

www.sindhsalamat.com

جا خليا تعداد ۽ معيار ۾ وڌندا رهيا ۽ سندن وچ ۾ موجود لاڳاپا (Synapses) وڌيڪ منظم ۽ پيچيده ٿيندا رهيا. مجموعي طور دماغ خود تمام وڏو ٿيندو ويو. اشارن جي هيءَ گونگي زبان بامقصد ضرور هئي پر اها انسان جي وڌندڙ سرگرمين جي مقابلي ۾ تمام محدود هئي ڇو ته:

(1) ڪنهن شيءِ کي پڌائڻ لاءِ هو اشارو ته استعمال ڪري ٿي سگهيو پر ڪنهن مجرد خيال (Abstract Idea) کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هو ڪوبه اشارو نه ٿي گهڙي سگهيو. مثال طور نيڪيءَ لاءِ، سچ لاءِ، ڪوڙ لاءِ هو ڪي به اشارا ڪتب آڻي سگهڻ کان قاصر هو.

(2) اشارن جي هيءَ گونگي زبان رات جي گهگهه اونداهيءَ ۾ نه پئي ڳالهائي سگهجي ڇاڪاڻ ته اونده ۾ ڪيل اشارا ڏسڻ ۾ ئي نه ٿي اچي سگهيا.

(3) کليل ميدانن ۾ اشارن جي هيءَ گونگي ٻولي ڳالهائڻ ته تمام آسان ڪم هو پر جهنگل ۾ جتي شڪاري گهاٽن وڻن ۽ جهاڙين جي ڪري هڪٻئي کان الڳ ٿي، لڪي ۽ گم ٿي پئي ويا، تڏهن اشارن جي هيءَ ٻولي ڳالهائڻ ناممڪن ٿي پوندي هئي.

(4) انسان جو تجربو ۽ علم جيئن جيئن وڌندو ويو، تيئن تيئن انهن شين ۽ لقائن جو تعداد به وڌڻ لڳو جن کي هو اشارن وسيلي هڪٻئي تائين پهچائي يا سمجهائي سگهندو هو. ان ڪري اشارن جو تعداد ۽ انهن کي ظاهر ڪرڻ جو وقت-طلب طريقو به ڪافي پيچيده ۽ ڏکيو ٿي ويو، سندس سنڀال کان ٻاهر نڪرڻ لڳو ان صورتحال ۾ هن لاءِ اشارن جو هڪ نئون سرشتو تخليق ڪرڻ بي حد ضروري ۽ اڻٽر ٿي پيو.

## اشارن جو ٻيو سرشتو — ٻوليءَ جو ڦٽڻ:

اشارن جي گونگي ٻوليءَ ۾ موجود مٿين سمورين ڪوتاهين جي پيش نظر هاڻي انسانن کي اها ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي ته

www.sindhsalamat.com

هو هڪٻئي کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ آواز جو به استعمال ڪن. شروع شروع ۾ اوائلي انسان جو ڳلو بامعني ۽ صاف آواز ڪڍڻ جي قابل نه هو پر پوءِ آهستي آهستي هزارين سالن جي عرصي ۾ سندس ڳلو ۽ زبان صاف لفظ ڪڍڻ جي قابل ٿي وياءِ ٻوليءَ جي تخليق متعلق اينگلس هيئن لکيو آهي، ”ٿورن لفظن ۾ ماڻهو محنت ڪرڻ دوران ان نقطي تي اچي پهتا جتي وٽن هڪٻئي کي چوڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه هو.“ اهڙي سخت ضرورت جي ڪري باندرائي انسان جو اڻ سڌريل ڳلو هڪ اهڙي عضوي ۾ تبديل ٿيڻ لڳو جيڪو ڳالهائڻ جا آواز ڪڍي ٿي سگهيو. اهڙي طرح ٻولي يا زبان وجود ۾ آئي. مختلف شين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هائي انسان لفظ استعمال ڪرڻ لڳو جيڪي وقت گذرڻ سان انهن شين سان اٽوٽ نموني ڳنڍجي وياءِ ان ڪري هائي هو انهن لفظن ڏانهن به اهو ساڳيو ردعمل ڏيکارڻ لڳو جيڪو هو انهن لفظن وارين اصلي شين ڏانهن ڏيکاريندو هو. جيئن ته خود شيون پنهنجي لاءِ ’پهريان اشارا‘ هونديون آهن، ان ڪري لفظ جيڪي انهن شين کي ظاهر ڪن پيا، ’ٻئي درجي جا اشارا‘ ٿي ويا. روسي سائنسدان پاولوف اشارن جي اهڙي سرشتي کي جيڪو لفظن جي معرفت حقيقت جي عڪاسي ڪري، ’اشارن جو ٻيو سرشتو‘ ڪوٺيو آهي. اهو سرشتو هن دنيا ۾ رڳو انسان جي ئي ملڪيت آهي، ٻئي ڪنهن به جانور ۾ اشارن جو اهو ٻيو سرشتو موجود ڪونه آهي، اهڙي طرح انسان ۾ اشارن جا ٻئي سرشتا موجود آهن، پهريون به ۽ ٻيو به، جيڪي پاڻ ۾ مضبوطيءَ سان ڳنڍجي، انسان کي حقيقت جي سڀ طرفي ۽ وسيع ڄاڻ مهيا ڪري ڏين ٿا. زبان جون حرڪتون اهڙا اشارا هئا جيڪي نظر تمام گهٽ ايندا هئا پر سندن وڏي ۾ وڏو فائدو اهو هو ته انهن کي اونده ۾ ٿوڙي جهاڙين جي پويان لڪي، آسانيءَ سان ٻڌي ۽ سمجهي سگهجي پيو.

انساني سماج ۾ ٻوليءَ جي ان تخليق ئي انساني شعور کي پيدا ڪيو ڇو ته اشارن جي ٻئي سرشتي يعني شين جي

www.sindhsalamat.com

مظهرن (ڏيکن) جي پيٽ ۾ لفظن جي بذات خود ڪائي قيمت نه هوندي آهي، اهي صرف ۽ صرف اطلاع پيدا ڪرڻ، ان کي منتقل ۽ جمع ڪرڻ جو مادي ذريعو هوندا آهن ۽ بس انساني زبان کي جيڪا ڳالهه جانورن جي آوازن کان ممتاز ڪري بيهاري ٿي، اها آهي انسان جي لفظن کي جوڙڻ جي صلاحيت! جانور به تمام سادا اطلاع ۽ اشارا هڪٻئي تائين منتقل ڪرڻ لاءِ مختلف آواز استعمال ڪندا آهن پر هنن جي اها صلاحيت تمام محدود ۽ ڪين وراثت ۾ مليل هوندي آهي. هنن ويچارن ۾ اها صلاحيت تمام گهٽ يا صفا ڪانه هوندي آهي ته آوازن کي هڪٻئي سان ڳنڍين چو ته رکو ان صلاحيت جي بدولت ئي الڳ الڳ صوتي اشارن يا نشانين کي جملن جي هڪ غير محدود سلسلي جو روپ ڏئي سگهجي ٿو. نتيجي ۾ جانورن کي جيڪي به اطلاع يا اشارا ملندا آهن، جن کي هو هڪٻئي تائين منتقل ڪرڻ جي قابل هوندا آهن، سي آوازن جي نسبتاً محدود دائري کان مٿي ڪونه هوندا آهن. ان سبب ڪري ئي جانورن ۾ اها ذهني سرگرمي فروغ نه پائي سگهي ۽ نه ئي پائي سگهي ٿي. جنهن کي اسان اصطلاحاً (انساني) 'غور و فڪر' ڪوٺيون ٿا.

## (٧) سماج :

مجموعي طور ڏٺو وڃي ته جيڪڏهن انسان سماجي گروهن جي صورت ۾ گڏجي زندگي نه گذاري ها ته جيڪر اڄ جديد انسان پيدا ئي نه ٿي سگهي ها! اهو انسانن جي گڏجي رهڻ جو ئي نتيجو هو جو هو 'وجود جي چٽي ويڙهه' ۾ پاڻ کي نه فقط بچائي سگهيو پر سوپيارو به بڻائي ويو. اهڙي طرح انسانن کي تاريخ کان اڳ واري زماني کان وٺي ئي سماجي زندگيءَ جي اهميت جو احساس هو. ان سماجي زندگيءَ وسيلي ئي انسان خوف، لاچاريءَ ۽ ڪمزوريءَ تي قابو پاتو، نه ته ڪڏهونڪر هو مها هاٿين (ميموٿ) جهڙن ديوقامت جانورن جو کاڄ ٿي چڪو هجي

www.sindhsalamat.com

ها! تاريخ جي ان اوائلي دور ۾ پنهنجن دشمن جانورن ۽ فطري قوتن سان سينو ساهڻ هڪ انسان جي وس کان ٻاهر هو. جنهن ڪري انسانن جو پاڻ ۾ گڏجي رهڻ ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ هڪ فطري ۽ اڻ ٽر عمل هو، اها سندن وجود برقرار رکڻ واسطي هڪ ضرورت، مجبوري ۽ وٺ هئي. اهڙي طرح سماجي زندگيءَ جي ان شعور ۽ تجربي انسان کي فطرت جي هٿن ۾ هڪ لاچار، بي وس ۽ هيڻو رانديڪو ٿي رهڻ نه ڏنو پر آهستي آهستي هن کي فطرت جي موتمار قوتن مٿان غالب بڻايو. انساني سماج انسانذات کي هڪ ٻيو فائدو به پهچايو، اهو هي ته اوائلي سماج انسانن جي ٻچڙن لاءِ هڪ قسم جو سکيا گهر يا اسڪول هو، جنهن ۾ هو پنهنجن وڏن کان شڪار جا گُر ۽ اوزارن ناهڻ ۽ استعمال ڪرڻ جا طريقا سکندا رهندا هئا. سماج جي ان سکيا گهر واري حيثيت اڳتي هلي انسان ۾ شعور جو بنياد وڌو ۽ هن تي عقل ۽ ڄاڻ جا دروازا کولي ڇڏيا. مختصر لفظن ۾ سماج جو انسان جي ارتقا، بقا ۽ واڌ ويجهه ۾ هيٺيون ڪردار رهيو آهي:

(الف) سماج انسان جي بچاءَ ۽ بقا جو واحد ذريعو هو.

(ب) سماج انسانن لاءِ سکيا جو سرچشمو هو.

(پ) سماج انساني شعور کي جِلا بخشي. (انساني سماج کان سواءِ ۽ ٻاهر ڪوبه شعور موجود ڪونهي ۽ نه ٿي ٿي سگهي ٿو) تاريخ کان اڳ واري زماني کان وٺي انسان جي ان سماجي حيثيت کي خيال ۾ رکندي ڪو ڏاهو شخص سچ چئي ويو آهي ته "انسان هڪ سماجي جيو آهي."

## (٨) دماغ ۽ حواس:

انساني دماغ هڪ بانڊر جي دماغ کان نه رڳو وٽ (سائيز) ۾ تمام گهڻو وڏو آهي پر معيار ۽ صلاحيتن جي اعتبار کان به تمام گهڻو اڳتي وڌيل آهي. دراصل اها انساني محنت ٿي هئي

www.sindhsalamat.com

۾ اهو ڪونہ ڏٺي. هڪ جانور پاڻ ۾ ۽ پنهنجي ماحول ۾ ڪوبہ فرق محسوس نہ ڪندو آهي، هو رڳو جيئڻ جي جاکوڙ ۾ محو هوندو آهي. مثلاً جانور اهو نہ ٿا سوچي سگهن تہ هو پاڻ ڇا آهن؟ سندن زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ هيءَ دنيا ڇا آهي؟ چنڊ ڇا آهي؟ سج ڇا آهي؟ زمين جنهن تي هو رهن ٿا، ڦرندي رهي ٿي يا هڪ هنڌ بيٺل آهي؟ ان ڪري شعور اها سڌ آهي تہ چوڌاري موجود دنيا ۾ ڇا وهي واپري پيو؟!

سائنس اسان کي ٻڌائي ٿي تہ اهو شعور مادي جي هڪ تمام ئي اعليٰ ۽ بلند شڪل يعني 'انساني دماغ' مان ڦٽي نڪتل آهي. انساني دماغ ئي هڪ اهڙو عضوو آهي جيڪو سوچي سگهي ٿو، جنهن ۾ اندر خيالن، احساسن، تصورن ۽ ارادن جي هڪ رنگين ڪهڪشان آباد ٿيل آهي. ان ڪري اسان جي سموري روحاني دنيا اسان جي دماغ جي دَمَ سان آباد آهي. اها دماغ ۾ اندر ٿيندڙ مادي عملن تي بيٺل آهي، جن کي حياتياتي فعل (Physiological Processes) چيو وڃي ٿو، جن جو رخنو انسان جي سوچڻ جي صلاحيت کي درهم برهم ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح شعور دماغ کان سواءِ ۽ ان کان ٻاهر جيڪو ان جو مادي بنياد آهي، وجود نہ ٿو رکي سگهي. انسان هن سموري فطرت مٿان، ان شعور جي معرفت ئي غالب پئجي سگهيو آهي.

### شعور جي پيدائش:

هن دنيا ۾ موجود سڀ شيون مادي آهن يا ان مان ورتل آهن. هر مادي شيءِ ۾ هيءَ عالمگير خاصيت موجود هوندي آهي تہ اها پنهنجي چوڌاري موجود، پاڻ سان واسطي ۾، پاڻ تي اثرانداز ٿيندڙ هر مادي حقيقت کي نقل ڪندي آهي، ان جي ڇاپ يا اثر کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني ظاهر ڪندي آهي. ٻين لفظن ۾ ان کي پاڻ مان نڪتل منعڪس ( Reflect ) ڪندي آهي. هن کي مادي جي عڪاسيءَ واري خاصيت (Property of

www.sindhsalamat.com

خودڪار ردعمل رکو وڏن جانورن جي ملڪيت آهن. هنن ردعملن لاءِ ڪن ٻاهرين شرطن جو هجڻ لازمي ٿيندو آهي. مثال طور ڪنهن ڪتي کي روزانو گهنٽي وڄائڻ کان پوءِ کاڌو ڏيندو اچجي ته پوءِ هڪ اهڙو وقت ضرور ايندو آهي، جڏهن اهو ڪتو خالي گهنٽي وڄڻ تي ساڳيا ئي تاثرات (يعني ردعمل) ڏيکاريندو آهي جيڪي هو کاڌو کائڻ وقت ڏيکاريندو آهي. يعني سندس وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳندو آهي ۽ نفسياتي طور هو سمجهندو آهي ته کاڌو اچي ڪي اچهي آيو. اهڙي طرح گهنٽي هن لاءِ کاڌي جي اچڻ جو اشارو (Signal) بڻجي ويندي آهي. عڪاسيءَ جي هن صورت کي نفسياتي عڪاسي (Psychololgical Reflection) چيو ويو آهي جو ته هن ۾ جانور جي دماغ ۾ مشروط خودڪار ردعملن جي معرفت ان مخصوص لقاءَ جو هڪ عڪس يا تصور ٺهي پوي ٿو، جيڪو ان جانور تي ان لقاءَ جي غيرحاضريءَ ۾ به اثرانداز ٿئي ٿو. عڪاسيءَ جي هن سڌريل روپ جي آڌار تي هڪ جانور پاڻ کي ماحول سان تمام بهتر نموني ٺهڪائي سگهي ٿو ۽ ان جي اثر کان تمام ئي حساس ۽ خبردار رهي ٿو. اشارن جو اهڙو سرشتو جنهن ۾ جانور حقيقت جي عڪاسي خود حقيقت جي اشارن منجهان ڪن، روسي سائنسدان پاولوف جي چوڻ موجب 'اشارن جو پهريون سرشتو' ڪوٺيو ويندو آهي. اشارن جو هي پهريون سرشتو وڏن جانورن ۽ انسان — ٻنهي ۾ موجود آهي. اهڙي طرح نفسياتي عڪاسيءَ جي ان حد تائين جتي رکو اشارن جو پهريون سرشتو موجود آهي، جانور ۽ انسان جي دماغ ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي.

## (ت) انسان ۾ عڪاسيءَ جي خاصيت — شعور جو قدر

باندر کان انسان بڻجڻ تائين جي سفر ۾ انسانن پاڻ ۾ گڏجي ۽ ميلي ڪم ڪيو. ان گڏيل محنت جي نتيجي ۾ ۽ ان جي هڪ ضرورت طور هنن هڪ تمام ئي نئين شيءِ تخليق

www.sindhsalamat.com

سبب هنن کي وڻن تان لهي هيٺ خشڪ زمين تي گذارو ڪرڻو پيو، تيئن هنن ويچارن لاءِ پنهنجو پيٽ پالڻ هڪ مسئلو بڻجي پيو ڇو تہ نين حالتن ۾ کين اهتري سبزي يا ميوو نہ پئي ملي سگهيو جيڪو کين اڳ نصيب هو. ان ڪري هنن کي مجبوراً پاڻ کي گوشت تي بہ هيرائڻو پيو. ۽ ائين انسان گوشت خور جانور بڻجڻ لڳو. اينگلس هن ارتقائي تبديليءَ کي باندر کان انسان ڏانهن سفر لاءِ هڪ ’ہي اهم وک‘ سڏيو آهي. هن نئين خوراڪ جا هي فائدا هئا:

(1) هيءَ خوراڪ انساني جسم کي اهي انتهائي ضروري جزا تقريباً تيار حالت ۾ مهيا ڪري پئي ڏئي جيڪي بدن جو لازمي حصو بنجڻا هوندا آهن.

(2) سبزخور جانورن لاءِ خوراڪ هٿ ڪرڻ هڪ ڪل-وقتي ڪم هوندو آهي مثلاً پٽ-ڪينئون (Silk-worm) هڪ منٽ لاءِ بہ واندو نہ ويهندو آهي، هو هر وقت پيو ڪاڏو تلاش ڪندو آهي يا کائيندو آهي. هاٿي پنهنجي سڄاڳيءَ جا تقريباً سڀ لمحا رکو پيٽ پوڄا ۾ گذاري ڇڏيندو آهي. ان ڪري گوشت جي خوراڪ شروع ٿيڻ سان انسان لاءِ نہ رکو هاضمي جو وقت گهٽجي ويو پر انساني جسم ۾ نباتياتي زندگيءَ سان مطابقت رکڻ وارن ڪيترن ئي عملن جو وقت پڻ گهٽجي ويو. ان جو فائدو اهو رسيو جو اوائلي انسان کي ايترو ساز و سامان، وقت ۽ شوق جو جذبو پلئہ پئجي ويو جنهن سان هو حيواني زندگيءَ کي وڌيڪ ڀرپور باعمل ۽ سرگرم بڻائي سگهيو. اهڙي طرح جيترو هي انسان نباتيات جي دنيا کان دور ٿيندو ويو، اوترو ئي هو حيوانات کان بلند ۽ برتر ٿيندو ويو. ٿورڙن لفظن ۾ گوشت انسان جي جسم کي طاقت ۽ آزادي ڏئي ڇڏي.

(3) گوشت جي غذا جو دماغ تي وڏو ۾ وڏو اثر پيو. دماغ کي جن غذائي جزن جي شديد ۽ تڙت ضرورت هئي، اهي هاڻي کيس اڳي کان وڌيڪ ڀرپور مقدار ۾ ملڻ لڳا. ان ڪري

www.sindhsalamat.com

نر کي پاڻ ڏي ڇڪڻ لاءِ مختلف جنسي اشارا موڪلڻ شروع ڪندي هئي. اهي اشارا ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ سنگهڻ جي احساس تي ٻڌل هوندا هئا. مادي باندر جي جسم ۾ ان خاص جنسي ڪشش واري مند يا گهڙيءَ تي ضابطو رکندڙ هڪ نظام هوندو هو جنهن کي جنسي ڦيرو يا چڪر (Oestrous Cycle) ڪوٺيو ويندو آهي. هي ڦيرو اڄ به نه رڳو باندرن ۾ پر سمورن ٿڃائتن جانورن ۾ موجود آهي. هي ڦيرو ڪن جانورن ۾ هر سال، ڪن ۾ هر مُند تي ۽ ڪن ۾ هر مهيني يا هر ٻئي ٽئين ڏينهن تي دهرائجندو رهندو آهي. هي ڦيرو چڻ ته جنسي عمل جو هڪ فطري ٽائيم ٽيبل هوندو آهي. هن ڦيري تحت مادي نر کي جنسي عمل لاءِ ڪوٺ ڏيندي آهي ۽ جنسي عمل نر ۽ ماديءَ جي باهمي رضا خوشيءَ سان ٿي ٿيندو آهي؛ اهو هڪ ٻه طرفي راضپي وارو عمل ٿيندو آهي جنهن ۾ جيستائين مادي، جنسي ڦيري جي اثر هيٺ نر پاڻيوار کي پاڻ دعوت نه ڏيندي آهي، تيستائين عام حالت ۾ جنسي لڳ ممڪن نه ٿي سگهندو آهي. ٿورن لفظن ۾ سمورن ٿڃائتن جانورن جي نرن لاءِ جنس هڪ ڪوٺ (Stimulus) جي موٽ (Response) هوندي آهي. جنسي ڦيري دوران مادي جنسي طور تمام گهڻي پرڪشش ۽ بڪاپل لڳندي آهي. هن جي جسم مان ڪي خاص جنسي ڪشش واريون خوشبوئون نڪرڻ لڳنديون آهن؛ هن جا جنسي عضوا وڏيڪ نمايان، خوبصورت ۽ نکريل لڳندا آهن. هوءَ نرن جي سنگت ۾ رهڻ شروع ڪندي آهي، جتان ڪنهن هڪ خوش نصيب کي چونڊي ساڻس جنسي لڳ ڪندي آهي ۽ پوءِ جنسي ڦيري جي ختم ٿيڻ شرط ئي هوءَ پنهنجن پراڻن پکن ۾ وري واپس هلي ويندي آهي ۽ گذري ويل کي بلڪل وساري پنهنجا معمولي ڪم ڪرڻ شروع ڪندي آهي. وري جڏهن ٻيو جنسي ڦيرو ايندو آهي تڏهن ساڳيو داستان دهرائجڻ لڳندو آهي ۽ اهڙي طرح اهو سلسلو وقفي وقفي سان هلندو رهندو آهي.

www.sindhsalamat.com

ڏيڻ ۽ محفوظ رکڻ لاءِ مختلف سماجي ۽ مذهبي قانون ان حقيقت جي اهميت جو هڪ ثبوت آهن.

(2) اسان جا ابا ڏاڏا جڏهن وڻن تان هيٺ لهي زمين تي بسيرو ڪرڻ لڳا، تڏهن هنن سنگهڻ جي حواس تي گهٽ ۽ ڏسڻ جي حواس تي وڌيڪ ڀاڙڻ شروع ڪيو. هاڻي هو ٿين ۽ لقائن جي چڪاس ۽ سنڌن قدر پنهنجي ديد وسيلي ڪرڻ لڳا. ان ڪري عورت پنهنجي جسم مان جنسي ڦيري جي اثر هيٺ جيڪي خالص خوشبوئون ٻاهر ڪڍندي هئي، سي هاڻي بي اثر، بي ڪشش ۽ فضول ٿيڻ لڳيون. خوشبوءِ وارن جنسي اشارن جي جاءِ هاڻي ديد وارن جنسي اشارن وٺڻ شروع ڪئي. هاڻي مرد عورت جي جسم جي خوبصورتي ۽ ان ۾ سمايل جنسي ڪشش پنهنجن اکين سان محسوس ڪرڻ لڳو ۽ ان محسوسات جو ڪو وقت مقرر ٿيل ڪونه هو، ڪا مخصوص مند يا موسم ڪانه هئي؛ اها خوبصورتي ۽ ڪشش هو هر وقت سال جا ٣٦٥ ڏينهن ٻي مخصوص ڪري سگهيو ٿي. هاڻي عورت مرد لاءِ جنسي طور ڪن خاص مندن يا گهڙين تي موجود رهڻ بدران هر وقت موجود ٿيڻ لڳي. اهڙي طرح ٻنهي ڄڻن هڪٻئي کي سڄو سال چاهه، قرب ۽ محبت مهيا ڪندي، انساني سماج کي مضبوط ڪيو ۽ وڌايو ويجهايو.

www.sindhsalamat.com

# باب اڍون

# انسان جي ذهني ارتقا

هن موضوع تي جيڪڏهن هڪ وڏو ڪتاب لکجي ته به اهو پورو نه پوندو. ان ڪري هتي اسان هن موضوع جو رکو تمام مختصر ۽ مجموعي جائزو پيش ڪريون ٿا.

## قديم وحشي انسان جي ذهني ڪيفيت

(1) اڄ اسان جن شين کي احمقانه يا ٻاراڻيون سمجهيون ٿا، انهن کي اسان جا تاريخي زماني کان اڳ جا ابا ڏاڏا تمام سٺيون ۽ فخر واريون شيون سمجهندا هئا. قديم وحشي انسان کي حقيقي ۽ خيالي دنيا جي وچ ۾ ڪوبه فرق محسوس نه ٿيندو هو. هو سمجهندو هو ته شيون جيئن ظاهر ۾ نظر اچن ٿيون، حقيقت ۾ به اهي اهڙين ئي ٿيون. هو انهن ۾ اندر جهاتي پائي ڪونه ڏسندو هو؛ هو پنهنجي چوڌاري موجود شين ۽ لقائن جي اصل سببن ڳولڻ جي ڪوشش ڪونه ڪندو هو. هو انهن کي اهڙين سمجهندو هو جيئن اڄ ڪو ٻار انهن کي سمجهندو آهي. هن جي خيال موجب سج اهڙين ئي ايري ٿو ۽ اهڙين ئي لهي ٿو، جيئن اهو بظاهر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هوا، هن آڏو هڪ جيئري جاڳندي ۽ ساهه کڻندڙ شيءِ هئي. ماڻهوءَ جو آس ۾ يا پاڻيءَ اندر نهندڙ پاڇو هن جي خيال ۾ ان ماڻهوءَ جي وجود جو حقيقي حصو هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com

جانورَ هن جا 'رازق' آهن: اهي هن کي پنهنجو گوشت کارائين تا هو ائين نه سمجهندو هو تہ هو خود انهن کي ماري سندن گوشت کائي ٿو (آمريڪا جي ريڊ انڊين جو عقيدو آهي تہ جانور کي هن جي مرضيءَ کان سواءِ ماري ٿي نہ ٿو سگهجي!) مطلب تہ انسان اڃا پاڻ کي 'مان' يا 'آءٌ' چوڻ نہ سکيو هو. هو اڃا تائين پاڻ کي جرگي جو هڪ جزو ۽ هٿيار سمجهندو هو. اوائلي انسان جي ٻوليءَ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ اهي ماڻهو پاڻ کي ڪنهن ازغيبي طاقت يا روح جو 'ڪمدار' سمجهندا هئا، جيڪو کين ٿياڪڙ وسيلي طور استعمال ڪندو هو. وحشي انسان جي سوچ مطابق هن کي ڪائي هستي ڪم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندي هئي، هو پاڻ ڪوبہ ڪم يا شڪار نہ ڪندو هو.

ٿورن لفظن ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ اسان جو قديم وحشي ابو ڏاڏو هڪ اهڙي عجيب ۽ پراسرار دنيا جو رهواسي هو جتي هر ڳالهہ ڪنهن اڻ ڄاتل هستيءَ جي مرضيءَ مطابق ٿيندي هئي.

## علم جي ابتدا

هڪو زمانو هو جڏهن هيءَ سموري دنيا ويچاري هيٺي انسان لاءِ هڪ راز هئي، هن دنيا جي هر چيز هن لاءِ حيرت انگيز ۽ عجيب هئي. انسانذات پنهنجي وجود جي ابتدائي مرحلن ۾ ايترو تہ گهٽ تجربو ۽ ڄاڻ رکيو ٿي ۽ ايتري تہ لاچار هئي جو ماڻهن کي اهو بہ يقين نہ هو تہ ڪو رات کان پوءِ ڏينهن ٿيندو ۽ سياري کان پوءِ بهار ايندي. مصر جو فرعون جنهن کي زمين تي 'سورج ديوتا' جو اوتار سمجهيو ٿي ويو، هر روز مندر جي چوڌاري هڪ چڪر ان ڪري لڳائيندو هو تہ جيئن سورج بہ پنهنجو روزاني جو چڪر پورو ڪري. پر انهن اڄاڻاين ۽ جهالتن سان گڏوگڏ انسان ڪم ڪندو رهيو: هو شين کي ڏسڻ وائسڻ، چيرڻ ۽ ڦاڙڻ جو ڪم جاري رکندو آيو ۽ اهڙي طرح شين ۽

www.sindhsalamat.com

هو. اهڙي طرح انسان جيترو گهٽو مضبوط ٿيندو ويو، جيترو وڌيڪ هو پنهنجي چوڌاري موجود دنيا کي سمجهندو ويو، هن جي ٻوليءَ ۾ 'مان' جو لفظ اوترو ئي گهٽو داخل ٿيندو ويو ۽ ان تبديليءَ سان نيٺ هڪ ڏينهن اهڙو انسان به نمودار ٿيڻ لڳو جنهن کي اهو پوري طرح احساس هو ته هو خود ڪم ڪري ٿو، خود جدوجهد ڪري ٿو ۽ شين ۽ فطرت کي پنهنجي مرضيءَ مطابق بدلائي ٿو. جهالت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ سبب پيدا ٿيل اڳوڻي خوف جي جڳهه هاڻي علم ذريعي پيدا ٿيل اعتماد ۽ بهادريءَ ورتي. علم انسان کي نه رڳو فطرت جي غلاميءَ مان ٻاهر ڪڍيو پر کيس فطرت جو مالڪ پڻ بڻايو.

جڏهن کان انسان زراعت ڪرڻ ۽ چوپايو مال پالڻ شروع ڪيو تڏهن کان هو قدرت کان ڪافي آزاد ٿي ويو پر هن جي هيءَ نئين محنت به پنهنجن خطرن ۽ فڪرن سان ڀريل هئي. جيئن قديم زماني جو شڪاري هرڻ يا رڇ کي گوشت ڏيڻ لاءِ التجا ڪندو هو، تيئن قديم زماني جو هاري، زمين، آسمان، پاڻي، سج ۽ برسات کي سٺي فصل ڏيڻ لاءِ ٻاڏائڻ لڳو. اهڙي نموني انسان نت نوان 'ديوتا' ٺاهيندو ويو، جن مان ڪنهن جو نالو 'آسمان ديوتا' هو ته ڪنهن جو 'سورج ديوتا'! اهي ديوتا روشني، اونده، برسات، خشڪيءَ، ڏک ۽ خوشيءَ جا ذميوار هئا. ڌاتوءَ جي اوزارن ايجاد ڪرڻ سان ئي هڪڙي قبيلي جا ماڻهو درياڌن وسيلي ٻين قبيلن جي ماڻهن تائين پهچڻ لڳا ۽ تشدد يا پرامن طريقي سان سامان، لفظن ۽ مذهبن جي ڏيتي ليتي ٿيڻ لڳي. ٻين شين سان گڏ ديوتا به تيزيءَ سان سفر ڪرڻ لڳا. اهي هڪڙن قبيلن مان نڪري ٻين قبيلن تائين پهچڻ لڳا. نين جڳهن تي انهن کي جيتوڻيڪ نوان نالا ڏنا ويا پر حقيقت ۾ اهي هئا ساڳي ئي قسم جا ديوتا! مثال طور بابل جو تاموز، مصر جو اوسيرس ۽ يونان جو ادونيس دراصل هڪ ئي ديوتا جا مختلف نالا آهن.

www.sindhsalamat.com

## ديوتائن جو حشر

— قديم انسان جو خيال هو ته هرهنڌ پراسرار روح موجود آهن: هر شيءِ ۾، هر پٿر ۾، هر وڻ ۾ ۽ هر جانور ۾ اهي روح موجود آهن. پر انسان جي تجربي ۽ مشاهدي ۾ وسعت اچڻ سان هي عقيدو غائب ٿيڻ لڳو. هاڻي انسان ائين نه سمجهندو هو ته هر جانور اندر ڪو روح وسي ٿو، بلڪ هاڻي هو اهو تصور ڪرڻ لڳو ته 'جهنگل جي ديوتا' انهن سمورن جانورن جي سمورن روحن جي جاءِ وٺي ڇڏي آهي ۽ اهو هڪڙو ئي ديوتا، انهن سمورن جانورن کي هلائي چلائي ٿو. هيئنر هاريءَ جو اهو عقيدو نه رهيو ته ڪڻڪ جي هر سنگ ۾ ڪو روح وسندو آهي پر هاڻي هو ان خيال جو ٿي ويو ته اناج جي متعلق سمورا روح ذرخيزيءَ جي ديوي يعني 'ڌرتي-ماتا' ۾ سمائجي ويا آهن.
قدرت ۽ ان ۾ موجود شين ۽ لقائن متعلق هٿ ڪيل ڪچي ڦڪي ڄاڻ انسان جي ئي ايجاد ڪيل بيشمار 'روحن' کي سُسائي گهٽائي وڃي ٿورڙن ديوتائن جي شڪل ۾ بچائي رکيو. مطلب ته اهڙي نموني ئي ديوتائن پراڻن روحن جي جڳهه والاري.

— پر انسان جو علم ۽ ڄاڻ جيئن جيئن وڌندا ويا: تيئن تيئن هو ديوتائن جي ڪوڪلن تصورن کان آزاد ٿيندو ويو. هن کي خبر پوندي وئي ته برسات ڇو ۽ ڪيئن وسي ٿي؟ ڌرتيءَ تي زلزلا ۽ ٻوڏون ڇو ٿا اچن؟ رات ۽ ڏينهن ڪيئن ٿا ٿين؟ زندگي ۽ موت ڇا آهن؟ شيون ڇا مان ٺهيل آهن؟ مادو ڇا آهي؟ هن ڄاتو ورتو ته اهي سڀ لقاءُ ڏوس مادي فطري اصولن ۽ عملن مطابق ئي ٿين ٿا: انهن ۾ ڪنهن به مابعدالطبعياتي يا ازغيبي هستيءَ جو ڪو به عمل دخل ڪونهي. انسان جي ڄاڻ وڌڻ سان اهي ديوتا هاڻي معمولي ۽ خسيس فاني مخلوقات سان گڏ رهڻ ڪونه پسند ڪرڻ لڳا. انساني علم هاڻي کين انساني رهائشگاهن ۽ وسندين کان پري پڄائڻ شروع ڪيو. ان ڪري ديوتائن کي

www.sindhsalamat.com

## (١) حيواني منزل: هن منزل کي ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(i) پهريون حيواني دور: هن کي انسانذات جي 'ٻالڪپڻ جو دور' ڪوٺي سگهجي ٿو. هن دور ۾ انسان گهڻي ڀاڱي ٻيلن ۾ رهندو هو ۽ سبزي ستدس مکيه کاڌو هو. انساني ٻوليءَ جي ايجاد هن دور جو وڏو ڪارنامو هو. هي دور ماڻهوءَ جي سرجڻ کان ستدس باهه ٻارڻ جي هنر سکڻ ۽ مڇيءَ جي کاڌي تي هيرڻ تائين هليو.

(ii) وچون حيواني دور: هي دور باهه ٻارڻ ۽ مڇيءَ جي کاڌي جي رواج کان وٺي تيرڪمان جي ايجاد تائين ليکيو وڃي ٿو.

(iii) آخري حيواني دور: هي دور تيرڪمان جي ايجاد کان وٺي ٺڪر جي ٿانون ٺاهڻ تائين ليکيو وڃي ٿو.

## (٢) وحشي منزل:

هن منزل کي به ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(i) پهريون وحشي دور: هي دور ٺڪر جي ٿانون ٺاهڻ کان وٺي جانورن پالڻ ۽ اناج پوکڻ جي شروعات تائين هليو.

(ii) وچون وحشي دور: هي دور جانورن پالڻ ۽ اناج پوکڻ کان وٺي لوهه جي ڌاتو کي پگهارڻ ۽ لوهي اوزار ڪم آڻڻ تائين هليو.

(iii) آخري وحشي دور: هي دور لوهه کي پگهارڻ ۽ لوهي اوزارن ڪم آڻڻ کان وٺي الف-ب جي ايجاد تائين ڪوٺيو وڃي ٿو.

## (ب) تاريخي تهذيبي منزلون:

هنن کي ٽن مکيه دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

( 1 ) پهريون تهذيبي دور: هي دور الف-ب جي ايجاد کان وٺي يورپ جي تاريخ ۾ 500ع تائين ليکيو وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com

(2) وچون تهذيبي دور: هي دور 500ع کان 1500ع تائين ليکيو وڃي ٿو:

(3) ٽئون تهذيبي دور: هي دور 1500ع کان وٺي اڄ تائين هلندڙ آهي.

## وحشي جيوت جا باقيات:

اسان جي فطرت ۾ اڄ به ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون موجود آهن جيڪي جيڪڏهن اسان ۾ نه هجن ته هوند اسين وڌيڪ بهتر ۽ سکي زندگي گذاري سگهون. انهن برائين ڳالهين مان گهڻو حصو اسان جي 'جبلتن' جو آهي. اچوڪي انسان ۾ هيٺيون زائد جبلتون موجود آهن:

١. ڏپ جي جبلت
٢. ويڙهه جي جبلت
٣. شڪار جي جبلت
٤. قبيلائي جبلت
٥. راند جي جبلت
٦. نقل ڪرڻ جي جبلت
٧. سستيءَ جي جبلت
٨. بدلي جي جبلت
٩. خودغرضيءَ جي جبلت.

انسان جيئن جيئن تهذيبي ترقي ڪئي آهي، تيئن تيئن انهن جبلتن کان آزادي حاصل ڪئي آهي. هنن جبلتن جو تفصيل هاورڊ موئر جي ڪتاب 'وحشي جيوت جا نشان' مان پڙهي سگهجي ٿو.

---

www.sindhsalamat.com

## باب ناڻون

# انساني ارتقا ۾ بنيادي وضاحتون

### عورت جي سست ارتقا:

عورت جي جسم ۽ ڪم ڪار جو مطالعو ڪرڻ سان ان ڳالهه جا ڪافي اشارا ملن ٿا ته عورت ارتقائي طور مرد کان ڪافي پوئتي پيل آهي. هن ڳالهه جا ڪي ثبوت هيٺ ڏجن ٿا:

(1) عورت جو دماغ مرد جي دماغ کان 10% ننڍو ٿئي ٿو. ان کان سواءِ اهو مرد جي دماغ کان ارتقائي طور نابالغ پڻ آهي.

(2) عورت جي کوپڙي مرد جي کوپڙيءَ کان ڏکي ٿئي ٿي.

(3) عورت جو قدبت ۽ هڏ ڪاٺ مرد کان گهٽ ٿئي ٿو.

(4) عورت جون ٽنگون سندس ڌڙ جي ڀيٽ ۾ ننڍيون ٿين ٿيون.

(5) ريڙهه جي هڏيءَ جي پڇڙي جيڪا انسان ۾ سندس اوائلي ابي ڏاڏي جي پڇ جي باقيات هوندي آهي، اڪثر حالتن ۾ چئن ننڍن هڏن جي جڙيل ٿيندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ هڪ هڏي واڌاري به موجود هوندي آهي ۽ اها واڌاري هڏي، مردن کان وڌيڪ عورتن جي جسم ۾ لڌي وئي آهي. هن تحقيق مان ڪي سائنسدان اهو اندازو لڳائن ٿا ته عورت اسان جي پڇدار اوائلي ابي ڏاڏي يعني باندر کي، مرد جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ويجهي آهي.

www.sindhsalamat.com

هڪڙي قسم — مقداري ارتقا جا اهڃاڻ هٿ اچي سگهيا آهن، جڏهن ته گذريل اڍائي لک سالن کان انسان ۾ بڻائتي ارتقا جو ڪوبه واضح اهڃاڻ ڪونه ڏٺو ويو آهي.

## بڻائتي ارتقا:

انسان ۾ هيستائين بڻائتي ارتقا نه ٿيڻ جا هي سبب آهن:

(1) انسان جي پنهنجي ماحول سان مطابقت ايڏي ته ڪشادي ۽ عمومي (Genevalized) آهي جيڏو سندس ماحول ڪشادو، رنگبرنگو ۽ مختلف آهي. جانور جي هڪ جنس جي حيثيت ۾ انسان هن ڌرتيءَ تي ٻين سمورن جانورن جي جنسن کان وڌيڪ ڦهليل آهي، ان کي وڌيڪ والاري ويٺو آهي ۽ وڌيڪ استعمال ڪري رهيو آهي. ان ڪري ماحول جي ايڏي گهڻي وسعت، مختلفپڻي ۽ ڪشادگيءَ انسان جي پيدائشي مواد (Gene-Pool) ۾ تمام گهڻي سهپ ۽ برداشت جي لچڪيداري ۽ گنجائش پيدا ڪري ڇڏي آهي. نتيجي ۾ انسان ماحول جي گهڻين ئي تبديلين کي هضم ڪري ڇڏي ٿو.

(2) انسان جي پيدائشي مواد جي سائيز ۽ انساني نسل جي حياتي، ٻين جانورن کان تمام گهڻيون آهن. اهو ڏٺو ويو آهي ته جاندارن جي نسبتاً ننڍين آبادين ۾ ۽ انهن آبادين ۾ جيڪي جلد بالغ ٿينديون آهن ۽ جلد ڄم ڪنديون آهن، ارتقائي تبديليون وڌيڪ تيزيءَ سان اينديون آهن.

(3) انسان جي بڻائتي ارتقا جي عارضي طور رڪجي وڃڻ جو وڏو سبب انسان ۽ سندس ماحول جي وچ ۾ انساني تهذيب و ثقافت (Man's culture) جو حائل ٿي وڃڻ آهي. انسان سموري مخلوقات ۾ هڪ اهڙي هستي آهي جنهن قدرت جي قانونن سان سينو ساهيو، انهن کي سمجهيو ۽ انهن پٺاندڙ ڪم ڪري قدرت طرفان حائل ٿيل بيشمار رنڊڪن کي ٽوڙي ڇڏيو. هن قدرت

www.sindhsalamat.com

جي مقرر ڪيل حدبندين کي اورانگهيو ۽ ’قدرت جي چونڊ‘ جي طريقه ڪار کي پنهنجي حق ۾ ڪري ورتو. هن فطرت جي ڪنوار جي مک تي چڙهيل انهن هزارها دلفريب ۽ پراسرار گهونگهٽن کي لاهي ڦٽو ڪيو جن هونئن وهم، وسوسي، خوف، عقيدي ۽ جادو منتر کي جنم ڏنو. اڄ انسان ايتري ترقي ڪري چڪو آهي جو ڪن ميدانن ۾ هن فطري چونڊ جي عمل جون واڳون قدرت جي هٿن مان کسي پنهنجن هٿن ۾ ڪري ورتيون آهن. اڄ ڌرتيءَ تي وسندڙ هر اچي ۽ ڪاري، هر ٻوٽي ۽ جانور جي قيمت جو فيصلو حضرت انسان جي هٿ اچي چڪو آهي. خود انسانذات جو آئيندو به گهڻي ڀاڱي انسان جي هٿ ۾ اچي چڪو آهي. هاڻي انسان قدرت جي هٿن ۾ هڪ رانديڪو نه رهيو آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي بي پناهه ترقيءَ ڪيس فطرت جي شهزور قوتن مٿان حاوي ڪري ڇڏيو آهي. اڄ هو سائيبيريا ۽ ائٽلانٽس جهڙن سرد علائقن ۾ به عام رواجي زندگي گهاري سگهي ٿو. اسان کي خبر آهي ته حرڪت ۽ تبديلي مادي جي بنيادي خاصيتن منجهان آهن ۽ بدلجندڙ جاگرافيائي ۽ فضائي حالتون ئي حيواني تبديليءَ ۽ ارتقا جون محرڪ قوتون هونديون آهن، ان ڪري امڪان کي رد نه ٿو ڪري سگهجي ته مستقبل ۾ هن ڌرتيءَ تي ڪيترئون ئي جاگرافيائي ۽ فضائي تبديليون اچڻيون آهن. اهڙي طرح اهو ممڪن آهي ته اسان جي نظام شمسيءَ يا ڌرتيءَ تي ڪا وڏي ۽ اوچتي جاگرافيائي تبديلي اچڻ لڳي جيڪا ٻين ڳالهين سان گڏ انسان جي جسم کي به متاثر ڪرڻ لڳي. پر اچوڪو انسان قديم هيڪلي، هيٺي، واڳڙي ۽ اڻ ڄاڻ انسان جي ابتڙ سائنس ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جهڙن طاقتور هٿيارن سان ليس ٿيل آهي جنهن ڪري هو جاگرافيائي ۽ فضائي تبديلين کي ان نوبت تائين پهچڻ ئي نه ڏيندو جتي اهي هن جو جسم نسل در نسل بدلائڻ لڳن، بلڪ هو ته انهن تبديلين کي وچ تي ئي رستي ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان ڪاٽي ڇڏيندو.

www.sindhsalamat.com

مقداري ارتقا اهو ثابت ڪري ٿي ته ماحول اڄ به انسان مٿان اثرانداز ٿي رهيو آهي ۽ انسان ان جي اثر پٽاندڙ پاڻ ۾ تبديليون آڻي رهيو آهي. مقداري ارتقا جا ڪجهه ثبوت هي مليا آهن:

(I) رت جا ڏاٽي ڇاپ ڳاڙها جزا (Sickle Cells):

انسان جي رت جي ڳاڙهين جزن ۾ موجود هيموگلوبن جي بناوت ڪن ماڻهن ۾ جن کي ڏاٽي واري رت جي بيماري (Sickle Cell Anaemia) ٿيندي آهي، بگڙيل ٿيندي آهي. انسان ۾ ان بگڙيل هيموگلوبن جي تياريءَ تي ضابطو رکندڙ هڪ پيدائشي ذرڙو ٿيندو آهي جنهن کي ڏاٽي وارو پيدائشي ذرڙو (Sickle Gene) چيو ويندو آهي. هي پيدائشي ذرڙو انسان ۾ اهو بگڙيل هيموگلوبن پيدا ڪري، سندس رت جي ڳاڙهن جزن جو هئيو ئي بگاڙي ڇڏيندو آهي. ويچارا جزا ٿالهيءَ جهڙي شڪل مان ڦري، جيڪا سندن روايتي شڪل هوندي آهي، ڏاٽي جي شڪل جهڙا سنهڙا ٿي پوندا آهن. ان بگڙيل شڪل ۾ آهي:

(الف) جلد پڇي پري سگهندا آهن، جنهن ڪري انسان ۾ رت جي ڪمي واقع ٿيندي آهي.

(ب) رت جي وار نلين (Capillaries) ۾ اٽڪي ڦاسي پوندا آهن، جنهن ڪري تمام ئي اهم عضون جهڙوڪ بڪين، آنڊن، تريءَ، دل ۽ ڦڦڙن جي رت جو دورو گهٽجي ويندو آهي ۽ موت واقع ٿيندو آهي.

هي ڏاٽي وارو پيدائشي ذرڙو اولهه آفريڪا جي باشندن ۾ تمام گهڻو عام آهي ۽ وچٿري نوعيت جو [ يعني نه ڏاڍو (Dominant) ۽ نه هيٺو (Recessive) ٿيندو آهي. هڪ انسان ۾ جڏهن رڳو هڪڙو پيدائشي ذرڙو، ڏاٽي وارو هوندو آهي ۽ ٻيو عام رواجي، تڏهن ان بيماريءَ جا اهڃاڻ عام حالت ۾ ڪونه ظاهر ٿيندا آهن پر اهي صرف آڪسيجن جي بي حد ڪميءَ دوران ئي ظاهر ٿي سگهندا آهن. ان جي ابتڙ جڏهن هڪ انسان

www.sindhsalamat.com

(3) لفظن کي جملن جو روپ ڏيندي انسان جي دماغ ۾ سوچڻ ۽ غور و فکر ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي جيڪا نيٺ انساني شعور کي جنم ڏئي ٿي. جانورن ۾ نه سوچڻ جي صلاحيت آهي ۽ نه ئي شعور!

(4) انسان جانورن وانگر فطرت جو گولو غلام ۽ قيدي ناهي. هن پنهنجي شعور جي بنياد تي فطرت جا قانون ۽ راز پروڙيا آهن ۽ پنهنجون تخليقي قوتون استعمال ڪندي فطرت کي گهڻي حد تائين قابو ۾ ڪيو آهي. هو حقيقت جي ڄاڻ کي خود حقيقت بدلائڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو. هن جو شعور بامقصد ۽ بامنزل ٿئي ٿو.

(5) انسان، سماج ۾ رهندڙ جيو آهي. هونئن ٻيا جانور به ٽولن جي صورت ۾ گڏجي رهندا آهن پر انسان جي سماج ۽ جانورن جي ٽولي ۾ اهو فرق آهي ته جانورن جو گڏجي رهڻ خالص جبلتي نوعيت جو ٿئي ٿو، جڏهن ته انسانن جو گڏجي رهڻ جبلتي سطح کان مٿي به ٿئي ٿو؛ ان ۾ انسانن جي ارادن، رٿابندين، منزلن، مقصدن ۽ مامرن جو به عمل دخل ٿئي ٿو.

(6) انسان هڪ محنت ڪندڙ جيو آهي. هو فطرت کي پنهنجين ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو ۽ بدلائي ٿو. اهو عمل هو ٻين پاڻ جهڙن انسانن سان گڏجي سرانجام ڏئي ٿو.

www.sindhsalamat.com

## باب ڏهون

# ايلين مارگن جي پيش ڪيل انساني ارتقائي ڪهاڻي

تازو برطانيہ جي ارتقائي ماهر عورت ايلين مارگن، انسان جي ارتقا تي هڪ ڪتاب 'عورت جي پيدائش' (Descent of Woman) لکيو آهي، جيڪو يورپ ۾ هلندڙ عورتن جي آزاديءَ واري تحريڪ جي هڪ ڪڙي لڳي ٿو ڇو تہ ان ڪتاب ۾ هن عورت کي سموري انساني ارتقائي عمل جو 'محور' ثابت ڪرڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي آهي. هن بهرحال تمام وڏي جاکوڙ ۽ تحقيق کان پوءِ اهو ڪتاب لکيو آهي؛ سندس لکت دليلن ۽ پيش ڪيل سائنسي حقيقتن ۾ وڏي صداقت نظر اچي ٿي. هن انسان جي ارتقائي ڪهاڻيءَ جون ڪم ٿيل ڪڙيون، سائنسي تحقيق ۽ منطقي دليلن جي ڪونئر سان اهڙي تہ نموني ملايون آهن جو اها ذري گهٽ مڪمل ٿي پئي آهي. هتي اسان سندس تحقيق ڪيل انساني ارتقائي ڪهاڻيءَ جو تت پيش ڪيون ٿا، ان خيال کان تہ سندس ڪهاڻيءَ ۾ ٿيل انڪشاف هوستائين پيش ڪيل انساني ارتقائي ڪٿائن مان وڌ ۾ وڌ معقول، منطقي ۽ حقيقت ۽ سائنس جي وڌيڪ ويجهو لڳن ٿا. هن جي پيش ڪيل ان ارتقائي ڪٿا ۽ انڪشافن کي ان سلسلي ۾ هرويرو آخري، مڪمل ۽ قطعي نہ سمجهڻ گهرجي. ٿي سگهي ٿو تہ مستقبل ۾ انسان جي ارتقائي ڪهاڻيءَ جا گمشده حصا اچا بہ وڌيڪ هٿ

www.sindhsalamat.com

آهن، هميشه سمنڊ جي ڪناري تي پيل پٿرن جي شڪل جهڙا ڏٺا ويا آهن، پوءِ چاهي اهي سمنڊ جي ڪناري ڪان ڪوهين دور ئي ڇو نه لڌا ويا آهن. رکو بالدرائي انسان ئي اهڙو ٽيج-پياڪ جانور نه، هو جنهن ائين ڪيو پر هڪڙو ٻيو آبي جانور —— سامونڊي لڌڙو (Sea Otter) به آهي جيڪو پٿر کي اوزار طور استعمال ڪري ٿو. هي جانور جڏهن به ڪنهن سامونڊي آرچن (Sea Urchin) لاءِ ٽٻي هڻندو آهي تڏهن هو پنهنجي هڪ هٿ ۾ پٿر کنيو ويندو آهي. هو پاڻيءَ پر ترندو آهي، پٿر کي پنهنجي پيٽ مٿان جهليندو آهي ۽ پيٽ تي پيل خول کي ان پٿر سان پيچي وجهندو آهي.

## (٤) انسان جي جسم تان وار ڪيئن ڇڻيا ؟

اسان جي ان باندر پاڻ، جنهن اڪتي هلي انسان جو روپ ورتو، ڪجهه عرصو سامونڊي پاڻيءَ ۾ گذاريو نه اهترو عرصو جو سندس جسم تي موجود وار هن لاءِ عذاب بڻجڻ لڳا. جنهن ڪري هو انهن کي ڇاڻڻ لڳو. ڏٺو ويو آهي ته اهي ٿڻائتا جانور جيڪي پاڻيءَ جي دنيا ڏانهن واپس وري ويا آهن ۽ اتي ڪافي عرصو ترسيا آهن، خاص ڪري سخت گرم موسمن ۾ ته اهي پنهنجي جسم جا وار هڪ خالص فطري عمل طور وڃائي ويٺا آهن. آلي بج (Fur) زمين جي مٿاڇري تي ڪنهن به ڪم جي ڪانه هوندي آهي ۽ پاڻيءَ اندر وري اها ترڻ جي تيزي گهٽائيندي آهي. اهڙي طرح اها اوائلي بجري باندرياڻي عورت هڪ ننڱي عورت ۾ بلڪل ساڳئي سبب ڪري تبديل ٿيڻ شروع ٿي جنهن سبب ڪري ٻلهڻ ( Porpoise ) هڪ ننڱي مڇي نما ٿڻائتي جانور (Cetacean) ۾ ڦري وئي، دريائي گينڊو (Hippopotamus)، ننڱي کرن واري جانور ۾ تبديل ٿي ويو، سامونڊي ڳئون (Manatee) ننڱي سائرينين (Sirenian) ۾ بدلجي وئي. پاڻيءَ اندر جيئن جيئن هن جي وارن جي گهاٽي بج غائب ٿيڻ لڳي، تيئن تيئن هوءَ وڌيڪ فرحت محسوس ڪرڻ لڳي ۽ اهڙي نموني هن سمورو

www.sindhsalamat.com

## (١٠) انسان ۽ ٻين جانورن جي جذباتي اظهار يا تاثرن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

انسان ۽ سنڌس برادريءَ جي ٻين جانورن (Primates) ۾ جذباتي اظهار جي لحاظ کان ڪافي هڪجهڙايون آهن. ڊارون ان مسئلي تي هڪ پورو ڪتاب — 'انسان ۽ جانورن ۾ جذبن جو اظهار' لکيو ۽ انسان کي سنڌس گروهه جي ٻين جانورن سان ڀيٽڻ وقت هن کي ٻنهي ڌرن جي وچ ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙاين نظر آيون، جن هن جي کوجنا کي وڌيڪ هٿي ڏني ته انسان ۽ باندر کي هڪ 'مشترڪ پيڙهي' (Common Ancestry) آهي. انسان ۽ باندر جي وچ ۾ جذباتي تاثرات جي حوالي سان هيٺيون هڪجهڙايون آهن:

— سور ۾ رڙيون ڪرڻ
— غصي ۾ ڳاڙهو ٿي وڃڻ ۽ ڦڙڪڻ (Flush)
— ڏڪڻ مهل اوٻاسيون ڏيڻ
— ڇهنبڙي پائڻ تي دبرڻ
— ڀؤ ۾ ٿڙڪڻ
— پيار وقت ڀاڪر پائڻ
— وڙهڻ مهل ڏند ڏيکارڻ
— حيران ٿيڻ وقت پرون مٿي کڻڻ.

پر جنهن تاثر ڊارون کي مشڪل ۾ وڌو سو اهو هو جيڪو رڳو انسان جي ميراث هو، رڳو هن ۾ ئي پيدا ٿيو هو ۽ اهو تاثر هو پرونءَ ۾ گهنج وجهڻ (Frown) جو، جيڪو هڪ خاص مشڪ — (Corrugator occuli) جي حرڪت ڪري پيدا ٿيندو آهي. هي تاثر هڪ انسان ۾ تڏهن ظاهر ٿيندو آهي جڏهن هو ڪنهن مشڪل، بي‌چيني يا بي‌تابيءَ واري ڪيفيت ۾ ڦاٿل هوندو آهي. باندر ان تاثر ڏيڻ کان قاصر آهي. انسان ۾ هن مخصوص تاثر جي پيدائش جو سبب هي هو ته 'باندرائي' انسان اڳ پنهنجي زندگي وڻن ۾ گذاريندو هو جتي وڻن جي پنن ڪري

www.sindhsalamat.com

چوٽيءَ تي ڳنڊ ٺهندي آهي ۽ اتان ڪنڌ ڏونڻ تي هيٺ ڳڙندي رهندي آهي. بدني بناوت جي ماهرن (Anatomists) کي انهن نڪ وارن غدودن جي ڪافي عرصي کان خبر هئي پر ۱۹۵۷ع تائين ڪين اها خبر نه پئجي سگهي ته اهي غدود هڪ سامونڊي جانور ۾ ڇو موجود هجن ٿا؟ جنهن ڪري هنن هاڻي سامونڊي پکين جي هڪ دفعو ٻيهر ڇنڊڇاڻ ڪرڻ شروع ڪئي. هنن ڏٺو ته سامونڊي ٽيريپن (Terrapin) ۾ اها خاصيت موجود آهي ته جڏهن هو لوڻياٺو پاڻي پيئي ٿو ته ڳوڙها به لوڻياٺا ٿي ڳاڙڻ لڳي ٿو. هنن ساڳي واردات سامونڊي ڪُمي (Logger head Turtle) ۾ به دريافت ڪئي. ساڳئي نموني هن بدنام زمانه محاورو "واڳونءَ جيان ڪوڙا ڳوڙها ڳاڙڻ" به رکو تازي پاڻيءَ ۾ رهندڙ واڳونءَ تي ٺهڪي اچي ٿو، ڇو ته اسان کي خبر آهي ته نه-روئيندڙ واڳون، وهندڙ پاڻيءَ ۾ رهندڙ واڳون (Fresh water Crocodile) ٿي هوندا آهن، جڏهن ته کاري پاڻيءَ ۾ رهندڙ واڳون واقعي به روئيندا آهن؛ هنن ۾ وڏا نڪ وارا غدود موجود هوندا آهن ۽ هو لوڻياٺا ڳوڙها ڳاڙيندا آهن.

اهڙيءَ طرح وهندڙ پاڻيءَ ۾ رهندڙ نانگ ۽ سمنڊ ۾ رهندڙ نانگ الڳ ٿيندا آهن؛ خشڪيءَ تي رهندڙ ڪرڙي ۽ سامونڊي ڪرڙي هڪٻئي کان مختلف ٿينديون آهن. مطلب ته هنن جانورن جي هر سامونڊي قسم ۾ تمام سٽريل نڪ وارن غدودن جي جوڙي موجود هوندي آهي، جن جي ترتيب مختلف جانورن ۾ مختلف هوندي آهي. بهرحال عام طور اهي هنجون هاريندڙ غدود، اکين، ڇهنبن يا نڪن جي نزديڪ موجود ڏٺا ويا آهن. هاڻي اچو ته انسان جي جسم جو جائزو وٺون ۽ ڏسون ته سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ رهڻ ڪري هن ۾ ڪا اهڙي تبديلي آئي؟! سمنڊ ۾ رهڻ ڪري ان باندرائي انسان ۾ به اها ساڳي تبديلي آئي جيڪا ٻين سامونڊي جانورن ۾ آئي آهي. يعني اها ته هن به سمنڊ جي پاڻيءَ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ لوڻياٺا ڳوڙها ڳاڙڻ شروع ڪيا. انسان

www.sindhsalamat.com

سمنڊ ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ سال گذارڻ کان پوءِ ارتقا پذير باندرائي انسان هڪ دفعو ٻيهر خشڪيءَ تي اچڻ لڳو. هو ندين جي ڪنارن سان لڳ مٿي آهستي لڳو. هينئر هن کي خشڪيءَ تي اچڻ ۾ ايڏو ڀؤ نہ ٿي رهيو هو ڇو تہ هن دفعي:

(١) ڌرتي خوراڪ ۽ پناهہ گاهن سان ڀريل هئي.

(٢) هو جسم ۾ ڪافي ڀاري ۽ وڏو ٿي چڪو هو.

(٣) هو اوزار ٺاهڻ ۽ استعمال ڪرڻ سگهي چڪو هو.

(٤) هو هر شيءِ کي ڪاٽڻ ۽ واپرائڻ سگهي ورتو هو.

اهڙي طرح انساني نسل آفريڪا کان ٻاهر هن ڌرتيءَ جي ٻين ان ڇاتل خطن ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ لڳو. يورپ ۽ ايشيا ۾ انسان ان ئي لاڏائي سبب پهتو.

www.sindhsalamat.com

# مددي ڪتاب


| | | |
|---|---|---|
| (1) | Naked Ape: | by Desmond Morris |
| (2) | Descent of woman | Elaine Morgan |
| (3) | Origin of Specie | Charls Darwin |
| (4) | Animal Biology | Jordan and Negam |
| (5) | Text book of Zoology | Sher Mohd: |
| (6) | Encyclopaedia | Brittanica |
| (7) | Life-Sciene | J.S. Medawar |
| (8) | Global Ecology | M. I. Budyko |
| (9) | Difference between a man and woman | Theo Lang |
| (10) | Origin of family, Private property and the State | Engels |
| (11) | Marxist Philosophy | A. P. Sheptalin |
| (12) | History of World | J. M. Roberts |
| (13) | وحشي جيوت جا نشان | هاورڊ موڊر |
| (14) | انسان بڙا ڪيسي بنا | ادارو ترقي، ماسڪو |
| (15) | جادو ۽ سائنس | سر جيمس جارج فريزر |
| (16) | ماهوار 'سائنس' | سنڌ سائنس سوسائٽي |
| (17) | مستقبل ڪا انسان | آئزي لوري |
| (18) | زمين ڪي سرگزشت | |
| (19) | مارڪس ۽ اينگلس | چونڊ لکڻيون جلد- ٽيون |
| (20) | ذهنِ انساني ڪا ارتقا | جان هرمن رنڊل |
| (21) | سياسي معاشيات | ليف ليونتيف |
| (22) | ماضي ڪي مزار | سبط حسن |


www.sindhsalamat.com

# ڪتاب ۾ ڪم آيل انگريزي لفظ

| | |
|---|---|
| Cell | جيو-گهرڙو/ خليو |
| Unicellular Organisms | هڪ-گهرڙيا جيو |
| Multi Cellular Organisms | گهڻ-گهرڙيا جيو |
| Angio-sperms | گل دار ٻوٽا |
| Gymno sperms | بنا گلَ ٻجدار ٻوٽا |
| Primates | انساني برادريءَ وارا جانور |
| Gene | پيدائشي ذرڙو يا جيڻ |
| Chromosome | پيدائشي لڙهي |
| Replication | پاڻ پڻو ڪرڻ جو عمل |
| Physiology | حياتياتي سرگرمي |
| Enzyme | حياتياتي مددگار |
| Binary Fission | اڌو اڌ ٿيڻ جو عمل |
| Variability | مختلفپڻو |
| Palaeontology | پنڊ پهڻي علم |
| Anthropology | علم الانسان |
| Fossil | پنڊ پهڻ يا پٿرايل ڍانچو |
| Ontogeny | جسماني اوسر جو عمل |
| Recapitulation | پيڙهي ورجائڻَ جو عمل |
| Mutation | ڦيرڦار |
| Era | جُڳ |
| Epoch | زمانو |
| Period | دور / عرصو |
| Shrew | ڪانوڙي ڪوڏو يا ڇڇري |
| Crab | ڪيڪڙو |
| Porpoise | ٻُلهڻ |
| Ungulata | کُرن وارا جانور |

www.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| Heredity | وراثت جو عمل |
| Ecology | حياتياتي ماحول |
| Vertebrate | ڪرنگهي دار جانور |
| Invertebrate | بنا ڪرنگهي جانور |
| Class | جماعت |
| Order | فرقو |
| Genus | قسم |
| Species | جنس، ذات يا نسل |
| Pisces | مڇيون |
| Amphibians | جل ڀومي جانور |
| Reptiles | ريڙهياڪ جانور |
| Mammals | ٿڻائتا جانور |
| Aves | پکي |
| Protozoa | اوائلي جانور |
| Posifera | سوراخدار جانور |
| Cnidaria | ٻه-تها جانور |
| Platyhelminths | چٽيل ڪينئان |
| Aschelminths | گول ڪينئان |
| Annelids | قاڪن وارا ڪينئان |
| Arthropoda | چانگها جانور |
| Mollusca | ڪونڊرا ڪوپيدار جانور |
| Echinodermata | ڪهُرا جانور |
| Tissue | گهرڙن جو ميڙ/تاندورو |
| Photosynthesis | روشنائي ترڪيب |
| Embryology | ڳيڀڙن جو علم |
| Palaelithic | اوائلي پٿر جو زمانو |
| Mesolithic | وچون پٿر جو زمانو |
| Neolithic | نئون پٿر جو زمانو |

www.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| Oestrous Cycle | جنسي ڦيرو |
| Phyletic Evolution | ٻڻائتي ارتقا |
| Phenetic Evolution | مقداري ارتقا |
| Reflex | خودڪار ردعمل |
| Nucleic Acids | مرڪزي تيزاب |
| Amino acids | پروٽيني تيزاب |
| Metabolism | ڀڃ - گهڙ جو عمل |
| Aerobic | هواباش |
| Anaerobic | غير هواباش |
| Progeny | ٻچا |
| Recessive | موڪو يا ماٺيڻو |
| Dominant | طاقتور |
| Adaptation | مطابقت يا ناهه |

www.sindhsalamat.com

# غلطنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٠ | ٤ | جٹين | جيٹن |
| ١٠ | ١٠ | سمجهي | سمجهجي |
| ١١ | ١٣ | تردو | تردد |
| ٢٥ | ١٨ | پيچ - گهر | پيچ - گهڙ |
| ٣٣ | ٢٢ | اصليت | اهليت |
| ٣٦ | ٨ | اها | اهي |
| ٣٦ | ٢٢ | HO2 | $H_2O$ |
| ٣٧ | آخري | ته | ته |
| ٤٥ | ١٧ | افزائشي نسل | افزائش نسل |
| ٤١ | ١٠ | وجود | وجود ۾ |
| ٤٢ | ٢٤ | جيئو جو | جيئو |
| ٤٥ | ٢٦ | هو ته | ته هو |
| ٤٦ | ١٦ | پاڻ - پريا | پاڻ - پرا |
| ٤٩ | ١٢ | حرڪات | حرڪت |
| ٥١ | ٣ | جنيس | خسيس |
| ٥٣ | ٥ | Evoiutlon | Evolution |
| ٥٥ | ٨ | ليمرنس | ليمرس |
| ٥٨ | ٥ | وڏيڪ | وڏيڪ بهتر |
| ٥٩ | ٣ | بوفاني | برفاني |
| ٥٩ | ٢١ | ۾ وڏيڪ | وڏيڪ ۾ |
| ٦٤ | ٢٨ | غضوا | عضوا |
| ٦٦ | ١٤ | Erustaceans | Crustaceans |
| ٦٧ | ٧ | اڪيلو | اڪيلي |
| ٦٧ | ١٩ | ڏي | ٿي |

www.sindhsalamat.com

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٧٢ | ١٣ | نشانيون | نشانتو |
| ٧٢ | ٢٤ | ۽ | ۽ مختلف |
| ٧٤ | ١٢ | ڪرنگي | ڪرنگهي |
| ٧٥ | ١١ | پويان | پويون |
| ٧٧ | ٩ | گهڻ - پيچيده | گهٽ پيچيده |
| ٨٢ | ٧ | چنگهون | اڳيون چنگهون |
| ١٠٣ | ٦ | چُهي | ڇُهي |
| ١٠٥ | ٢٥ | دور جي | دور |
| ١٠٨ | ٢٠ | عرصي ۽ | عرصي تي |
| ١٢١ | ١٦ | ..... سان گهري مشابهت | انهن هيٺن جي نزديڪ ترين ڪنڊ تي موجود جانورن سان گهري مشابهت |
| ١٢٤ | ٢ | چنڊجڙ | چيچڙ |
| ١٢٥ | ١١ | عملن | علمن |
| ١٢٧ | ١٢ | سائنس بهتر..... | سائنس بهتر مطابقت پيدا ڪرڻ واسطي بدلائيندو رهندو آهي ۽ اهي |
| ١٢٨ | ٢٦ | ٽيون | پيون |
| ١٣٢ | ١٢ | آفريڪا | آمريڪا |
| ١٣٣ | ٢٤ | مصنف | منصف |
| ١٤٨ | ٨ | ماڻ ۽ ان | ماڻ پيءُ ۽ انهن |
| ١٥٥ | ١٧ | سا ٻه | ٻه |
| ١٦٢ | ٢٧ | جو | ڇو |
| ١٦٤ | ١٦ | تڻي | ڪري |
| ١٦٥ | ١٠ | Vertiges | Vestiges |
| ١٦٦ | ٩ | Palytzpic | Polytypic |
| ١٧٠ | ٩ | ڀهرين | ڀهريان |

www.sindhsalamat.com

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٧٠ | ١٣ | رهڻ | رمڻ |
| ١٧١ | ٨ | Famig | Family |
| ١٧٤ | ٥ | جانورن | جانورن کان |
| ١٨٨ | ١٢ | ٢٠٠ سي سي | ١٢٠٠ سي سي |
| ١٩٩ | ١٢ | مسئلن | مملن |
| ٢٠٣ | ١٨ | حياتي | حيو تياتي |
| ٢٠٦ | ١٢ | وين | وٽن |
| ٢٠٦ | ١٢ | فائيل | رفائيل |
| ٢١٣ | ١٥ | وجود | وجود ۾ |
| ٢٢٤ | ١٩ | باشعور | شعور |

www.sindhsalamat.com

# اداري طرفان ايندڙ ڪتاب

## (١) گل چانگ جي ڊائري

آڪٽوبر ١٩٧٩ع ۾ سنڌي هاري ڪميٽيءَ جي ڪانفرنس ۾ تقرير ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس قيد ڪيو ويو. ان قيد ۾ گهاريل گهڙين ۽ پنهنجي زندگيءَ جو حسين، عجيب غريب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ عظيم پورهيت جو عظيم داستان.

## (٢) انگولا جي آزادي

ڊاڪٽر فيروز جي اردو ڪتاب "انگولا ڪي آزادي" جو بهترين، سليس ۽ عوامي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر غفار قاضيءَ جو بهترين ترجمو.

## (٣) تاريخ ويٽنام ورڪرز پارٽي

ويٽنامي عوام جو فرانسيسي، جپاني ۽ عالمي آمريڪي سامراج سان مقابلو، ڪيل ڪارناما، حڪمت عمليون ۽ پاليسين جو رنگين داستان، جيڪو اردوءَ مان ڊاڪٽر علي گل ميتلو ترجمو ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل ـ پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماٺِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پڪَ ڄاڻو ته اُهو بِه ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر - گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوي، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو ته ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)